سال (18) اربع 22 اپريل 2026ع 04 ذوالقد 1447ھ صفحا 6 - ملھ 30 ويہہ شمارو (210)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت

حيدرآباد

Regd: NO-2430-B

68 YEAR 1958 - 2026

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277

Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) اربع 22 اپريل 2026ع 04 ذوالقد 1447ھ صفحا 6 - ملھ 30 ويہہ شمارو (247)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Wednesday 22nd April 2026

سال (18) اربع 22 اپريل 2026ع 04 ذوالقد 1447ھ صفحا 6 - ملھ 30 ويہہ شمارو (210)

جنگبنديءَ ۾ وڌيڪ واڌ نٿو چاهيان، ايران جو معاملو وڏي ڊيل سان ختم ٿي ويندو: آمريڪي صدر ٽرمپ جي دعويٰ

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگبندي 22 اپريل جي صبح 4 لڳي 50 منٽن تي ختم، پاڪستان واڌ جي تجويز ڏئي ڇڏي

ايران طرفان اسلام آباد امن ڳالهين ۾ شرڪت لاءِ تصديق جو انتظار آهي، ايران طرفان امن ڳالهين ۾ شرڪت لاءِ اڃا تائين باظابطا جواب ناهي مليو، ٽرين سان رابطن ۾ آهيون: وفاقي وزير اطلاعات

پاڪستان سفارتڪاري ۽ ڳالهين جي عمل کي اڳتي وڌائي رهيو آهي، ٻن هفتن جي جنگبندي ختم، ٿيڻ کان اڳ ڳالهين ۾ شرڪت بابت ايران جو فيصلو انتهائي اهم آهي

اسان ايران سان معاملن کي ڪاميابي سان سنڀالي رهيا آهيون، ڳالهين ۾ مضبوط پوزيشن ۾ آهيون، ايران جي ناڪابندي ڪامياب رهي آهي، اسان وٽ ان معاملي تي وڌيڪ وقت ناهي: صدر

آمريڪا ضرورت پوڻ تي فوجي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ مڪمل طور تيار آهي، ايران جي معاملي ۾ تڪڙ ۾ ڪو فيصلو نه ڪندس، جنگبنديءَ ۾ وڌيڪ واڌ نٿو چاهيان، ايران جو معاملو وڏي ڊيل سان ختم ٿي ويندو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سڌ سماءَ واري وفاقي وزير عطا الله تارڙ چيو ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ جنگبندي پاڪستاني وقت موجب 22 اپريل جي صبح 4 لڳي 50 منٽن تي ختم ٿي وئي آهي. سماجي رابطن ويب سائيٽ ايڪس تي ڪيل پوسٽ ۾ عطا الله تارڙ چيو ته ايران طرفان اسلام آباد امن ڳالهين ۾ شرڪت لاءِ تصديق جو انتظار آهي ايران طرفان امن ڳالهين ۾ شرڪت لاءِ اڃا تائين باظابطا جواب ناهي مليو وفاقي وزير چيو ته پاڪستان ٺياڪو طور ايراني اختيارين سان مسلسل رابطي ۾ آهي پاڪستان سفارتڪاري ۽ ڳالهين جي عمل کي اڳتي وڌائي رهيو آهي ٻن هفتن جي جنگبندي ختم ٿيڻ کان اڳ ڳالهين ۾ شرڪت بابت ايران جو فيصلو انتهائي اهم آهي. ٻئي پاسي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

تهران: ايراني ڪٽنب جون عورتون ۽ ٻارڙيون اسرائيلي حملي ۾ شهيد ٿي ويل جوڙي جو فوٽو کڻي هنجون هاري رهيون آهن

صدر آصف زرداري پاران اڳوڻي گورنر ڪامران ٽيسوري جي والده جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي جو رجحان، 100 انڊيڪس 959.09 پوائنٽس جي اضافي ڪانپوءِ 173155.79 پوائنٽس تي بند

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڱاري ڏينهن تيزي جو بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

آءِ ايم ايف اينڊڙ قسط جي منظوري لاءِ 11 نوان شرط لاڳو ڪري ڇڏيا، بجلي ۽ گئس اگهن ۾ واڌ جو به مطالبو

اسلام آباد کي پيپرا جي ظابطن ۾ ترميم ڪرڻي پوندي ته جيئن سرڪاري ادارن کي اربين روپين جا ٺيڪا بند مقابلي جي ڏيڻ ۾ حاصل ترجيح ختم ڪري سگهجي: آءِ ايم ايف

ولاءِ 2026ع کان گيس جي اگهن ۾ هر ڇهن مهينن ڪانپوءِ ۽ جنوري 2027ع کان بجلي جي اگهن ۾ سالياني بنيادن تي ٺيرقار ڪئي ويندي: ٽرين ۾ اتفاق ڪيو ويو

ولاءِ 2026ع کان گيس جي اگهن ۾ هر ڇهن مهينن ڪانپوءِ ۽ جنوري 2027ع کان بجلي جي اگهن ۾ سالياني بنيادن تي ٺيرقار ڪئي ويندي: ٽرين ۾ اتفاق ڪيو ويو

مالي سال 2026-27 ۾ بجلي ۽ گيس ٻنهي جي قيمتن ۾ واڌ اٽڪر هوندي، نئين اسٽرڪچرل بينچ مارڪ تحت حڪومت اسپيشل اڪنامڪ زونز ۽ اسپيشل ٽيڪنالاجي زونز سان لاڳاپيل قانونن ۾ ترميم تي به اتفاق

آءِ ايم ايف جو ايگزيڪيوٽو بورڊ اينڊڙ مهيني 7 ارب ڊالر جي اي ايف ايف پروگرام تحت ٽئين جائزي جي پورائي ۽ چوٿين قسط جي جاري ٿيڻ جي منظوري تي غور ڪندو: پاڪستاني اختيارين

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان لاءِ 1.2 ارب ڊالر جي اينڊڙ قسط جي منظوري لاءِ آءِ ايم ايف 11 نوان شرط لاڳو ڇڏيا آهن جن تحت اسلام آباد کي پيپرا جي ظابطن ۾ ترميم ڪرڻي پوندي ته جيئن سرڪاري ادارن کي اربين روپين جا بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت ۽ فيلڊ مارشل جي تاريخي ڪردار سبب پاڪستان جي ساک بحال ٿي رهي آهي: نواز شريف

مسلم ليگ ن جي صدر نواز شريف جي صدارت هيٺ گلگت بلتستان پارلياماني بورڊ جو اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

پارٽي قائد جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ وزيراعظم شهباز شريف ۽ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار به شرڪت ڪئي

گلگت بلتستان کي مسلم ليگ ن کان وڌيڪ ڪيرڇاڻي ٿي مسلم ليگ ن گلگت بلتستان ۾ خدمت ڪئي آهي: نواز شريف

15 سالن کان ڪي پي ۾ ڇا ٿي رهيو آهي ڇا ڪو سڪ جو ساهه کڻي رهيو آهي، ڇا عوام صحت جي سهولتن کان محروم آهي

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف چيو آهي ته وزيراعظم شهباز بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ کي بهتر بنائڻ بابت ڪلجاڻي ٿي رهي آهي

پاڪ بحريه پاران "تيمور" ڪروز ميزائل جو ڪامياب تجربو

تجربو پاڪ سامونڊي فوج جي صحيح نشاني تي وار ڪرڻ جي صلاحيت جو مظهر قرار

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪ بحريه طرفان اينٽي شپ ويپن سسٽم تيمور ايئر لانچڊ ڪروز ميزائل جو ڪامياب تجربو بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

لبنان ۽ اسرائيل وچ ۾ ڳالهين جو ٻيو دور خميس تي ٿيندو: آمريڪي پرڏيهي وزارت

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي پرڏيهي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پرڏيهي وزير جي سعودي هم منصب سان فون تي ڳالهه ٻولهه

پائيدار امن ۽ استحڪام جي لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ گڏيل رابطن تي پڻ ڳالهايو

سعودي پرڏيهي وزير پاڪستان جي مسلسل امن جي ڪوشش کي ساراهيو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڪالهه اڱاري ڏينهن سعودي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان السعود سان ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه ڪئي ٻنهي اڳواڻن بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم سان آمريڪي ناظر الامور جي ملاقات، آمريڪا ايران ڳالهين کان آگاهي

پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان پاڪستان ۾ آمريڪي سفارتخاني جي ناظر الامور نيٽلي اي بيڪر ملاقات ڪئي

پاڪستان خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام جي لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري کي واحد موثر رستو سمجهي ٿو: اسحاق ڊار

اسحاق ڊار ٻنهي ڌرين کي جنگبندي ۾ توسيع تي غور ڪرڻ ۽ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري کي موقعو ڏيڻ جي اپيل ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان پاڪستان ۾ آمريڪي سفارتخاني جي ناظر الامور نيٽلي اي بيڪر ملاقات ڪئي ملاقات ۾ تازي علائقائي صورتحال تي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: جرمني جي سفير اينا ليپل فيصل آباد چيمبر آف ڪامرس جي دوري جي موقعي تي واپارين سان ڳالهائي رهي آهي

غزه ۾ اسرائيل جا حملا 5 فلسطيني شهيد

سينٽرل غزه جي البريج ڪيمپ تي اسرائيلي فوج حملو ڪيو

خان يونس جي اولهندي علائقي ۾ پڻ حملو، وڌيڪ 3 ماڻهو شهيد

راملا (اي پي پي) غزه پٽي ۾ اسرائيل جي فضائي حملن ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج فلسطيني شهيد ٿي ويا آهن انهن جي تصديق فلسطين جي صحت کاتي ڪئي آهي پرڏيهي ميڊيا موجب طبي ذريعن ٻڌايو ته سينٽرل غزه جي البريج ڪيمپ تي اسرائيلي حملي جي نتيجي ۾ هڪ شخص بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڀارت جي چيف آف ڊفينس اسٽاف پاران سندور آپريشن ۾ بدترين شڪست جو اعتراف

ڀارت جي چيف آف ڊفينس اسٽاف جي غير پُراعتماد باڊي لينگوئج شڪست کاڌل ذهنيت ظاهر ڪري ٿي

فضائي فوج ۾ اٿرائتي هم آهنگي جو فقدان ئي سندور آپريشن ۾ ڀارت جي تاريخي بدناميءَ جو سبب بڻيو

اسلام آباد (اي پي پي) ڀارت جي چيف آف ڊفينس اسٽاف سندور آپريشن ۾ بدترين شڪست جو اعتراف ڪيو آهي سندور آپريشن ۾ عبرتناڪ شڪست لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش طور تي ڀارتي چيف آف اسٽاف ڪِل جوڳا بيان ڏئي رهيو آهي تفصيل موجب ڀارت جي چيف آف بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو گورنر نهال هاشمي سان گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي وڏي وزير مراد علي شاهه جو اجلاس، 140 ارب رپين جي PSDP روڊ منصوبن جو جائزو

بوليليٽي لائن جي منتقلي، بجلي جي ٿنڀن جي لاڏلاڻ ۽ حدبخلين جي خاتمي سميت سموربون رڪاوٽون فوري طور تي ختم ڪيو وڃي: وڏو وزير

روڊن جا هي منصوبا اسان جي معيشت لاءِ لائف لائن آهن، انهن کي وقت تي مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي ان جو فائدو ملي سگهي

بنيادي ڍانچي جي ترقي سنڌ جي ترقياتي حڪمت عملي جو مرڪزي نقطو آهي، هن چيو ته بهتر روڊن جو مطلب بهتر رابطو بهتر معيشت آهي

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ 2025-26 جي PSDP 2026-27 لاءِ روڊن وفاقي پبلڪ سيڪٽر ڊولپمينٽ پروگرام (PSDP) اسڪيمن جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو ۽ اينڊڙ حڪمت عملي کي حتمي شڪل ڏني وئي جنهن ۾ روڊن جي بنيادي ڍانچي علائقائي رابطن ۽ معاشي ترقي تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ هن بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

منشيات فروشن ۽ اسٽريٽ ڪرمنلز خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي: اي آءِ جي

تعليمي ادارن ۾ "زيرو ٽالرنس پاليسي" تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي

آن لائن منشيات نيٽ ورڪن کي هر صورت ۾ ختم ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان جي صدارت هيٺ ڪراچي پوليس آفيس ۾ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ڊي آءِ جي ايڊمن ٽرئل ڊي آءِ جيز ڊي آءِ جي سي آءِ اي، ضلعي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

تيمور ايئر لانچڊ ڪروز ميزائل تجربو قومي دفاع ۾ هڪ اهم سنگ ميل آهي: وڏو وزير

پاڪ نيوي پنهنجي مهارت ۽ دفاعي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندي ملڪ جو نالو روشن ڪيو آهي

سائنسدانن ۽ انجنيئرن کي ٻه هن شاندار ڪاميابي تي خراج تحسين پيش ڪيان ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه پاڪ بحريه (پاڪستان نيوي) کي ميزائل جي ڪامياب تجربي تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي آهي وزيراعليٰ سنڌ چيو ته "تيمور ايئر بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ايران-آمريڪا ڳالهيون: اسلام آباد ۾ سيڪيورٽي جا غيرمعمولي انتظام، ڪيئي رستا سيل

راولپنڊي ۽ اسلام آباد جي مکيه رستن تي پوليس، رينجرز، ايف سي ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار مقرر

مختلف ناڪن تي سخت چيڪنگ ڪئي پئي وڃي ۽ ريڊ زون ڏانهن ويندڙ رستا مڪمل بند ڪيا ويا: اختياريون

جاڙن شهرن اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ هيوي، ڪمرشل ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي داخلا تي بندش، بليوايريا جزوي طور ڪليل

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهين جي ٻئي مرحلي جي تيارين جي سلسلي ۾ وفاقي راڄڌاني اسلام آباد ۾ سيڪيورٽي جا غير معمولي انتظام ڪيا ويا آهن راولپنڊي ۽ اسلام آباد جي مکيه رستن تي پوليس، رينجرز، ايف سي ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار مقرر آهن مختلف ناڪن تي سخت بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڳالهين دوران تهران جي آڳر ٽرگر تي هوندي ۽ دفاعي فورسز مڪمل تياري هونديون: ايران

اسان جي سامهون ٻه حڪمت عمليون آهن، پهرين جنگ جي ۽ ٻي سفارتڪاري جي حڪمت عملي آهي

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني حڪومت جي هڪ ترجمان سرڪاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اسڪائي ڳالهين دوران ڳالهين دوران تهران جي آڳر ٽرگر تي ۽ دفاعي فورسز مڪمل تياري جي حالت ۾ هونديون. پنهنجي بيان ۾ فاطمه مهاجراني ان ڳالهه جي نه واضح تصديق ڪئي ۽ نه ئي ترديد ڪئي ته ڇا ايران بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

حڪومت اقتصادي سڌارن جي ايجنڊا تي عمل ڪري رهي آهي: ناڻي وزير

جي ايس پي پلس سهولت يورپي يونين جي معاشي ناتن جو هڪ اهم ٿنڀ آهي: سينيٽر محمد اورنگزيب

عالمي ڪيپيٽل مارڪيٽن سان بهتر رابطن جي شروعات سان سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ واڌ ٿي رهي آهي

حڪومت چٽاڀيٽي وڌائڻ، سيڙپڪاري جي دهڪري کي هٿي وٺرائڻ ۽ واپاري موقعن کي وسعت ڏيڻ تي ڌيان ڏئي رهي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته جي ايس پي پلس سهولت يورپي يونين جي معاشي ناتن جو هڪ اهم ٿنڀ آهي ڪلي معيشت مستحڪم آهي عالمي ڪيپيٽل مارڪيٽن سان بهتر رابطن جي شروعات سان سيڙپڪارن جي اعتماد بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار ۽ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ترقي ماڻيندڙ پوليس عملدارن کي اسٽار لڳائي رهيا آهن

پارٽي اڏامن لاءِ پاڪستاني فضائي حدن جي بندش ۾ 24 مئي تائين واڌ

اسلام آباد (اي پي پي) ڀارتي اڏامن لاءِ پاڪستاني فضائي حدن جي بندش ۾ 24 بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڊاڪٽر سارنگ قتل جو پاءَ جي فرياد تي ڪيس داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ڊاڪٽر سارنگ جي قتل جو ڪيس سندس پاءَ جي مدعيت ۾ ٿاڻو آرٽلري ميدان ۾ قتل جي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد کي عالمي معيار جو شهر بنائڻ ۽ فائيو اسٽار هوٽلز جي تعمير جو فيصلو

وفاقي گهرو وزير جي صدارت هيٺ سي ڊي اي هيڊ ڪوارٽرز ۾ هڪ اعليٰ سطح جو اجلاس منعقد ٿيو

اسلام آباد کي عالمي معيار جو شهر بنائڻ لاءِ ڪيترن ئي وڏن ۽ اهم ترين فيصلن جي منظوري ڏني وئي

گهرو وزير سياحت ۽ سيڙپڪاريءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ "زيرو ٽيڪس" تي ٻڌل نئين هوٽل پاليسي جوڙڻ جا حڪم جاري ڪيا

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو وفاقي وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ سي ڊي اي هيڊ ڪوارٽرز ۾ هڪ اعليٰ سطح جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ اسلام آباد کي عالمي معيار جو شهر بنائڻ لاءِ ڪيترن ئي وڏن ۽ اهم ترين فيصلن جي منظوري ڏني وئي اجلاس ۾ ڳاديءَ واري هنڌ اسلام آباد ۾ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي سياسي اڳواڻن جو ڪامران ٽسوري جي والده جي وفات تي ڏک جو اظهار

وڏي وزير مراد علي شاهه سميت مختلف اڳواڻن جي تعزيت، مرحومه جي مغفرت جون دعائون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اڳواڻن خالد مقبول صديقي ڊاڪٽر فاروق ستار صوبائي وزير ضياءَ الحسن لنجار بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ پوليس جي 17 آفيسرن لاءِ رينڪ پننگ تقريب

وزير داخله ضياءُ الحسن لنجار پاران آفيسرن کي واڌايون، ذميوارين ۾ واڌ جو اظهار

ايس ايس پيز ۽ ٻين اعليٰ آفيسرن سميت 17 اهلڪارن کي ترقيون ڏنيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ سنڌ پوليس جي 17 اعليٰ آفيسرن لاءِ رينڪ پننگ تقريب منعقد ڪئي وئي وزير داخله سنڌ ضياءَ الحسن لنجار هن سادي مگر پروقار تقريب جا بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جو ترقياتي منصوبن ۾ تيزي لاءِ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ اٿارٽي کي نوس قدم کڻڻ جو حڪم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ملڪ ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي ذريعي ترقياتي منصوبن ۾ تيزي آڻڻ جي لاءِ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

ملڪ ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي ذريعي ترقياتي منصوبن ۾ تيزي آڻڻ لاءِ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ اٿارٽي ۾ ن واڳيل نظام ڪي وڌيڪ نوس بڻائڻ جي اصولي منظوري ڏني

وزيراعظم پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي ذريعي ترقياتي منصوبا شروع ڪرڻ جي حوالي سان لاڳاپيل وزارتن ۽ ادارن جي صلاحيت ۾ بهتري آڻڻ جي هدايت ڪئي

اجلاس ۾ خطي ۽ عالمي سطح تي مختلف ملڪن ۾ لاڳو پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي ماڊلز جي پيش ڪئي وئي اجلاس کي تجويز ڪيل نئين نظام جي مقصدن تي پڻ بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي ذريعي ترقياتي منصوبن ۾ تيزي آڻڻ جي لاءِ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ اٿارٽي (پي ٿري اي) ۾ ان سان واڳيل نظام کي وڌيڪ نوس بڻائڻ جي اصولي منظوري ڏئي ڇڏي آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران ڪالهه اڱاري ڏينهن جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ ملڪ ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي ذريعي ترقياتي منصوبن ۾ تيزي آڻڻ جي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سکر: ريلوي وارو وفاقي وزير حنيف عباسي ۽ صوبائي وزير ناصر شاهه روهڙي ريلوي اسٽيشن کي جديد بنائڻ جي منصوبي جي افتتاح بعد دعا گهري رهيا آهن

ڪراچي: پاڪستان اسٽيل ملز ۾ اربين رپين جي منظم چوري جو اسڪينڊل بي نقاب

ايف آءِ اي جي اينڪوائري ۾ مشينري، ڪيبلز ۽ اسڪراپ بنا گيٽ پاس ٻاهر ڪڍڻ جو انڪشاف

36ٽن سرڪاري مواد سان ڀريل ٽرالرن جي برآمدگي، اندروني ملي ڀڳت جا ثبوت هٿ

ڪيس کي دٻائڻ جي ڪوشش جو به شڪ، ايف آءِ اي پاران وڌيڪ گرفتاريون متوقع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان اسٽيل ملز ۾ اربين رپين جي منظم چوري جو اسڪينڊل بي نقاب ايف آءِ اي جي وڏي اڳڀرائي پاڪستان اسٽيل ملز ۾ اربين رپين جي منظم چوري جو وڏو اسڪينڊل سامهون بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير جي سنگين ڏوهن ۾ ملوث ڏوهاري جي گرفتاري تي ايس ايس پي جيڪب آباد کي شاباشي

ڪراچي/جيڪب آباد (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار بدنام زمانه ۽ سنگين ڏوهن ۾ ملوث ڏوهاري جي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان مير ذوالفقار ٽالپر جي ملاقات

ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي کي ميونسپل ڪميٽي بنائڻ واري معاملي ۾ اڳڀرائي

ملاقات ۾ ڏگهڙي جي مسئلن کان آگاهه ڪيو ويو، وڏي وزير پاران مسئلا حل ڪرائڻ جي خاطري

ڏگهڙي (ن ع) ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي جي چيئرمين مير ذوالفقار علي خان ٽالپر جي وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه سان وزيراعليٰ هائوس ڪراچي ۾ خصوصي ملاقات، جنهن ۾ ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڏگهڙي: ٽائون ڪميٽي چيئرمين مير ذوالفقار ٽالپر وڏي وزير کي گلدستو ڏيندي

سيد اويس قادر شاهه پاران اڳوڻي گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري جي والده جي وفات تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه پاران اڳوڻي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ميئر مرتضيٰ وهاب جو شهر جو دورو، ترقياتي منصوبن جو جائزو

صدر ٽائون کان ڪورنگي ٽائون مختلف علائقن جو معائنو ڪم جي رفتار تيز ڪرڻ جو حڪم

ٻاڻي جي ڪرنا رنائڻ جي سمري سنڌ جي وڏي وزير کي موڪلي ڇڏي آهي: مرتضيٰ وهاب

شهرين کي سهولتون فراهم ڪرڻ اولين ترجيح آهي، باڊيہ عظيم شهر جي بهتري لاءِ قدم کڻي رهيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب شهر ۾ جاري ترقياتي منصوبن جو جائزو وٺڻ لاءِ رات دير تائين بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

لاهور: سنجيدا جا عالمي اڳواڻ گورنر هائوس پنجاب گورنر سردار سليم حيدر سان گڏ بيٺل آهن

ڪراچي ڪورنگي ۾ برقع پوش هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل

ملائي هوٽل پرسان برقع پوش موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن فائرنگ شروع ڪري ڏني

گولين لڳڻ سبب ياسين ولد امين موقعي تي ئي مارجي ويو، لاش اسپتال منتقل

ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي، مقتول جي ڪنهن سان ذاتي دشمني نه هئي: وارث

ڪراچي (بيورو رپورٽ) زمان ٽائون جي علائقي ڪورنگي سو ڪوارٽر سيڪٽر 50/C ۾ ملائي هوٽل پرسان برقع پوش موٽرسائيڪل سوارن اندڌاڌند فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ شخص بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد جو چڙيا گهر جو دورو، جانورن جي سنڀال بهتر ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد ڪراچي چڙيا گهر جو دورو ڪيو ۽ جانورن جي خوراڪ، سنڀال ۽ بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

شهدادپور ۾ تيز رفتار ٽرالر جي ٽڪر ۾ نوجوان نينگر چيپاڻجي فوت

بس ٽرمينل اڏي وٽ حادثي ۾ ٽنڊوالهيار واسي فهيم ڀڙ فوت ٿي ويو

علائقي واسين ٽرالر ڊرائيور کي سوگهو ڪري لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور بس ٽرمينل اڏي وٽ تيز رفتار ٽرالر جي ٽڪر ۾ نوجوان نينگر چيپاڻجي فوت ٿي ويو هالا چوڪ کان موٽرسائيڪل ۽ ٽرالر اچي رهيا هئا ته ٽرالر جي ڊڪ تان سليپ ٿيڻ دوران نينگر ٽرالر هيٺان اچي فوت ٿي ويو سندس سڃاڻپ ٽنڊوالهيار واسي فهيم ڀڙ ولد بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ ويگو گاڏي شهرين مٿان چڙهي وئي، 3 فوت، 8 ڄڻا زخمي

هالا ناڪا هٽڙي ٿاڻي جي حد ۾ تيز رفتار ويگو گاڏي روڊ تي بيٺلن مٿان چڙهي وئي

حادثي سبب احسن ۽ راول موقعي تي فوت، سوني، فيضان، هريش، شڪر دين ۽ بشير زخمي

موقعي تي نامعلوم ماڻهن ويگو کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو، مظاهرين جي پوليس سان ڇڪتاڻ

پوليس هوائي فائرنگ پڻ ڪئي، لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، ويگو ڊرائيور زرنواز پٺاڻ گرفتار

حيدرآباد (رپورٽ مختيار برفت) حيدرآباد ۾ تيز رفتار ويگو گاڏي شهرين مٿان چڙهي وئي 3 فوت جڏهن ته 8 ماڻهو زخمي ٿي پيا نامعلوم ماڻهن ويگو کي باهه ڏئي ڇڏي پوليس پاران مجريل ماڻهن مٿان بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ويگو حادثي ۾ زخمي ٿيل اسپتال ۾ داخل آهن ٻئي طرف فوتين جا لاش

نوابشاهه ٿاڻي جي لاڪ اپ ۾ چوري الزام ۾ گرفتار نوجوان فوت، وارثن جو احتجاج

بي سيڪشن ٿاڻي جي لاڪ اپ اندر چوري الزام ۾ گرفتار ارشد پٺي پراسرار نموني فوت ٿي ويو

جوابدار لاڪ اپ جي واش روم ۾ ڳچيءَ ۾ ڦاهو ڪائي آپگهات ڪري ڇڏيو آهي: ايس ايس پي سمير نور چنا

ارشد کي بيگناهه گرفتار ڪري ٿاڻي تي سخت تشدد جو نشانو بڻائي قتل ڪيو ويو آهي، انصاف ڪيو وڃي: وارث

نوابشاهه (رپورٽ مشرف پٺي) بي سيڪشن ٿاڻي جي لاڪ اپ ۾ مبينا طور چوري جي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ خوراڪ کاتي ۾ وڏي ڪارروائي، ڪرپشن ۾ ملوث 6 فوڊ انسپيڪٽر برطرف

برطرف ڪيل آفيسرن ۾ شريف پٺو، ممتاز جتوئي، بشير مگسي، خالد نصيب ۽ محمد علي شامل

جيڪو به آفيسر سرڪاري ڪڻڪ يا حڪومتي امانت ۾ خيانت ڪندو ان خلاف ڪارروائي ٿيندي: مخدوم محمد الزمان

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو) صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان جي هدايت تي سنڌ خوراڪ کاتي ۾ بدعنوائي غبن ۽ سرڪاري ڪڻڪ جي اسٽاڪ ۾ ڪوٽ جهڙن سنگين معاملن خلاف وڏو بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

شيخوپوره ۾ سونا سينٽر جي تقريب منعقد، هارين لاءِ ٽريڪٽر سميت انعام ورهايا ويا

وفاقي وزير رانا تنوير حسين تقريب ۾ مهمان خاص طور تي شرڪت، سونا سينٽرن جي وسيع نيٽ ورڪ جي قيام جي تعريف

سونا سينٽر جي رجسٽرڊ فارمر جناب شهباز حسين پٺي کي ڊرا ذريعي هڪ ٽريڪٽر ڏنو ويو

سونا سينٽر مصنوعي ذهانت تي ٻڌل ڊجيٽل پليٽ فارمن ذريعي هارين کي خدمتون فراهم ڪرڻ ۾ پڻ اڳڀرو آهي: فيضان الرحمان صديقي

شيخوپوره (بيورو رپورٽ) سونا سينٽر پاران شيخوپوره ضلعي جي هارين لاءِ مزيد ۾ "سونا سي هي سسٽين ايبل" پروگرام تحت هڪ ڪامياب انعام ورهائڻ واري تقريب منعقد ڪئي وئي هي تقريب بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سيوهڻ جي سمر نالي ۾ وهنجندي نينگر ٻڏي فوت، گهر ۾ ڪهرام

درگاهه جمن جتي وٽ 15 ورهين جو ڏيشان ولد حاجي پپو اوٺو ٻڏي ويو

انتظاميا مقامي ٽوبن جي مدد سان 5 ڪلاڪن بعد لاش هٿ ڪري وارثن حوالي ڪيو

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ جي درگاهه جمن جتي ويجهو سمر نالي ۾ وهنجندي 15 سالن جو نينگر ڏيشان ولد حاجي پپو اوٺو ٻڏي فوت بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ٻنون لڳ ڪئنال ۾ وهنجندي ٽي ٻارڙيون ٻڏي ويون، 2 ڀينرون فوت

ڳوٺ صديق سومرو ۾ ڀڄاري ڪينال ۾ وهنجڻ دوران هڪ ٻي کي بچائيندي 3 معصوم ٻارڙيون ٻڏي ويون

ڏهه سالن جي نمرا عرف ناديہ ۽ 12 ورهين جي ندا ٻڏي فوت ٿي ويون، زويا سومرو کي بچايو ويو

ڪئنال مان لاش ڪڍي اسپتال منتقل ڪيا ويا، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر پهچڻ تي ڪهرام

ڏڙو (ن ع) ٻنون لڳ هانءَ ڏاريندڙ واقعو...!! ڀڄاري ڪينال ۾ وهنجندي 3 معصوم شاديءَ جون خوشيون ماتم ۾ تبديل بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڏڙو: واهه ۾ ٻڏي فوت ٿي ويل ٻن ٻارڙين جا لاش

بقايا 1 آءِ ايم ايف

ٽيڪا بنا مقابلي جي ڏيڻ ۾ حاصل ترجيح ختم ڪري سگهجي. حڪومت آءِ ايم ايف سان ان ڳالهه تي به اتفاق ڪيو آهي ته جولاءِ 2026ع کان گيس جي اگهن ۾ هر ڇهن مهينن ڪانپوءِ ۽ جنوري 2027ع کان بجلي جي اگهن ۾ سالياني بنيادن تي ڦيرڦار ڪئي ويندي، جنهن مان واضح ٿئي ٿو ته مالي سال 2026-27 ۾ بجلي ۽ گيس ٻنهي جي قيمتن ۾ واڌ اٽل هوندي. نئين اسٽرڪچرل بينچ مارڪ تحت حڪومت اسپيشل اڪنامڪ زونز ۽ اسپيشل ٽيڪنالاجي زونز سان لاڳاپيل قانونن ۾ ترميم تي به اتفاق ڪيو آهي جنهن تحت مالي مراعتون مرحليوار ختم ڪيون وينديون ان ڪانسواءِ نيب آرڊيننس ۾ ترميم ڪندي ۽ ايف بي آر ۾ آڊٽ ڪيسن جي چونڊ جو مرڪزي نظام آندو ويندو اهي قدم فنانس بل 2026 موجب هوندا ۽ منافعي تي ٻڌل سهولتن کي لاڳت تي ٻڌل نظام ۾ تبديل ڪيو ويندو جڏهن ته سمورين مراعتون 2035 تائين ختم ڪيون وينديون سي پيڪ تحت ڏنيون ويندڙ سمورين مالي مراعتون به 2035 تائين ختم ڪيون وينديون پي پي آر اي قانونن ۾ ترميم سيپٽمبر 2026 تائين ايندڙ بجيٽ جي منظوري ڪانپوءِ ڪئي ويندي آءِ ايم ايف جو ايگزيڪيوٽو بورڊ ايندڙ مهيني 7 ارب ڊالر جي اي ايف ايف پروگرام تحت ٽئين جائزي جي پورائي ۽ چوٿين قسط جي جاري ڪرڻ جي منظوري تي غور ڪندو.

بقايا 2 نواز شريف

شريف جي قيادت، اسحاق ڊار جي سهڪار ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي تاريخي ڪردار سبب پاڪستاني سائي پاسپورٽ جي عزت بحال ٿي رهي آهي. مسلم ليگ ن جي صدر نواز شريف جي صدارت هيٺ گلگت بلتستان پارلياماني بورڊ جو اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ وزيراعظم شهباز شريف ۽ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي نواز شريف چيو ته گلگت بلتستان کي مسلم ليگ ن کان وڌيڪ ڪير ڄاڻي ٿو. مسلم ليگ ن گلگت بلتستان ۾ خدمت ڪئي آهي. هن چيو ته مسلم ليگ ن هر شعبي ۽ هر محاذ تي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي، وفاق پنجاب ۾ وڏي چڙهي ڪم ٿي رهيو آهي. ٻين صوبن کي به ڀيٽ ڪرڻ گهرجي. سنڌس چوڻ هو ته 15 سالن کان ڪي پي ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟ ڇا ڪو سک جو ساهه کڻي رهيو آهي؟ خيبرپختونخوا ۾ 15 سالن کان اقتدار ۾ موجود پارٽي ڪهڙو فلاحي ڪم ڪري رهي آهي. خيبرپختونخوا جو عوام صحت جي سهولتن کان محروم آهن نواز شريف چيو ته سفارتي سطح تي پاڪستان جو نالو بلند ٿيو آهي 1998ع ڪانپوءِ اڄ هڪ ڀيرو ٻيهر وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت، اسحاق ڊار جي سهڪار ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي تاريخي ڪردار سبب پاڪستاني سائي پاسپورٽ جي عزت بحال ٿي رهي آهي. ملڪ لاءِ بهترين ڪردار ادا ڪيو پيو وڃي، الله پاڪستان کي عزت ڏئي رهيو آهي.

بقايا 3 آمريڪي پرڏيهي وزارت

وزارت جي هڪ عهديدار جو چوڻ آهي ته اسرائيل ۽ لبنان وچ ۾ سفيرن جي سطح تي ڳالهين جو ٻيو دور هلندڙ هفتي خميس تي ٿيندو پرڏيهي ميڊيا موجب عهديدار جو چوڻ آهي ته آمريڪا 14 اپريل کان شروع ٿيندڙ تعميري رابطن جي آجيان ڪري ٿو ان مطابق آمريڪا لبنان ۽ اسرائيل جي حڪومتن وچ ۾ سڌي ريت ۽ نيڪ نيتي تي ٻڌل ڳالهين ۾ سهولت فراهم ڪندو رهندو گذريل هفتي اسرائيل ۽ لبنان وچ ۾ 1993 کان پوءِ پهريون ڀيرو سڌي ريت ڳالهيون ٿيون هيون انهن ڳالهين ۾ ٽياڪڙي ڪندڙ آمريڪي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو چيو هو ته هي حزب الله جي اثر رسوخ جي خاتمي لاءِ هڪ تاريخي موقعو آهي.

بقايا 4 ڪامياب تجربو

ڪيو ويو آهي. آءِ ايس پي آر موجب، ڪروز ميزائل جو تجربو پاڪ سامونڊي فوج جي صحيح نشاني تي وار ڪرڻ جي صلاحيت ۽ آپريشنل تياريءَ جو طاقتور مظهر آهي ايئر لانچڊ ڪروز ميزائل پنهنجي مشن کي نهايت درستگي سان مڪمل ڪيو. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته ان تجربي دشمن جي سامونڊي خطرن جي ڳولا ڪرڻ، نشانو بڻائڻ ۽ ان کي ناڪارا بنائڻ جي پاڪ بحريه جي جنگي صلاحيتن جي توثيق ڪئي آهي پاڪ بحريه طرفان هي تجربو قومي دفاعي صلاحيتن ۾ اهم واڌاري جي علامت آهي صدر آصف علي زرداري، وزيراعظم شهباز شريف، چيف آف ڊفينس فورسز سيد عاصم منير ۽ سروسز چيفس سائنسدانن ۽ انجنيئرن کي ڪامياب تجربي تي مبارڪباد پيش ڪئي.

بقايا 5 آگاهي

خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته پاڪستان سڀني تڪرارن ۽ مسئلن جي حل ۽ خطي ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام جي لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري کي واحد مؤثر رستو سمجهي ٿو هن آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ رابطا وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ٻنهي ڌرين کي جنگبندي ۾ توسيع تي غور ڪرڻ ۽ ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري کي موقعو ڏيڻ جي اپيل ڪئي ناظم الامور نيٽلي اي بيڪر خطي ۾ امن جي فروغ ۽ ڳالهه ٻولهه ۾ سهولتڪاري جي لاءِ پاڪستان جي تعميري ۽ مثبت ڪردار کي ساراهيو.

بقايا 6 جائزو

اجلاس ۾ منصوبابندي ۽ ترقي جي وزير جام خان شورو، ورڪس اينڊ سروسز جي وزير حاجي علي حسن زرداري، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه، سيڪريٽري ناڻو فياض جتوئي، سيڪريٽري ورڪس نواز سوهو، وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جلال، سيڪريٽري آبپاشي ظريف کهڙو ۽ ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي 140 ارب رپين جو پورٽ فوليو وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته روڊن جي بنيادي ڍانچي جا پنج وڏا منصوبا جن جي مجموعي لاڳت 140.9 ارب رپين کان وڌيڪ آهي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ خرچن جي ڀاڱي واري بندوبست (cost-sharing) تحت هلي رهيا آهن انهن ۾ 36 ڪلوميٽر سنڌ ڪوسٽل هائي وي جي واڌ، 150 ڪلوميٽر روهڙي - گڊو بئراج روڊ جي بهتري، 314 ڪلوميٽر ٽنڊوالهيار - ٽنڊو آدم روڊ کي ٻه طرفو ڪرڻ، 135 ڪلوميٽر مهراڻ هائي وي (نوابشاهه - رانيپور) کي ٻه طرفو ڪرڻ ۽ 221 ڪلوميٽر سانگهڙ - روهڙي (N-5) روڊ جي بهتري شامل آهن وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته ڪيترن ئي اسڪيمن تي نمايان جسماني اڳڀرائي حاصل ڪئي وئي آهي جڏهن ته ٻين ٽينڊرنگ يا شروعاتي مرحلي ۾ آهن هن مالي سال ۾ هيل تائين 17.94 ارب رپيا جاري ڪيا ويا آهن ۽ مجموعي خرچن ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي. مراد علي شاهه ڪم کي تيز ڪرڻ تي زور ڏنو ۽ سمورن کاتن کي هدايت ڪئي ته هو يوٽيليٽي لائنن جي منتقلي، بجلي جي ٿنڀن جي لڏپلاڻ ۽ حدبندين جي خاتمي سميت سمورين رڪاوٽون فوري طور تي ختم ڪن هن چيو ته انتظامي يا فني مسئلن سبب دير ناقابل قبول آهي سمورن لاڳاپيل کاتن کي پاڻ ۾ رابطو رکڻ گهرجي ۽ پڪ ڪرڻ گهرجي ته اهي منصوبا مقرر وقت اندر مڪمل ٿين هن خاص طور تي عملدارن کي هدايت ڪئي ته سوئي گيس پائپ لائنن بجلي جي بنيادي ڍانچي ۽ واهن (watercourses) جي منتقلي کي تيز ڪيو وڃي جيڪي منصوبن تي اثرانداز ٿي رهيا آهن وڏي وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته تعميراتي معيار تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو وڃي هن چيو ته روڊن جا هي منصوبا اسان جي معيشت لاءِ لائف لائن آهن انهن کي پائيدار بڻائڻ گهرجي ۽ وقت تي مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي وڌ کان وڌ فائدو ملي سگهي هن وڌيڪ چيو ته بهتر روڊن جي بنيادي ڍانچي سان واپار وڌندو سفر جو وقت گهٽبو ۽ سڄي سنڌ ۾ زراعت، صنعت ۽ علائقائي رابطن کي هٿي ملندي نئين PSDP 2026-27 لاءِ تجويزون حتمي اجلاس ۾ ايندڙ PSDP 2026-27 لاءِ اهم تجويزن جو پڻ جائزو ورتو ويو ۽ انهن جي توثيق ڪئي وئي جن ۾ جيڪب آباد بائي پاس کان ڪنڌڪوٽ تائين اضافي ڪيريج وي (100 ڪلوميٽر)، ٺٽو - سجاول - بدين روڊ کي ٻه طرفو ڪرڻ (112 ڪلوميٽر)، ۽ دادو کان ڊرگهي براستہ اهم اسٽيشنن تائين ٻه طرفي روڊ (84 ڪلوميٽر) شامل آهن وڏي وزير چيو ته انهن منصوبن سان لاڙ ۽ اتر سنڌ ۾ رابطن ۾ نمايان بهتري ايندي، مال جي اچ وڃ ۾ آساني ٿيندي ۽ خاص طور تي زراعت، ماهيگيري ۽ ساحلي واپار ۾ معاشي سرگرمين کي هٿي ملندي مراد علي شاهه نوٽ ڪيو ته بنيادي ڍانچي جي ترقي سنڌ جي ترقياتي حڪمت عملي جو مرڪزي نقطو آهي هن چيو ته بهتر روڊن جو مطلب بهتر رابطو مضبوط مارڪيٽون ۽ اسان جي ماڻهن لاءِ بهتر معيشت آهي اهي منصوبا نوان معاشي موقعا پيدا ڪندا ۽ پسمانده علائقن جي حالت سڌاريندا پنهنجي حڪومت جي عزم کي ورجائيندي وڏي وزير سمورين PSDP اسڪيمن جي سخت نگراني جي هدايت ڪئي ۽ کاتن کي فنڊن جي مؤثر استعمال کي يقيني بڻائڻ جو حڪم ڏنو هن آخر ۾ چيو ته اسان نتيجا ڏيڻ لاءِ پرعزم آهيون هر منصوبي کي سنڌ جي عوام لاءِ حقيقي معاشي ۽ سماجي فائدن ۾ تبديل ٿيڻ گهرجي.

بقايا 7 اي آءِ جي

ايس ايس پيز ۽ ٻين سينئر آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس دوران منشيات فروشن، اسٽريٽ ڪرمنلز خاص طور تي تعليمي ادارن جي آس پاس سرگرم عناصر، آن لائن منشيات نيٽ ورڪس ۽ گٽڪا/ماوا خلاف جاري ڪارروائين جو تفصيلي جائزو ورتو ويو پوليس چيف واضح هدايتون جاري ڪندي چيو ته منشيات فروشن ۽ اسٽريٽ ڪرمنلز خلاف بنا ڪنهن امتياز ۽ فوري ڪڙڪ ڪارروائي ڪئي وڃي تعليمي ادارن ۾ "زيرو ٽالرنس پاليسي" تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي جڏهن ته آن لائن منشيات نيٽ ورڪن کي هر صورت ۾ ختم ڪيو وڃي گٽڪا/ماوا جي مڪمل خاتمي ۽ هوائي فائرنگ خلاف به "زيرو ٽالرنس" اختيار ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون سڀني آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي ته هو پنهنجن علائقن ۾ فوري، مؤثر ۽ واضح نتيجا هر صورت ۾ يقيني بڻائين.

بقايا 8 وڏو وزير

لانچڊ ڪروز ميزائل' جو ڪامياب تجربو قومي دفاع ۾ هڪ اهم سنگ ميل آهي هن چيو ته پاڪستان نيوي پنهنجي پيشهورانه مهارت ۽ دفاعي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪندي ملڪ جو نالو روشن ڪيو آهي سيد مراد علي شاهه ملڪ جي سائنسدانن ۽ انجنيئرن کي به هن شاندار ڪاميابي تي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته هي پيش رفت پاڪستان جي دفاعي صلاحيتن ۾ نمايان واڌارو آڻيندي هن چيو ته هي ڪاميابي پاڪستان جي بحري حدن جي تحفظ کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندي، ۽ پاڪستاني فوجون هر محاذ تي ملڪ جي دفاع لاءِ مڪمل طور تي تيار آهن وزيراعليٰ سنڌ وڌيڪ چيو ته پاڪستان نيوي جي پيشهورانه صلاحيتن تي پوري قوم کي فخر آهي ۽ دشمن جي ناڪام ارادن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ پاڪستان جي دفاعي تياري مڪمل آهي.

بقايا 9 زخمي

فائرنگ خبر موجب ڪالهه حيدرآباد جي هالا ناڪا هٽڙي ٿاڻي جي حد ۾ تيز رفتار ويگو گاڏي روڊ تي بيٺلن مٿان چڙهي وئي جنهن سبب ٻه نوجوان 24 سالن جو احسن ولد عمر 20 سالن جو راول ولد رميش موقعي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا جن ۾ سونو، فيضان، هريش، شڪر دين، بشير ۽ ٻيا شامل آهن جن مان هڪ زخمي رات دير سان فوت ٿي ويو واقعي بعد علائقي وارن سخت احتجاج ڪيو ۽ مقامي ماڻهو سون جي تعداد ۾ جمع ٿي ويا ان موقعي تي نامعلوم ماڻهن ويگو کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو اطلاع تي پوليس پهچي فائربرگيڊ عملي کي طلب ڪيو ۽ فائربرگيڊ عملو پهچڻ کان اڳ ويگو رک ٿي وئي اطلاع تي ايس ايس پي ۽ ٻيا عملدار واقعي واري جاءِ پهتا ۽ احتجاج ڪندڙن سان ڳالهيون ڪيون ان موقعي تي ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي جنهن پوليس پاران هوائي فائرنگ ڪئي جنهن سبب علائقو ميدان جنگ بڻجي ويو ٻئي پاسي زخمين ۽ فوتين کي سول اسپتال حيدرآباد آندو ويو جتان قانوني ڪارروائي بعد فوتين کي وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته زخمين کي داخل ڪيو ويو فوتين جا لاش گهر پهچڻ سبب ڪهرام مچي ويو پوليس موجب گاڏي ڊرائيور زرنواز پٺاڻ جي آهي، جنهن کي ذريعن موجب رات دير سان گرفتار ڪيو ويو هو.

بقايا 10 نوجوان فوت

ڪيس ۾ گرفتار نوجوان ارشد پنهي پراسرار نموني فوت ٿي ويو پوليس پاران ان واقعي کي اپگهات قرار ڏنو پيو وڃي جڏهن ته وارثن پوليس تي تشدد جا سخت الزام لڳايا آهن ايس ايس پي شهيد بينظير آباد، سمير نور چنا جو چوڻ آهي ته فوت ٿي ويل نوجوان مٿان 3 ڏينهن اڳ چوري جي ايف آءِ آر داخل ٿي هئي جنهن کي گذريل رات گجرواهه واري علائقي مان گرفتار ڪيو ويو هو ايس ايس پي موجب، جوابدار لاڪ اپ جي واش روم ۾ ڳچيءَ ۾ ڦاهو کائي اپگهات ڪري ڇڏيو آهي لاش کي مئجسٽريٽ جي نگراني ۾ پوسٽ مارٽم لاءِ پيپلز ميڊيڪل يونيورسٽي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي واقعي بابت ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، فيصل بشير ميمڻ واقعي جو سخت نوٽيس وٺندي انڪوائري ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي هن ڪميٽي جي سربراهي ايس ايس پي نوشهروفيروز کي ڏني وئي آهي جيڪو واقعي جي شفاف جاچ ڪري رپورٽ پيش ڪندو ٻئي طرف فوتي نوجوان ارشد پنهي جي وارثن خادم پنهي جي اڳواڻي ۾ پيپلز ميڊيڪل اسپتال جي مارچري ٻاهران احتجاج ڪرڻ بعد نوابشاهه پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا انهي موقعي تي احتجاج ڪندڙن ڳالهائيندي چيو ته ارشد کي بيگناهه گرفتار ڪري ٿاڻي تي سخت تشدد جو نشانو بڻائي قتل ڪيو ويو آهي. هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي اڻڌري جاچ ڪرائي وڃي ۽ ملوث پوليس اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 11 برطرف

ڪريڪ ڊائون ڪندي 6 فوڊ انسپيڪٽرن کي نوڪري تان برطرف ڪيو ويو آهي. خوراڪ کاتي پاران جاري ڪيل حڪمنامي موجب ڪرپشن ۾ ملوث آفيسرن خلاف سخت کاتي اندر ڪارروائي ڪئي وئي آهي ته جيئن سرڪاري ذخيرن ۾ خوردبرد، اختيارن جي ناجائز استعمال ۽ عوامي مفاد جي خلاف ڪنهن به قسم جي بدعنواني کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو وڃي. دستياب سرڪاري حڪمن موجب مختلف آفيسرن خلاف شوڪاز نوٽيس، فائنل شوڪاز نوٽيس، ذاتي ٻڌڻي ۽ رڪارڊ جي جاچ پڙتال کان پوءِ برطرفي جا حڪم جاري ڪيا ويا. برطرف ڪيل آفيسرن ۾ فوڊ انسپيڪٽر شريف پنهور، ممتاز علي جتوئي، بشير احمد مڱسي، خالد حسين مڱسي، نصيب الله بروهي ۽ محمد علي عجن شامل آهن. صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان واضح ڪيو آهي ته خوراڪ کاتي ۾ ڪرپٽ عنصرن لاءِ ڪا به جاءِ ناهي ۽ جيڪو به آفيسر يا اهلڪار سرڪاري ڪڻڪ، عوامي وسيلن يا حڪومتي امانت ۾ خيانت ڪندو ان خلاف بغير امتياز سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. خوراڪ کاتي جي جاري ڪيل حڪمن مان ظاهر ٿئي ٿو ته لاڳاپيل آفيسرن خلاف سنڌ سول سرونٽس ايفيشنسي اينڊ ڊسپلن رولز 1973 تحت ڪارروائي ڪئي وئي. ڪيترن ئي ڪيسن ۾ سرڪاري ڪڻڪ جي اسٽاڪ ۾ ڪوٽ، خردبرد ۽ مالي نقصان جا الزام ثابت ٿيڻ تي نه صرف نوڪري مان برطرفي ڪئي وئي، پر سرڪاري خزاني کي پهتل نقصان جي وصولي لاءِ به لاڳاپيل قانونن تحت هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. ڪجهه حڪمن ۾ لاڳاپيل ڊپٽي ڊائريڪٽرن کي اهو به واضح طور چيو ويو آهي ته سرڪاري نقصان جي وصولي سان گڏ ذميوار آفيسرن خلاف فوجداري ڪارروائي پڻ شروع ڪئي وڃي. صوبائي وزير چيو آهي ته بدعنواني، غبن ۽ سرڪاري وسيلن ۾ خيانت ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهي. هن چيو ته خوراڪ کاتي ۾ شفافيت، ايمانداري ۽ جوابدهي کي يقيني بڻائڻ لاءِ زيرو ٽالرنس پاليسي تحت قدم جاري رهندا. هن وڌيڪ چيو ته ڪرپٽ عنصرن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويندا ۽ سرڪاري خزاني کي ٿيل نقصان جي هر هڪ پائي جي وصولي ڪئي ويندي ته جيئن عوامي وسيلن جو مڪمل تحفظ يقيني بڻائي سگهجي. هن ڪارروائي جو مقصد صرف سزا ڏيڻ ناهي، پر سڄي کاتي ۾ احتساب، شفافيت ۽ نظم ۽ ضبط جو مضبوط پيغام ڏيڻ پڻ آهي. صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت عوام کي سستو ۽ معياري اٽو فراهم ڪرڻ، ڪڻڪ جي ذخيرن جي مؤثر حفاظت ۽ کاتي جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي. هن عزم جو اظهار ڪيو ته خوراڪ کاتي ۾ سڌارن جو عمل جاري رکيو ويندو ۽ بدعنواني ۾ ملوث ڪنهن به آفيسر يا اهلڪار سان ڪا به رعايت نه ڪئي ويندي. هن لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته اهڙن سڀني ڪيسن کي منطقي انجام تائين پهچايو وڃي ۽ مستقبل ۾ اهڙي قسم جي بي ضابطگين کي روڪڻ لاءِ نگراني جي نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻايو وڃي.

بقايا 12 انعام ورهايا ويا

ڪمپني جي هارين جي مدد ۽ سهولت لاءِ جاري ڪوششن جو تسلسل آهي تقريب دوران سونا سينٽر جي رجسٽرڊ فارمر جناب شهباز حسين پٽي کي ڊرا ذريعي هڪ ٽريڪٽر ڏنو ويو هي شروعات سونا سينٽر جي هارين کي بااختيار بڻائڻ ۽ زرعي شعبي ۾ انهن جي تعاون کي تسليم ڪرڻ جي عزم کي ظاهر ڪري ٿي سونا سينٽر زرعي ان پٽ مارڪيٽ ۾ هڪ پائيدار توازن واري قوت طور ڪم ڪري رهيو آهي، ننڍن ۽ وچولي زميندارن کي هڪ مضبوط ۽ پائيدار سپورٽ سسٽم فراهم ڪري رهيو آهي، جنهن ذريعي اهي جديد زرعي طريقن کي اپنائڻ ۽ فصلن جي پيداوار وڌائڻ جي قابل آهن سونا سينٽر اعليٰ معيار جي پاڻ، ٻج ۽ زرعي ڪيميڪل فراهم ڪندي هڪ مؤثر زرعي ماحولياتي نظام قائم ڪري رهيو آهي. جنهن تحت 300 کان وڌيڪ زرعي ماهرن جي هڪ ٽيم هارين جي رهنمائي ڪري ٿي صنفي برابري جي عزم سان، سونا سينٽر عورتن جي زرعي ماهرن کي قيادت جي ڪردارن ۾ مقرر ڪيو ويو آهي. سونا سينٽر مصنوعي ذهانت تي ٻڌل ڊجيٽل پليٽ فارمن ذريعي هارين کي صلاحڪاري خدمتون فراهم ڪرڻ ۾ پڻ اڳڀرو آهي سونا سينٽر فصلن جي انشورنس، گهٽ سود جي شرح تي بينڪ فنانسنگ تائين رسائي ۾ مدد ۽ هارين جي درن تائين پاڻ پهچائڻ جهڙيون سهولتون پڻ فراهم ڪري رهيا آهن ٻن سالن کان به گهٽ عرصي ۾، ملڪ ۾ 244 سونا سينٽر فعال ٿي چڪا آهن جيڪي عالمي رجحانن سان مطابقت رکن ٿا ۽ حڪومت ۽ ٻين پائيوارن جي تعاون سان پاڪستان ۾ زرعي طريقن کي بين الاقوامي معيارن جي مطابق آڻڻ جو مقصد رکن ٿا. قومي خوراڪ جي تحفظ ۽ تحقيق جي وفاقي وزير رانا تنوير حسين تقريب ۾ مهمان خاص طور تي شرڪت ڪئي هن فوجي فرٽيلائزر ڪمپني پاران ملڪ ڀر ۾ سونا سينٽرن جي وسيع نيٽ ورڪ جي قيام جي تعريف ڪئي ۽ ڪنٽرول ٿيل شرحن تي هارين کي معياري پاڻ ۽ ٻين زرعي ان پٽ جي بروقت فراهمي، صلاحڪاري مدد ۽ مصنوعي ذهانت تي ٻڌل رهنمائي کي ساراهه جوڳو قرار ڏنو هن زرعي شعبي جي ترقي لاءِ وفاقي حڪومت جي مختلف قدمن کي پڻ اجاگر ڪيو هن يقين ڏياريو ته وزير چيو ته وچ اوڀر ۾ صورتحال جي ڪري پيدا ٿيندڙ چئلينجن جي باوجود، حڪومت قومي خوراڪ جي سيڪيورٽي کي برقرار رکڻ لاءِ زرعي ان پٽ جهڙوڪ پاڻ، ٻج ۽ جيت مار دوائن جي بي ترتيب فراهمي کي يقيني بڻائيندي ايف ايف سي جي چيف ڪمرشل آفيسر محمد علي جنجوعو، سونا سينٽر جي ماحولياتي نظام جو تفصيلي جائزو پيش ڪيو هن چيو ته معياري زرعي ان پٽ فراهم ڪرڻ سان گڏ، 300 زرعي ماهرن ۽ فيلڊ آفيسرن جي هڪ ٽيم جديد زرعي طريقن ۽ مصنوعي ذهانت تي ٻڌل صلاحڪار خدمتن ذريعي هارين جي رهنمائي ڪري رهي آهي عورتن کي بااختيار بڻائڻ واري پروگرام تحت، مشهور يونيورسٽين مان عورت زرعي ماهرن کي خاص طور تي عورت هارين جي مدد لاءِ قيادت جي ڪردارن ۾ مقرر ڪيو ويو آهي هن وڌيڪ چيو ته سونا سينٽر زرعي ان پٽ جي گهر پهچائڻ، فصلن جي انشورنس ۽ گهٽ سود جي شرح تي زرعي قرضن تائين رسائي ۾ پڻ هارين جي مدد ڪري رهيو آهي هاري ڪمپني جي جامع فارمرز ايڊوائزري پروگرام بهتر ڪارڪردگي پاڻ دنيا ۾ معروف پاڻ ڏاهيندڙ ۽ انٽرنيشنل سان پائيداري ۽ سونا ڪسان ايپ جي لانچ بابت پڻ ٻڌايو ويو جنهن ذريعي زرعي شيون آن لائن خريد ڪري سگهجن ٿيون ان کان علاوه، جديد طريقن جهڙوڪ سيٽلائيٽ ۽ ڊرون جي مدد سان فصلن جي نگراني بابت معلومات پڻ سونا ايپ ٽيڪ سروسز تحت فراهم ڪئي وئي ته جيئن بهتر فيصلا ڪري سگهجن ۽ پيداوار وڌائي سگهجي تقريب دوران موبائيل فونن لاءِ هڪ ڊرا پڻ منعقد ڪئي وئي جيڪي ڪامياب هارين ۾ ورهايا ويا، جنهن تقريب جي جوش ۾ اضافو ڪيو سونا سينٽر جي چيف آپريٽنگ آفيسر فيضان الرحمان صديقي شرڪت ڪندڙن جو استقبال ڪيو ۽ ان عزم کي ورجايو ته سونا سينٽر حڪومت جي مدد سان جديد خدمتن ۽ مضبوط پائيداري ذريعي هارين کي معياري پاڻ، ٻج ۽ زرعي ڪيميڪل فراهم ڪندو رهندو.

بقايا 13 جائزو

مختلف علائقن جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ لاڳاپيل عملدارن کي ڪم جي رفتار تيز ڪرڻ ۽ معيار يقيني بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪيون ميونسپل ڪمشنر ڪي ايم سي ابرار جعفر بلديه عظيم ڪراچي جا عملدار ۽ صحافين جو وفد به ساڻس گڏ موجود هو دوري جي شروعات صدر ٽائون کان ڪئي وئي، جتي ميئر ڪراچي جاري ترقياتي ڪم جو معائنو ڪندي واضح ڪيو ته سڀ منصوبا مقرر وقت اندر مڪمل ڪيا ويندا. هن هدايت ڪئي ته شهر ۾ جاري سمورا ڪم هر صورت ۾ 15 جون تائين مڪمل ڪيا وڃن ته جيئن شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪري سگهجن اولڊ سٽي ايريا ۽ ميسم لي اسٽريٽ جي بحالي واري ڪم جو جائزو وٺندي هن چيو ته دوري جو مقصد ڪم جي رفتار ۽ شفافيت کي عوام آڏو آڻڻ آهي هن چيو ته لاڳاپيل روڊ ٽائون جي حدن ۾ اچي ٿو پر شهرين جي سهولت کي نظر ۾ رکندي بلديه عظيم ڪراچي ان تي ڪم ڪرائي رهي آهي. جڏهن ته انفرااسٽرڪچر جي بهتري تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو ان کان پوءِ هن ايم اي توفيق روڊ، سهيا اختر روڊ ۽ جهانگير روڊ سميت اهم شاهراهن جو دورو ڪيو ۽ جاري ڪم جو تفصيلي جائزو ورتو هن هدايت ڪئي ته منصوبا جلد کان جلد مڪمل ڪيا وڃن ۽ معيار تي خاص ڌيان ڏنو وڃي سهيا اختر روڊ بابت هن ٻڌايو ته ان منصوبي تي لڳ ڀڳ 20 ڪروڙ رپيا لاڳت اچي رهي آهي ۽ روزانو وڏي انگ ۾ شهري ان روڊ تان گذرن ٿا، تنهن ڪري ان جي بحالي انتهائي ضروري هئي هن چيو ته ڪم جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪنسلٽنٽ مقرر ڪيا ويا آهن ۽ هو پاڻ انهن منصوبن جي نگراني ڪري رهيو آهي ميئر ڪراچي ضلع اوڀر، ناظم آباد بلاڪ جي، شادمان ٽائون، نارٿ ڪراچي سيڪٽر فائيو ايل ۽ ڪورنگي ٽائون جي مختلف علائقن جو به دورو ڪيو جتي روڊن، پارڪن ۽ ٻين ترقياتي منصوبن جو جائزو ورتو ويو عظيم پوره فلاءِ اوور جي دوري دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته هي سال ترقياتي ڪم جي مڪمل ٿيڻ جو سال آهي ۽ شهر جي سمورن ٽائونز ۾ واضح بهتري نظر ايندي هن چيو ته بلديه عظيم ڪراچي هن سال لڳ ڀڳ 42 ارب رپيا ترقياتي منصوبن تي خرچ ڪندي، جڏهن ته مختلف ادارا پنهنجي پنهنجي حدن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن ته جيئن شهر جي مجموعي صورتحال بهتر ٿي سگهي هن وڌيڪ چيو ته عظيم پوره فلاءِ اوور سو ڏينهن کان به گهٽ وقت ۾ مڪمل ڪيو ويندو جڏهن ته شاهراهه ڀٽو تي به تيزي سان ڪم جاري آهي قيوم آباد کان ڪاٺور تائين روڊن جي بهتري جا منصوبا جاري آهن ۽ جلد اهم منصوبا عوام لاءِ کوليا ويندا. هڪ ٻيو منصوبو به شروع ڪيو ويو آهي جيڪو شاهراهه ڀٽو کي بندرگاهه سان ڳنڍيندو پاڻي جي فراهمي بابت هن ٻڌايو ته واٽر بورڊ حب ڊيم مان پاڻي جي ڪوٽا وڌائڻ جي سمري سنڌ جي وڏي وزير کي موڪلي ڇڏي آهي جڏهن ته حب ڊيم تي نئين ڪئنال مڪمل طور تي فعال ٿي چڪي آهي ميئر ڪراچي چيو ته بلديه عظيم ڪراچي شهر جي بهتري لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي ۽ شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ سندن اولين ترجيح آهي. جڏهن ته ترقياتي ڪم جو هي سلسلو جاري رهندو ۽ جلد شهر ۾ مثبت تبديلي نظر ايندي.

بقايا 14 اظهار

گورنر سنڌ ڪامران ٽيسوري جي والده جي وفات تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار اسپيڪر اويس قادر شاهه پاران ڪامران ٽيسوري ۽ سندس گهراڻي سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار مرحومه جي مغفرت ۽ درجن جي بلندي لاءِ دعا، اسپيڪر سنڌ اسيمبلي الله تعاليٰ مرحومه کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي، اسپيڪر اويس قادر شاهه ڏک جي هن گهڙي ۾ سوگوار خاندان سان گڏ بيٺل آهيون.

بقايا 15 ملاقات

کي ميونسپل ڪميٽي بڻائڻ واري معاملي ۾ وڏي اڳڀرائي ٿي جڏهن ته وزيراعليٰ کي ڏگهڙي شهر جا مسئلا پيش ڪيا جنهن تي وزيراعليٰ مسئلن جي حل جي خاطري ڪرائي. چيئرمين مير ذوالفقار علي خان ڏاليرو صحافين کي ٻڌايو ته هن ملاقات دوران ڏگهڙي شهر جي مختلف مسئلن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ وزيراعليٰ سنڌ انهن مسئلن کي غور سان ٻڌي سندن حل لاءِ يقين ڏهاني ڪرائي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته ڏگهڙي ۾ نامڪمل پبلڪ هيلٿ اسڪيم کي جلد مڪمل ڪرائڻ ۽ ٽائون ڪميٽي ۾ سينيٽري ورڪرز جي ڀرتي جي اجازت ڏيڻ جي درخواست پڻ ڪئي وئي، ڇاڪاڻ ته ڏگهي عرصي کان پابندي سبب صفائي جو نظام متاثر ٿي رهيو آهي جنهن تي وزيراعليٰ فوري نوٽيس وٺندي ضروري حڪم جاري ڪيا. ان کان علاوه ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي کي ميونسپل ڪميٽي جو درجو ڏيڻ بابت هڪ سال اندر خوشخبري ڏيڻ جي به نويد ٻڌائي وئي جڏهن ته چيئرمين وزيراعليٰ سنڌ کي صوبي ۾ جاري ترقياتي منصوبن، امن امان لاءِ ڪيل قدمن ۽ آبادگارن کي رڪارڊ ڀاڻ ۽ فيول سبسڊي ڏيڻ تي مبارڪباد پيش ڪندي خراج تحسين پڻ پيش ڪيو.

بقايا 16 اسٽيلز ۾ نقب

اچي ويو آهي. وزارت صنعت ۽ پيداوار پاران موصول ٿيل شڪايت تي ايف آءِ اي فوري طور انڪوائري شروع ڪئي، جنهن دوران اهم شاهديون حاصل ڪيون ويون تحقيقات موجب اسٽيل ملز مان قيمتي مشينري، ڪيبلن اسڪراپ مواد ۽ ٻيو اهم سرڪاري انفرااسٽرڪچر بنا ڪنهن گيٽ پاس جي مسلسل ٻاهر ڪڍيو ويندو رهيو جيڪو سيڪيورٽي ۽ ڊي ايس ايف اهلڪارن جي غفلت يا ممڪن ملي ڀڳت جي نشاندهي ڪري ٿو وڌيڪ اهو به سامهون آيو آهي ته 36 ٽن سرڪاري ميٽيريل سان ڀريل 22 ويلر ٽرالر جي برآمدگي هن منظم نيٽ ورڪ جي وسيع هجڻ کي ظاهر ڪري ٿي شواهد موجب هي سموري ڪارروائي هڪ منظم گروهه طرفان ڪئي پئي وئي، جنهن ۾ اندروني ملازم سيڪيورٽي اسٽاف ۽ اسڪراپ ڊيلرز جو ملي ڀڳت وارو ڪردار شامل آهي. ايف آءِ اي ابتدائي جاچ موجب معاملي بابت ايف آءِ آر داخل ٿيڻ باوجود ان کي فوري طور تي سي ڪلاس ۾ تبديل ڪيو ويو، جنهن سان ڪيس کي دٻائڻ جي ڪوشش جو پهلو به سامهون آيو آهي. جنهن کي ايف آءِ اي پنهنجي جاچ ۾ شامل ڪري چڪي آهي ايف آءِ اي موجب هن ڪيس ۾ ملوث عنصرن خلاف گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي جڏهن ته مرڪزي ڪردارن ۽ سهولتڪارن جي نشاندهي پڻ ڪئي وئي آهي. وڌيڪ گرفتاريون متوقع آهن ۽ جاچ جو دائرو وڌايو پيو وڃي واضح پيغام قومي ادارن جي لٽ مار ڪندڙن لاءِ هاڻي ڪا به رعايت نه هوندي، ايف آءِ اي مڪمل قوت سان ڪارروائي ڪري رهي آهي ۽ هر ذميوار کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو.

بقايا 17 اعتراف

ڊفينس اسٽاف جي غير پرُاعتماد باڊي لينگوئج ۽ گهٻراهٽ واري آواز شڪست کاڌل ذهنيت ظاهر ڪري ٿي ڀارت جي چيف آف ڊفينس اسٽاف انيل چوهان سندور آپريشن ۾ شڪست لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ته ايندڙ چئلينجز مختلف هوندا. اسان کي پهرين سندور کي وساري هاڻ ايندڙ سندور جي تياري ڪرڻ گهرجي ڀارت جي چيف آف اسٽاف شڪست جو ذميوار ٽيڪنالاجي کي قرار ڏنو ۽ نئين ٽيڪنالاجي کي واحد قرار ڏيڻ هرگز حقيقت پسندانو مؤقف ناهي ڀارت جي چيف آف ڊفينس اسٽاف جو پنهنجي شرمندگي مٽائڻ لاءِ ٽراءِ سروسز هم آهنگي بهتر بنائڻ جي ڳالهه ڪرڻ اصل ۾ شڪست جو کليل اعتراف آهي ماهرن موجب نئين سندور جي ڳالهه دراصل ان ڳالهه جي عڪاسي آهي ته ماضيءَ جي شڪست ۽ بوکلاهٽ کي لڪائڻ جي ڪوشش جاري آهي. فني زخمن ٽيڪنالاجي جي آڙ ۾ غير اثرائتي ڪارڪردگي کي لڪائڻ جي ڪوشش هڪ غير پيشه ورانه شرمناڪ ۽ بزدلانو طرز عمل آهي ڀارتي زميني، سامونڊي ۽ فضائي فوج ۾ اثرائتي هم آهنگي جو فقدان ئي سندور آپريشن ۾ ڀارت جي تاريخي بدناميءَ جو سبب بڻيو ڀارت عالمي اڪيلائيءَ جو شڪار آهي ان لاءِ ان نوعيت جا بيان پاڻ کي سلو ڏيکارڻ جي هڪ ناڪام ڪوشش آهن اهڙن بيانن مان واضح ٿئي ٿو ته ڀارت سندور آپريشن جي شڪست کان ڪو سبق ناهي سکيو پر ڪنهن به اڳرائي جو جواب پاڪستان طرفان انتهائي سخت، اثرائتو ۽ فيصلائتو هوندو.

بقايا 18 فلسطيني شهيد

شهيد جڏهن ته غزه سٽي ۾ هڪ ٻئي حملي ۾ هڪ شخص شهيد ۽ ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿيا. جڏهن ته ڏکڻ غزه جي شهر خان يونس جي اولهندي علائقي ۾ ٿيل فضائي حملي ۾ وڌيڪ ٻه ماڻهو شهيد ٿي ويا جن جي تصديق ناصر اسپتال جي انتظاميا ڪئي آهي اهي واقعا اهڙي وقت ۾ سامهون آيا آهن جڏهن اسرائيل ۽ حماس وچ ۾ ٻن سالن جي جنگ ڪانپوءِ آڪٽوبر ۾ آمريڪا جي ٽياڪڙي سبب جنگ بندي جو معاهدو طئي ٿيو هيو انهن جي اهم نڪتن تي عملدرآمد جي حوالي سان اڳڀرائي رڪاوٽ جو شڪار آهي.

بقايا 19 ڳالهه ٻولهه

خطي جي تازي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ پائيدار امن ۽ استحڪام جي لاءِ ڳالهه ٻولهه ۽ گڏيل رابطن جي اهميت تي زور ڏنو پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب سعودي پرڏيهي وزير ان ڏس ۾ پاڪستان جي مسلسل ڪوششن جي لاءِ سعودي عرب جي حمايت جو ورجاءُ ڪيو ٻنهي اڳواڻن ويجهي رابطي ۾ رهڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا 20 تجويز ڏئي ڇڏي

مريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته جنگبندي ۾ وڌيڪ واڌ نٿو چاهيان ايران جو معاملو وڏي ڊيل سان ختم ٿي ويندو صدر ڊونلڊ ٽرمپ آمريڪي چينل کي انٽرويو ڏيندي چيو آهي ته اسان ايران سان معاملن کي ڪاميابي سان سنڀالي رهيا آهيون. اسان ڳالهين ۾ مضبوط پوزيشن ۾ آهيون ٽرمپ جو چوڻ هو ته ايران جي ناڪابندي ڪامياب رهي آهي، اسان وٽ ان معاملي تي وڌيڪ وقت ناهي آمريڪا ضرورت پوڻ تي فوجي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ مڪمل طور تيار آهي هن چيو ته ايران جي معاملي ۾ ٽڪڙ ۾ ڪو فيصلو نه ڪندس جنگبندي ۾ وڌيڪ واڌ نٿو چاهيان ايران جو معاملو وڏي ڊيل سان ختم ٿي ويندو ٻئي طرف پاڪستان آمريڪا ۽ ايران کي تجويز ڏيندي ٻنهي ڌرين کي جنگبندي ۾ واڌ تي غور ڪرڻ جو مشورو ڏنو آهي پرڏيهي کاتي طرفان جاري ڪيل بيان موجب، آمريڪا جي وقتي ناظم الامور نيٽلي اي بيڪر اڄ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ خطي جي تازي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي بيان موجب، اسحاق ڊار چيلينجز کي منهن ڏيڻ ۽ علائقي ۾ ڊگهي مدي واري امن ۽ استحڪام حاصل ڪرڻ لاءِ ڳالهين ۽ سفارتڪاري کي واحد عمل جوڳو رستو قرار ڏيڻ بابت پاڪستان جي مستقل موقف کي اجاگر ڪيو هن آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ رابطن جي ضرورت تي زور ڏنو ۽ ٻنهي ڌرين کان جنگبندي جي مدي ۾ واڌ تي غور ڪرڻ ۽ ڳالهين ۽ سفارتڪاري کي هٿي ڏيڻ جي اپيل ڪئي.

بقايا 21 ڏک جو اظهار

زرداري سنڌ جي اڳوڻي گورنر ڪامران ٽيسوري جي والده جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي صدر مرحومه جي مغفرت ۽ درجن جي بلنديءَ لاءِ دعا ڪندي سوگوار خاندان سان دلي همدرديءَ ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ايوان صدر پاران جاري بيان موجب صدر چيو ته الله تعاليٰ مرحومه کي جنت ۾ جڳهه ڏي ۽ گهرڀاتين کي ان صدمي کي برداشت ڪرڻ جو حوصلو عطا فرمائي.

بقايا 22 بند

رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 959.09 پوائنٽس جي اضافي ڪانپوءِ 173155.79 پوائنٽس تي بند ٿيو مارڪيٽ ۾ 564 ڪمپنين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي 279 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ اضافو 165 جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ 120 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ استحڪام رهيو مجموعي طور تي 1165.25 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جنهن جي ماليت 54.94 ارب رپيا هئي. ڪي ايس اي 30 انڊيڪس 300.72 پوائنٽس اضافي ڪانپوءِ 52620.80 پوائنٽس ۽ اسلامي ماليات جو حامل ڪي ايم آءِ 30 انڊيڪس 396.98 پوائنٽس جي اضافي ڪانپوءِ 248144.37 پوائنٽس تي بند ٿيو. فيوچر ٽريڊنگ تحت 28.99 ارب رپين جا سودا طئي ٿيا. مارڪيٽ ڪيپيٽلائزيشن جو ڳاڻيٽو 5.0 سيڪڙو جي اضافي ڪانپوءِ 7.68 ارب ڊالر ٿي ويو. گذريل ڏينهن سينر جيڪو پاڪستان جي 83675094 شيئرز بئنڪ آف پنجاب جي 82480983 ۽ پاڪستان ريفائنري لميٽڊ جي 67570800 شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي يوسف ويون ملز لميٽڊ، ڪلورو پاڪستان لميٽڊ ۽ انصاري شگر ملز لميٽڊ سرفهرست ايڊوانسر ڪمپنيون رهيون.

بقايا 23 رستا سيل

چيڪنگ ڪئي پئي وڃي ۽ ريڊ زون ڏانهن ويندڙ رستا مڪمل بند ڪيا ويا آهن ڪورال کان زيرو پوائنٽ تائين ايڪسپريس وي هر قسم جي ٽريفڪ لاءِ بند آهي جڏهن ته سري نگر هاءِ وي تي به مختلف وقتن تي ٽريفڪ روڪي سگهجي ٿي ٽريفڪ پوليس جو چوڻ آهي ته جاڙن شهرن اسلام آباد ۽ راولپنڊي ۾ هيوي، ڪمرشل ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي داخلا تي بندش آهي. جي 5، 6، 7 ۽ ايف 6، 7 جا رهواسي راولپنڊي اچڻ وڃڻ لاءِ مارگلا روڊ کان نائينٿ ايونيو جو رستو استعمال ڪن ٽريفڪ پوليس موجب، پارڪ روڊ کان ڪلب روڊ بند هجڻ جي صورت ۾ ٽريفڪ ڊراموئي چوڪ ڏانهن موڙي ويندي، جڏهن ته مصروف تجارتي مرڪز بليو ايريا جزوي طور کليل آهي پوليس جو چوڻ آهي ته ريڊ زون هر قسم جي ٽريفڪ لاءِ مڪمل بند رهندو ۽ ريڊ زون کان ٻاهر تمام آفيسون ۽ ڪاروباري مرڪز کليل آهن جاڙن شهرن ۾ هلندڙ ميٽرو بس سروس مڪمل بند ڪئي وئي آهي ۽ ايندڙ هفتي تائين گهڻي ڀاڱي تعليمي ادارن ۾ ڪلاسز کي به آن لائن ڪيو ويو آهي

بقايا 24 ايران

اسلام آباد ۾ ٿيندڙ ڳالهين جي ايندڙ ٻئي مرحلي ۾ شرڪت ڪندو يا نه هن چيو ته "اسان جي سامهون ٻه حڪمت عمليون آهن پهرين جنگ جي ۽ ٻي سفارتڪاري جي حڪمت عملي آهي" سندس وڌيڪ چوڻ هو ته ايران جي ڳالهين واري ٽيم قومي مفادن تي معمولي سوديبازي به نه ڪندي".

بقايا 25 ناڻي وزير

۾ واڌ ٿي رهي آهي، حڪومت منظم ۽ مستقبل عالمي اقتصادي سڌارن جي ايجنڊا تي عمل ڪري رهي آهي هن اها ڳالهه گذريل ڏينهن هتي پاڪستان ۾ يورپي يونين جي سفير ريموندا ڪاروبلس سان ملاقات دوران چئي ناڻي واري وزير ٻڌايو ته پاڪستان ويجهڙ ۾ 4 سالن جي وقفي ڪانپوءِ يورو بانڊ ذريعي عالمي ڪيپيٽل مارڪيٽن ۾ ٻيهر قدم رکيو آهي جنهن ۾ سيڙپڪارن جي ڀرپور دلچسپي ڏسڻ ۾ آئي اها اڳڀرائي معيشت جي بهتر ٿيندڙ بنيادن جي عڪاسي آهي ۽ اها پاڪستان جي عالمي مالياتي نظام ۾ هاڪاري اڳڀرائي جي علامت آهي محمد اورنگزيب ٻڌايو ته حڪومت هڪ مختلف ڪيپيٽل مارڪيٽ حڪمت عملي تي عمل ڪري رهي آهي، جنهن ۾ آئينده لاءِ عالمي بانڊ جاري ڪرڻ ۽ جديد مالياتي ذريعا شامل آهن ته جيئن پرڏيهي مالياتي سهارو مضبوط ڪري سگهجي ۽ ڏڍادار مالي وسيلن کي يقيني بڻائي سگهجي ملاقات ۾ سفير ناڻي واري وزير کي 28 اپريل 2026ع تي اسلام آباد ۾ منعقد ٿيندڙ اعليٰ سطح جي يورپي يونين پاڪستان بزنس فورم ۾ شرڪت جي دعوت ڏني جنهن کي وزير قبول ڪري ورتو ناڻي واري وزير ان موقعي تي افتتاحي اجلاس ۾ ايندڙ "پاڪستان: مراعتن ترغيبن، سڌارن ۽ سيڙپڪاريءَ جي نئون موقعن" جي موضوع تي اهم خطاب پڻ ڪندو ناڻي واري وزير يورپي يونين طرفان عالمي ۽ مقامي ڪاروباري شخصيتن کي هڪ پليٽ فارم تي جمع ڪرڻ جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته اهڙي طرح جا قدم پاڪستان جي بهتر ٿيندڙ ڪاروباري ماحول ۽ سيڙپڪاريءَ جي موقعن کي اجاگر ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪاروباري رابطن کي هٿي ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا. ناڻي واري وزير حڪومت طرفان ڪُلي معيشت جي استحڪام برقرار رکڻ، پرڏيهي مٽاسٽا جي ناڻي جي ذخيرن کي مضبوط بڻائڻ ۽ ڍانچي جاتي سڌارن ذريعي ڏڍادار ۽ جامع ترقيءَ کي هٿي ڏيارڻ جي ڪوشش تي پڻ روشني وڌي هن ٻه طرفي ڀائيوارن جي لڳاتار سهڪار کي ساراهيندي چيو ته معاشي استحڪام لاءِ عالمي ڀائيواري نهايت اهم آهي ناڻي واري وزير پاڪستان جي پرڏيهي شعبي جي حوالي سان اميد جو اظهار ڪندي چيو ته حڪومت برآمدات وڌائڻ سيڙپڪاري جي وهڪري کي هٿي ڏيارڻ ۽ واپاري موقعن کي وسعت ڏيڻ تي ڌيان ڏئي رهي آهي ان روشنيءَ ۾ هن جي ايس پي پلس فريم ورڪ تحت اڳڀرائي جاري رهڻ جي اميد پڻ ظاهر ڪئي ۽ ان کي پاڪستان ۽ يورپي يونين جي معاشي ناتن جو هڪ اهم ٿنڀ قرار ڏنو ڌرين پاڪستان ۽ يورپي يونين وچ ۾ اقتصادي ناتن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ واپار سيڙپڪاري ۽ ڪاروباري تعاون کي هٿي وٺرائڻ جي عزم کي ورجايو.

بقايا 26 واڌ

مئي تائين وڌيڪ واڌ ڪئي وئي آهي. گذريل ڏينهن پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي پاران جاري نوٽم موجب پاڪستاني فضائي حدون ڀارت ۾ رجسٽرڊ جهازن يا ڀارتي ايئر لائينز/ آپريٽرز (فوجي اڏامن سميت) لاءِ بدستور بند رهنديون اها پابندي هاڻي 24 مئي 2026ع تائين صبح جو 4 لڳي 59 منٽن تائين هوندي.

بقايا 27 ڪيس داخل

دفعات تحت داخل ڪيو ويو آهي مدعي پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته منهنجو ڀاءُ ڊاڪٽر سارنگ حسين پنهنجي گهرواري سان گڏ سسرال کان گهر وڃي رهيو هو مدعي موجب مقتول جي گهرواري ٻڌايو ته جڏهن رڪشا شاهراهه فيصل تي مهراڻ هوٽل ويجهو پهتي ته هڪ گاڏي واري رڪشا کي زبردستي روڪيو ان کان پوءِ گاڏي مان لهندڙ هڪ نامعلوم شخص ڊاڪٽر سارنگ کي رڪشا مان هيٺ لهڻ لاءِ چيو مدعي موجب، ان ئي دوران نامعلوم هٿياربند شخص پستول ڪڍي فائرنگ ڪري ڏني، جنهن سبب منهنجو ڀاءُ سخت زخمي ٿي پيو" مدعي وڌيڪ ٻڌايو ته ڊاڪٽر سارنگ جي گهرواري فوري طور سندس ڀاءُ کي اطلاع ڏنو جنهن کان پوءِ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو علاج دوران فوت ٿي ويو مدعي موجب ڊاڪٽر سارنگ کي ٻه گوليون لڳيون پوليس موجب واقعي جي جاچ جاري آهي ۽ مختلف رخن کان تحقيق ڪئي پئي وڃي.

بقايا 28 فيصلو

جاري ترقياتي رٿائن ۽ مستقبل جي حڪمت عملي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو گهرو وزير واضح ڪيو ته حڪومت جو مقصد اسلام آباد کي هڪ مثالي شهر ۾ تبديل ڪرڻ آهي، جتي شهرين کي عالمي معيار جون جديد سهولتون ۽ تفريحي موقعا ميسر هجن ان مشن تحت مارگلا پهاڙي ويجهو هڪ هزار ايراضي تي ٻڌل هڪ وسيع ۽ جديد پارڪ تعمير ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي جيڪو شهر جي خوبصورتي ۽ ماحوليات ۾ اهم واڌ ثابت ٿيندو ان سان گڏوگڏ گهرو وزير سياحت ۽ سيڙپڪاريءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ "زيرو ٽيڪس" تي ٻڌل نئين هوٽل پاليسي جوڙڻ جا حڪم جاري ڪيا ان پاليسيءَ تحت عالمي معيار جي فرمز سان گڏيل منصوبن ذريعي نوان فائيو اسٽار هوٽلز تعمير ڪيا ويندا جڏهن ته اي او بي آءِ جي سهڪار سان تعمير هيٺ هوٽل جي منصوبي تي اڳڀرائيءَ جو پڻ جائزو ورتو ويو انتظامي سڌارن جي حوالي سان فيصلو ڪيو ويو ته اسلام آباد جي سموري ايراضي ۽ جائيدادن جو سروي آف پاڪستان ذريعي مڪمل سروي ڪرايو ويندو سي ڊي اي جي سموري نظام ۽ ڊيٽا کي مڪمل طور تي ڊجيٽلائيز ڪيو پيو وڃي، جنهن تحت ون ونڊو آپريشن تي هڪ ڊجيٽل ڊيش بورڊ متعارف ڪرايو ويندو اداره جاتي ڪارڪردگي وڌائڻ لاءِ سي ڊي اي ۾ غير ضروري آسامين کي ختم ڪرڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو ته جيئن عوامي وسيلن کي بهتر استعمال يقيني بڻائي سگهجي شهر جي سيڪيورٽي ۽ هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيپيٽل ايمرجنسي سروسز جو ڪنٽرول روم "سيف سٽي" ۾ منتقل ڪيو ويندو جنهن سان سمورا حفاظتي انتظام هڪ ئي مرڪز سان مربوط هوندا. ان کان علاوه سي ڊي اي جي آئينده سمورين نيلامين لاءِ پروفيشنل مارڪيٽنگ ڪمپنيون مقرر ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي ته جيئن وڌ سيڙپڪارن کي شفاف طريقي سان واڌ ۾ شرڪت طرف راغب ڪري سگهجي اجلاس ۾ سي ڊي اي جو چيئرمين سهيل اشرف، ميمبر ۽ ٻيا اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 29 اظهار

شرجيل انعام ميمڻ سيد ناصر حسين شاهه امتياز شيخ گيانچند ايسراڻي سميت ٻين سياسي ۽ سماجي شخصيتن پاران سابق گورنر سنڌ ڪامران ٽسوري جي والده جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ويو آهي سڀني اڳواڻن مرحومه جي مغفرت، درجات جي بلنديءَ ۽ لواحقين لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي آهي اڳواڻن چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ هو ڪامران ٽسوري ۽ سندس خاندان سان برابر جا شريڪ آهن انهن افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته والده جي وفات هڪ وڏو صدمو آهي ۽ هو سوگوار خاندان سان گڏ بيٺل آهن رهنمائن تعزيت ڪندي مرحومه جي مغفرت ۽ پوئتي رهيلن لاءِ صبر جي دعا ڪئي انهن وڌيڪ چيو ته هو ڏک جي هن وقت ۾ ڪامران ٽسوري ۽ سندس خاندان سان دلي همدردي رکن ٿا. آخر ۾ سڀني اڳواڻن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحومه کي پنهنجي جوار رحمت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ لواحقين کي صبر جميل عطا فرمائي.

بقايا 30 رينڪ پنگ تقريب

مهمان خصوصي هئا، جڏهن ته آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو تقريب جي ميزباني ڪئي. محمد علي شاهه آڊيٽوريم سي پي او ۾ منعقد ٿيل تقريب دوران وزير داخله سنڌ ۽ آءِ جي سنڌ ترقي حاصل ڪندڙ آفيسرن کي نوان رينڪ لڳايا. وزير داخله سنڌ ان موقعي تي چيو اوهان سڀني کي نئين عهدي تي واڌايون هجن هاڻي اوهان جون ذميواريون وڌيڪ وڌي ويون آهن. جن تي پورو لهڻ اوهان جي پيشهورانه صلاحيتن جو امتحان آهي ترقي حاصل ڪندڙ آفيسرن ۾ شامل آهن: ايس ايس پي سائوٿ مهزور علي، ايس ايس پي خيرپور امير سعود، ايس ايس پي شهيد بينظير آباد سمير نور، ايس ايس پي ايسٽ زبير نظير شيخ، اي آءِ جي پي فنانس سهائي عزيز، ايس ايس پي سينٽرل محمد عمران خان، مير آفتاب احمد ڏاليون، محمد اسلم راجپوت، مسرور احمد جتوئي، ايس ايس پي انٽيليجنس حسنات وقار، ايس پي اسدالله ڏاهو ۽ ٻيا آفيسر تقريب ۾ ايڊيشنل آءِ جيز ڪراچي، اسپيشل برانچ، سي ٽي ڊي، ٽريننگ، آر اينڊ ڊي سميت ٻين سينيئر آفيسرن شرڪت ڪئي سي پي او ۾ تعينات ڊي آءِ جيز، منتظر بشير احمد ڪونهارو ۽ محمد حسين جسڪاڻي به موجود هئا.

بقايا 31 حڪم

لاءِ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ وفاقي وزيرن ڊاڪٽر مصدق ملڪ، اعظم نذير تارڙ، احد خان چيما، محمد اورنگزيب، احسن اقبال، وزيراعظم جي صلاحڪار محمد علي، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. وزيراعظم ملڪ ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي ذريعي ترقياتي منصوبن ۾ تيزي آڻڻ جي لاءِ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ اٿارٽي (پي ٿري اي) ۽ ان سان واڳيل نظام کي وڌيڪ ٺوس بڻائڻ جي اصولي منظوري ڏني. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پي ٿري اي جي ڪارڪردگي کي جديد موجوده گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت ترقياتي منصوبن ۾ تيزي آڻڻ جي لاءِ هي ادارو نجڪاري ڊويزن تحت ڪم ڪندو وزيراعظم پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي ذريعي ترقياتي منصوبا شروع ڪرڻ جي حوالي سان لاڳاپيل وزارتن ۽ ادارن جي صلاحيت ۾ بهتري آڻڻ جي هدايت ڪئي هن چيو ته پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي ذريعي ترقياتي منصوبن ۾ وزارتن ۽ ادارن جي ڪارڪردگي جانچڻ (ڪي پي آئيز) جو حصو بڻايو وڃي پي ٿري اي جي ذريعي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي نظام کي وڌيڪ شفاف ۽ تيز بڻائي رهيا آهيون اجلاس ۾ خطي ۽ عالمي سطح تي مختلف ملڪن ۾ لاڳو پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي ماڊلز جي ڀيٽ پيش ڪئي وئي اجلاس کي تجويز ڪيل نئين نظام جي مقصدن تي پڻ بريفنگ ڏني وئي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته نئين نظام تحت پي ٿري اي جي نگراني نجڪاري بابت ڪابينا ڪميٽي ۽ نجڪاري ڊويزن ڪندي وزيراعظم نئين منظور ٿيل نظام جي حوالي سان عملدرآمد تي اڳڀرائي تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي.

ڪراچي سيد صدرالدين شاهه راشدي سان انور عظيم جي ملاقات

نئين ذميوارين سنڀالڻ تي انور عظيم کي مبارڪباد، پارٽي مضبوط ڪرڻ تي زور

نوجوانن کي مسلم ليگ فنڪشنل ۾ شامل ٿي شهر جي مسئلن لاءِ آواز اٿارڻ جي اپيل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صدر سيد صدرالدين شاهه راشدي سان سندس رهائشگاهه تي پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل ڪراچي ڊويزن جي نون چونڊيل صدر انور عظيم ملاقات ڪئي. ملاقات دوران سنڌ جي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم ۽ ضلع ڏکڻ جو آرگنائيزر جمشيد خان پڻ موجود هئا. سيد صدرالدين شاهه راشدي انور عظيم کي نيون ذميواريون سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏيندي اميد ظاهر ڪئي ته ڪراچي ۾ پارٽي جون تنظيمي سرگرميون وڌيڪ بهتر ٿينديون ۽ عوام سان رابطو مضبوط ٿيندو. هن چيو ته ڪراچي جي عوام خاص طور نوجوانن کي گهرجي ته هو مسلم ليگ فنڪشنل جو حصو بڻجن ۽ شهر جي مسئلن جي حل لاءِ اثرائتو آواز اٿارين. هن چيو ته موجوده حالتون عوام جي حق ۾ ناهن تنهنڪري ماڻهن کي پنهنجي حقن جي تحفظ لاءِ سجاڳ ٿيڻ گهرجي ۽ ڪرپٽ ۽ نااهل حڪمرانن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو پوندو. سيد صدرالدين شاهه راشدي وڌيڪ چيو ته 2026 تبديلي جو سال ثابت ٿيندو ۽ عوام نااهل حڪمرانن کان ڇوٽڪارو ماڻيندو. هن ڪراچي جي خراب صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته ترقياتي منصوبن لاءِ فنڊز هجڻ باوجود عملي ڪم نه ٿي رهيو آهي، شهر جون سڙڪون ۽ انفرااسٽرڪچر تباهه ٿي رهيا آهن جڏهن ته نوجوانن لاءِ حالتون وڌيڪ ڏکيون بڻايون پيون وڃن. هن نشاندهي ڪئي ته گٽڪا، آئس ۽ ماوا ۽ ٻين منشيات جو وڌندڙ استعمال نوجوان نسل لاءِ انتهائي خطرناڪ بڻجي چڪو آهي. سندس چوڻ هو ته شهر ۾ امن امان جي صورتحال پڻ خراب ٿي وئي آهي، ايتري قدر جو اسڪول ويندڙ ٻار به محفوظ ناهن. آخر ۾ هن زور ڀريو ته عوام پنهنجي ذميواري سمجهي منظم ٿئي ته جيئن ڪراچي کي ان جا جائز حق ڏيارايا وڃن.

بقايا 32 شاباسي

گرفتاري تي ايس ايس پي جيڪب آباد ۽ سندس ٽيم کي شاباس ڏني آهي. هن چيو ته آپريشن "نجات" ڌوهارين ۽ ڌاڙيلن لاءِ خوف جي علامت بڻجي چڪو آهي ۽ پوليس ڌوهارين ۽ انهن جي سهولتڪارن جي مڪمل خاتمي تائين پنهنجو آپريشن جاري رکندي. تفصيل موجب جيڪب آباد پوليس ڪارروائي ڪندي 10 لک رپين انعام يافته انتهائي گهربل ڌوهاري الله ڏنو عرف مجنو جکراڻي کي گرفتار ڪري ورتو. ايس ايس پي جيڪب آباد ڪيپٽن (ر) فيضان علي جي هدايتن تي ايس ايڇ او سٽي ٿاڻي محمد حسن ملڪ خفيه اطلاع تي ٺوڳي سبايو لنڪ روڊ تي ڪارروائي ڪندي جوابدار کي حراست ۾ ورتو. پوليس موجب گرفتار جوابدار وٽان بغير لائسنس جي پسٽول ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون آهن. جڏهن ته سندس خلاف سنڌ آرمز ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جوابدار قتل، اقدام قتل، پوليس مقابلي ۽ ڦرن سميت 12 سنگين ڪيسن ۾ گهربل هو جڏهن ته سنڌ حڪومت طرفان سندس مٿي جي قيمت 10 لک رپيا مقرر ڪئي وئي هئي. هو ضلع شڪارپور، ڪراچي جي ضلع ڪورنگي ۽ جيڪب آباد پوليس کي پڻ گهربل رهيو آهي.

بقايا 33 قتل

سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو دم ڏئي ويو. ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب مقتول جي سڃاڻپ 32 ورهين جي ياسين ولد امين طور ٿي آهي. وارثن موجب مقتول سيڪٽر 48/اتحاد ڪالوني ڪورنگي جو رهواسي ۽ ٽن ٻارن جو پيءُ هو. هو قشري ۾ مڇي جي فيڪٽري جو ٺيڪيدار هو ۽ ايم ڪيو ايم پاڪستان ڪورنگي يوسي 8 جو علائقائي ذميوار پڻ هو. عيني شاهدن ٻڌايو ته هڪ موٽرسائيڪل تي ٻه ڄڻا آيا، جن مان هڪ هيلمٽ پاتل هو جڏهن ته ٻيو برقعو پاتل هو. برقعو پوش جوابدار هيٺ لهي بي ترتيبي فائرنگ ڪئي. گوليون ياسين جي مٿي ۾ لڳيون ۽ جڏهن هو بچڻ لاءِ ڀڄڻ لڳو ته پٺيان ڪمر تي به فائر ڪيا ويا. جوابدارن جي مدد لاءِ ٻي موٽرسائيڪل تي ٻه ڄڻا موجود هئا. جيڪي واردات کان پوءِ گڏجي فرار ٿي ويا. واقعي وقت علائقي ۾ بجلي نه هئڻ سبب نه موٽرسائيڪلن جا نمبر ڏسي سگهيا ويا ۽ نه ئي جوابدارن جا چهرا سڃاتا ويا. وارثن موجب مقتول جي ڪنهن سان ذاتي دشمني يا مالي تڪرار نه هو جڏهن ته ابتدائي طور واقعي کي ٽارگيٽ ڪلنگ قرار ڏنو پيو وڃي.

بقايا 34 فوت

عبدالڪريم طور ٿي آهي علائقي واسين ٽرالر ڊرائيور کي سوگهو ڪري ورتو آهي هوڏانهن نوجوان جي مڙهه کي سمس اسپتال شهدادپور منتقل ڪيو ويو آهي واقعي واري هنڌ موجود ماڻهن موجب ته ٽڪر جي هول مچي ۽ پاسيرو هجڻ سبب گاڏي موٽر سائيڪل سلپ ٿي ۽ واقعو پيش آيو واضح رهي ته هن کان اڳ به ساڳئي هنڌ عدي ڄڻ جان بروهي به ساڳئي ڏکڻ سبب موت جي منهن ۾ هليو ويو هيو پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي تاهم سندس سڃاڻپ نه ٿي سگهي هئي.

بقايا 35 هدايت

صفائي سترائي جي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو دوري دوران ڊائريڪٽر زو اخلاق احمد يوسفزئي ڊپٽي ميئر ڪراچي کي بريفنگ ڏني ان موقعي تي ڊپٽي ميئر ڪراچي چڙيا گهر ۾ جانورن جي بهتر سنڀال لاءِ قدمن کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي هن چيو ته گرمي جي موسم ۾ جانورن جي خوراڪ ۽ پاڻي جي فراهمي جو مناسب انتظام هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي جڏهن ته صفائي سترائي جي نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻايو وڃي هن چيو ته جانورن جي خوراڪ جي معيار تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد شهرين لاءِ بهتر ماحول ۽ سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ تي زور ڏيندي چيو ته ڪراچي چڙيا گهر جي بهتري لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا. هن چيو ته ڪراچي جي شهرين کي بهترين تفريحي سهولتون فراهم ڪرڻ سندن ذميواري آهي ۽ عروس البلاد ڪراچي کي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تحت وڌيڪ ترقي ڏني ويندي هن وڌيڪ چيو ته چڙيا گهر ۾ جانورن لاءِ جديد ۽ معياري سهولتن جي فراهمي لاءِ مرحليوار منصوبابندي ڪئي پئي وڃي ته جيئن انتظامن کي عالمي معيار مطابق بهتر بڻائي سگهجي سندس مطابق اداري جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ مانيٽرنگ جو نظام به وڌيڪ مؤثر بڻايو پيو وڃي ڊپٽي ميئر ڪراچي عزم ظاهر ڪيو ته شهرين کي صحتمند ۽ محفوظ تفريحي ماحول فراهم ڪرڻ اولين ترجيح آهي ۽ ان مقصد لاءِ لاڳاپيل ادارن کي مسلسل بهتري جون هدايتون ڏنيون پيون وڃن ته جيئن ڪراچي چڙيا گهر کي هڪ مثالي تفريحي مرڪز بڻائي سگهجي.

بقايا 36 2ڀينرون فوت

بارڙيون ٻڏي ويون 2 ڀينرون هڪ ٻئي کي بچائيندي ٻڏي فوت، هڪ نياڻي کي بچايو ويو ٻنهي ڀينرن جا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام، ڳوٺ ۾ ڏک واري فضا ڇانئجي تفصيل موجب ٻنون شهر ويجهو ڳوٺ صديق سومرو ۾ افسوسناڪ واقعو پيش آيو، ڀراٽي ٻجاري ڪينال ۾ وهنجڻ دوران هڪ ٻي کي بچائيندي 3 معصوم بارڙيون ٻڏي ويون. هڪ بارڙي زويا سومرو کي بچايو ويو جڏهن ته 2 ڀينرون ٻڏي فوت ٿي ويون. فوتي بارڙين ۾ 10 ورهين جي نمرا عرف نادية سومرو ۽ 12 ورهين جي ندا سومرو شامل آهن. ٻڏي ويل ٻنهي معصوم ڀينرن جا لاش ٻجاري ڪينال مان هٿ ڪري بيسڪ هيلٿ سينٽر ٻنون پهچايا ويا، جتي ڊاڪٽرن ٻنهي ٻڏي ويل ڀينرن جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي. لاش جيئن ئي گهر پهتا ته ڪهرام مچي ويو ٻنهي نياڻين جي ماءُ کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا، ٻڏي ويل ٻئي ڀينرون پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ سان گڏ ڪراچي کان ڳوٺ صديق سومرو ۾ شادي جي ڪاڄ ۾ آيل هيون وارثن موجب نياڻيون گهر کان ٻاهر نڪري ٻجاري ڪينال ۾ وهنجڻ لاءِ ويون جتي افسوسناڪ واقعو پيش آيو هڪ ٻي کي بچائيندي 3 بارڙيون ٻڏي ويون هڪ کي زنده حالت ۾ ٻاهر ڪڍيو ويو 2 ڀينرون ٻڏي ويون جن جا لاش ڪڍيا ويا، هوڏانهن افسوسناڪ واقعي کان پوءِ ٻنون سميت ڳوٺ ۾ ڏک جي فضا ڇانئيل رهي.

بقايا 37 فوت

ٿي ويو واقعي جي اطلاع تي 1122 ريسڪيو ٽيم ۽ سيوهڻ انتظاميا واقعي واري هنڌ پهچي ٽينگر جي ڳولا ڪئي جنهن بعد شاگرد ذيشان آرٽو جو لاش مقامي ٽوبن جي مدد سان 5 ڪلاڪن ڪانپوءِ هٿ ڪيو ويو پوليس ذريعن موجب ٽينگر گرمي سبب دوستن سان گڏ پاڻي ۾ وهنجي رهيو هو ته وڏي پاڻي ۾ وڃڻ سبب ٻڏي ويو هوڏانهن ضروري ڪارروائي بعد فوتي ٽينگر جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ وارثن کي بيهوشي جا دورا پوڻ لڳا. ٻئي طرف پوليس واقعي جي ابتدائي رپورٽ داخل ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني HESCO

آڇون گهرائڻ ٽيون

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (HESCO) کي قومي مسابقتي آڇن (NCB) جي تحت هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار جي مطابق E-PADS جي ذريعي مهربند اليڪٽرانڪ آڇون گهربل آهن. اهي آڇون GENCOs/NTDC/DISCOs/HESCO سان گڏ پري ڪواليفائيڊ/ رجسٽرڊ مينوفيڪچررز/ سپلائرز کان گهربل آهن. جيڪي انڪم ٽيڪس ۽ سيلز ٽيڪس کاتن ۾ رجسٽرڊ هجن ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو جي ايڪٽو ٽيڪس پيئر لسٽ ۾ شامل هجن. اهي آڇون هيٺ ڄاڻايل نوعيت جي ڊسٽريبيوشن ميٽيريل جي فراهمي جي لاءِ طلب ڪيون ٿيون وڃن. جيڪي NTDC/WAPDA جي منظور شده (تاريخ ترميم شده) معياري تفصيلن جي مطابق هجن. هن خريداريءَ جي مالي معاونت HESCO جي مقامي فنڊز سان ڪئي ويندي ۽ سامان جي فراهمي فري ڊليوري ٽوڪنسائني اسٽورز (FCS) جي بنياد تي هوندي، يعني ريجنل اسٽورز HESCO حيدرآباد/جامشورو ۽ نوابشاهه.

Tender No.		Item Description	Unit	Quantity	Date & time Submission	Date & time Opening
1961/26	i)	Asset Performance Management System 200 kVA	No.	303	07.05.2026 11:00 a.m	07.05.2026 11:30 a.m
	ii)	Asset Performance Management System 100 kVA	No.	177		
	iii)	Asset Performance Management System 50 kVA	No.	14		
	iv)	Asset Performance Management System 25 kVA	No.	06		

شرط ۽ ضابطا:

1. واڪ دستاويز، جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا، ٽيڪنيڪي تفصيل ۽ ضرورتون شامل هجن، رجسٽرڊ آڇ ڏيندڙن جي لاءِ EPADS ويب سائيٽ (www.eprocure.gov.pk) تي دستياب آهي.
2. سڀئي اليڪٽرانڪ آڇون مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت تي EPADS جي ذريعي جمع ڪرائڻ لازمي آهي. هٿرادو آڇون قابل قبول نه هونديون.
3. هر آڇ سان گڏ بڊ سيڪيورٽي، جيڪا واڪ دستاويزن ۾ ڄاڻايل رقم جي مطابق هجي، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر HESCO جي نالي حق ۾ جمع ڪرائڻ لازمي آهي. اها بڊ سيڪيورٽي ڪنهن به شيڊولڊ بينڪ آف پاڪستان مان جاري ڪيل "بينڪ گارنٽي"، CDR يا بينڪرز چيڪ جي شڪل ۾ هجي ۽ آڇ جي ميعاد ختم ٿيڻ کانپوءِ وڌيڪ 28 ڏينهن تائين ڪارآمد هجي. واڪ آڇ ڏيندڙ EPADS تي بڊ سيڪيورٽي جي اسڪين ٿيل ڪاپي اپ لوڊ ڪندا. بڊ سيڪيورٽي جي اصل ڪاپي مينيجر (مٽيريل مينيجمينٽ) HESCO، ڪمرو نمبر 237، واپڊا آفيسز ڪمپليڪس، حسين آباد، حيدرآباد ۾ مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کان پهريان جمع ڪرائڻ لازمي آهي، ٻي صورت ۾ آڇ رد ڪئي ويندي. اليڪٽرانڪ آڇون ان ئي ڏينهن مقرر ڪيل وقت تي EPADS تي کوليون وينديون.
4. آڇ ڏيندڙن کي حتمي ۽ فائينل قيمتون درج ڪرڻيون پونديون. واڪ کلڻ کانپوءِ قيمتن ۾ اضافي جي ڪا درخواست قبول نه ٿيندي. هي اشتهار PPRA جي ويب سائيٽ (www.ppra.org.pk)، HESCO جي ويب سائيٽ (www.hesco.gov.pk) ۽ EPADS (www.eprocure.gov.pk) تي به دستياب آهي.

نوٽ: PPRA قاعدي 2004 جي شق 48 جي تحت قائم ڪيل گريوينس ريڊريسل ڪميٽي (GRC) جو اطلاع EPADS ويب سائيٽ (www.eprocure.gov.pk) تي دستياب آهي.

PID (H) 380/2025

مينيجر (مٽيريل مينيجمينٽ)
حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (حيسڪو)

رابطو: ڪمرو نمبر 237، واپڊا آفيس ڪمپليڪس، حسين آباد، حيدرآباد فون نمبر: 022-9260127 اِي ميل: mmmhesco@yahoo.com

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سنڌ ۾ سياست، مزاحمت ۽ عوامي بيچيني: هڪ نئون موڙ
صفحو 4

راجا زاد اختر خانزاد
ڳالهين جي ميز يا طاقت جو ڀاڇو؟ هرمز، اسلام آباد ۽ وقت جي وچ ۾ لٽڪيل دنيا
صفحو 4

سنڌ جي خلاف سازش؟
محمد خان ابڙو
صفحو 4

مختيار اڻڙ
اڄوڪو ڏينهن - 22 اپريل
صفحو 4

مهراڻ يونيورسٽي پاران مادري ٻولين بابت عالمي سمپوزيم، وزيراعظم اسڪيم تحت ليپ ٽاپ ورهايا ويا

مادري ٻولين جي تقريبن ۾ به اسان وٽ انگريزي ۾ گفتگو ڪئي ويندي آهي: چيئرمين ايڇ

مادري ٻولين جي مناسبت سان ٿيندڙ تقريبن ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي مادري ٻولين ۾ گفتگو ٿيڻ گهرجي: پروفيسر نياز احمد اختر

مادري ٻولين تي فخر ڪري انهن جو خيال رکيو وڃي، اسان کي قومي سطح تي به ان ڳالهه جو خاص خيال رکڻ گهرجي

سنڌ جي اعلي تعليمي ادارن ۽ تحقيق جي ڳالهه ٿيندي آهي ته اتي سڀ کان پهرين نالو مهراڻ يونيورسٽي جو کنيو ويندو آهي

مهراڻ يونيورسٽي انجنيئرنگ جي بنيادي ٽيڪنالاجيز ۾ تمام بهترين انجنيئر پيدا ڪيا آهن، سبجيڪٽ جي ڄاڻ ۽ مهارت ضرورت آهي

لکن جي تعداد ۾ شاگردن ۾ ليپ ٽاپ ورهايا ويا آهن، شهري ۽ شاگرد اي ڪامرس جي ذريعي، آن لائن ڪاروبار جي ذريعي وڏو ناڻو ڪمائي ٿو

ڄامشورو هيڪ چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر نياز احمد اختر مهراڻ يونيورسٽي ۾ شاگرد کي ليپ ٽاپ ڏئي رهيو آهي

ڄامشورو(پ ر)هائير ايجوڪيشن ڪميشن اسلام آباد جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر نياز احمد اختر مهراڻ يونيورسٽي پاران مادري ٻولين جي مناسبت سان منعقد ڪيل عالمي سمپوزيم ۽ وزيراعظم جي يوٿ ليپ ٽاپ اسڪيم تحت ليپ ٽاپ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته مادري ٻولي جي تقريب ۾ به اسان وٽ انگريزي ۾ گفتگو ڪئي ويندي آهي آئون هاڻي پريشان آهيان ته پنهنجي ڳالهه سرائيڪي ۾ شروع ڪريان يا اردو ۾. هن چيو ته مادري ٻولين جي مناسبت سان ٿيندڙ تقريبن ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي مادري ٻولين ۾ گفتگو ٿيڻ گهرجي هن چيو ته اسان کي مادري ٻولين تي فخر ڪرڻ گهرجي مادري ٻولين جو خيال رکيو وڃي. هن چيو ته اسان کي قومي سطح تي ان ڳالهه جو خاص خيال رکڻ گهرجي پروفيسر ڊاڪٽر نياز اختر چيو ته ملڪ جي وڏن فورمن تي جڏهن به سنڌ جي اعلي تعليمي ادارن ۽ تحقيق جي ڳالهه ٿيندي آهي ته اتي سڀ کان پهرين نالو مهراڻ يونيورسٽي جو کنيو ويندو آهي مهراڻ يونيورسٽي انجنيئرنگ جي بنيادي ٽيڪنالاجيز ۾ تمام بهترين انجنيئر پيدا ڪيا آهن هيڪ چيئرمين چيو ته هن وقت جيڪا انٽرنيشنل ضرورت آهي اها آهي لاڳاپيل معلومات هجڻ ۽ صلاحيت هجڻ توهان بيروزگار نه رهندا. هن چيو ته ڪافي شاگرد اهڙا آهن جيڪي پنهنجي قيمتي صلاحيتن سان اسان جي پگهار کان وڌيڪ ماهوار آمدني ڪمائي رهيا آهن هن چيو ته پنهنجي سبجيڪٽ جي ڄاڻ ۽ مهارت ضرورت آهي پر توهان کي ڪجهه ٻيو به پڙهڻ گهرجي هن چيو ته توهان جي اخلاقيات توهان کي مٿي آڻيندي هن چيو ته توهان جي شخصيت جي سگهه معلومات، ڄاڻ ۽ مهارت سان گڏ اخلاقي قدرن ۾ آهي هيڪ چيئرمين چيو ته مهذب شهري پيدا ڪرڻ اعلي تعليمي ادارن جي ذميواري آهي هن چيو ته بهترين مارڪون ۽ سي جي پي اي جي اهميت هڪ حد تائين آهي پر هڪ سٺي شهري ۽ سٺي شاگرد جي اهميت وڏي آهي هن چيو ته اعلي تعليمي اداري جي استاد جي وڏي ذميواري آهي استاد کي شاگرد آئيڊيلائيز ڪندا آهن ۽ استاد اسان کي معاشرو بڻائي ڏيندا آهن هيڪ چيئرمين چيو ته مهراڻ يونيورسٽي سنڌ جي پهرين نمبر انجنيئرنگ يونيورسٽي آهي مهراڻ يونيورسٽي ملڪ ۽ عالمي دنيا ۾ فخر ڪرڻ جهڙي آهي هن چيو ته حڪومت پاڪستان طرفان ميرٽ تي شاگردن جي ايڏي وڏي تعداد کي ليپ ٽاپ مهيا ڪيا ويا آهن ۽ سلسلو جاري آهي هن چيو ته پاڪستاني شهري ۽ شاگرد اي ڪامرس جي ذريعي آن لائن ڪاروبار جي ذريعي وڏو ناڻو ڪمائي ٿو هن چيو ته لکن جي تعداد ۾ شاگردن ۾ ليپ ٽاپ ورهايا ويا آهن اسڪول سطح تائين ڪروم ورهايا ويا وڃن شاگردن کي هي ليپ ٽاپ پنهنجي سکيا، تربيت ۽ تحقيق لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجن هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي چيئرمين مهراڻ يونيورسٽي جي آڊيٽوريم ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي شاگردن ۾ ليپ ٽاپ پڻ تقسيم ڪيا مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي ليپ ٽاپ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته مهراڻ يونيورسٽي جي ساک ۽ معيار آهي جو اسان کي مهراڻئين سڏائڻ تي فخر ٿئي ٿو هن چيو ته هائير ايجوڪيشن ڪميشن مهراڻ يونيورسٽي جي ترقي ۽ واڌ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي چيو ته استادن جي وڏي انگ هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي اسڪالرشپ تي ٻاهرئين ملڪن مان پي ايڇ ڊي جون ڊگريون حاصل ڪيون آهن ان موقعي تي هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي چيئرمين مهراڻ يونيورسٽي جي پاڻي جي اعلي تحقيقي مرڪز جي ليبارٽريز جو دورو ڪيو ۽ سينٽر جي تدريسي ۽ تحقيقي ڪم ساراهيو مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي پاران پروفيسر ڊاڪٽر نياز احمد اختر کي شيلڊ، اجرڪ ۽ لنگي جو تحفو پيش ڪيو ويو ان موقعي تي مهراڻ يونيورسٽي جي پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر انيل ڪمار سنڌ مدرسة السلام يونيورسٽي ڪراچي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مجيب الدين صحرائي، مهراڻ يونيورسٽي جي اڳوڻي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسلم عقيلي مهراڻ يونيورسٽي جي رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو فڪلٽيز جي ڊينز سينٽر فار انگلش لئنگويج اينڊ لٽريچر جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر صاحب ڦهيم ۽ مهراڻ يونيورسٽي انگلش لئنگويج اينڊ لٽريچر سينٽر جي شاگردن ۽ استادن شرڪت ڪئي

ڳوٺ غلام حيدر جويو ۾ منشيات واهپي سبب نوجوان نسل تي تباهه

منشيات جي استعمال سبب ٻه ڄڻا پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويٺا

ڪيترائي نوجوان نشي جي لت ۾ مبتلا، سندن زندگيون برباد ٿي ويون

پوليس جي مبينا لاپرواهي سبب منشيات فروش ڪاروبار جاري رکيو ويٺا آهن: ڳوٺاڻا

مسوري ڳوٺي (ن ع)شاهپور ڏيرو ٿاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ غلام حيدر جويو منشيات جي وڌندڙ واهپي سبب هڪ سنگين سماجي مسئلي جي شڪل اختيار ڪري ويو آهي. مقامي ذريعن موجب، ڳوٺ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ منشيات جي کلي عام وڪري ۽ استعمال سبب نوجوان نسل تي تباهه ڪندڙ اثر پئجي رهيا آهن رپورٽن مطابق منشيات جي استعمال سبب گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڄڻا پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويٺا آهن جڏهن ته ڪيترائي نوجوان نشي جي لت ۾ مبتلا ٿي چڪا آهن. ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته نوجوانن جو وڏو انگ آهستي آهستي نشي جي راهه تي هلي رهيو آهي جنهن سبب سندن زندگيون برباد ٿي رهيون آهن مقامي رهواسين سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو آهي ته منشيات جي اهڙي کليل وڪري خلاف حد جي پوليس طرفان ڪا به موثر ڪارروائي نظر نٿي اچي سندن چوڻ آهي ته پوليس جي مبينا لاپرواهي سبب منشيات وڪرو ڪندڙ عنصر بي خوف ٿي پنهنجو ڪاروبار جاري رکيو ويٺا آهن سماجي اڳواڻن ۽ والدين حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي هنن اپيل ڪئي آهي ته علائقي ۾ منشيات جي خاتمي لاءِ سخت قدم کنيا وڃن جيئن نوجوان نسل کي تباهي کان بچائي سگهجي ماهرن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن وقت سر قدم نه کنيا ويا ته منشيات جو هي ناسور پوري علائقي جي مستقبل کي سخت نقصان پهچائي سگهي ٿو شاهپور ڏيرو ۽ ان جي ڀرپاسي علائقن ۾ منشيات جو وڌندڙ رجحان هڪ هنگامي صورتحال اختيار ڪري رهيو آهي، جنهن کي روڪڻ لاءِ فوري ۽ اثرائتي حڪمت عملي جي ضرورت آهي

مسوري ڳوٺي نشي آور سپارين ۽ مين پڙي تيار ڪرڻ لاءِ ڪچي مال جو ڍيڪ

همدرد آرگنائيزيشن ۽ سڪرنڊ پريس ڪلب جو وفد سيوهڻ شريف پهتو

گڏيل وفد سخي شهباز قلندر جي مزار جي حاضري ڀري چادر چاڙهي

مزار جي انتظاميه پاران درگاهه شريف جو جاري وارو گيٽ کوليو ويو

جڏهن به حاضري ڀريندي ٿڌو روحانيت محسوس ٿيندي آهي: گل محمد رند

سڪرنڊ (ن ع)همدرد آرگنائيزيشن ۽ سڪرنڊ پريس ڪلب جي گڏيل وفد پاران همدرد چيئرمين گل محمد رند جي اڳواڻي ۾ سيوهڻ شريف جي روحاني دوري تي پهتو جتي هنن سخي شهباز قلندر جي مزار جي حاضري ڀري چادر چاڙهي وفد جي پهچڻ تي مزار جي انتظاميه پاران درگاهه شريف جو جاري وارو گيٽ کوليو جنهن بعد وفد مزار جي اندر حاضري جي سعادت حاصل ڪئي جتي سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي پوري عالم انسانيت سميت همدرد جي حق ۾ دعا گهري جنهن بعد ميزبان گلبهار جتوئي پاران درگاهه شريف جون چادرون وفد کي تحفي طور پيش ڪيون ويون جڏهن ته سيوهڻ پوليس پاران سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا ان موقعي تي گل محمد رند ڳالهائيندي چيو ته سخي لال شهباز قلندر تي جڏهن به حاضري ڀريندي ٿڌو روحانيت محسوس ٿيندي آهي اهو ئي سبب آهي جو اڪثر حاضري تي ايندا رهندا آهيون جنهن کي سعادت سمجهون ٿا حاضري کانپوءِ امان الله ڪلوئي پاران سمورن مهمانن لاءِ شاندار ڊنر جو اهتمام ڪيو ويو جتي ميزبان پاران سمورن آيل مهمانن کي لنگين جا تحفا پيش ڪيا ويا جنهن تي همدرد ترجمان فهيم پاهي ڳالهائيندي چيو ته اسين شڪر گذار آهيون ڀاءُ امان الله ڪلوئي جا جنهن مان ۽ محبتون ڏنيون آهن ان موقعي تي حاڪم خان راڄپر ، ڊاڪٽر عابد مهر ، رئيس عبدالعزيز سولنگي ، غلام نبي ملاح ، عبدالغني راهمون ، نظير حسين رند . بشير لاشاري ، اقبال رند ، عبدالغني مگسي ، امير گل رند ، ڪامل خان رند ، ڏٽي بخش مگسي ، عطا محمد رند پڻ موجود هئا

سڪرنڊ سڪرنڊ پريس ڪلب جو وفد سيوهڻ شريف ۾ درگاهه تي حاضر ٿيندي

ڪپرو ۾ ملڪيت تڪرار تان مڙس ۽ زال جو پريس ڪلب آڏو احتجاج

سرڪاري ڪوارٽر الاٽ ٿيا، جن مان هڪ والده جو ۽ هڪ ڀاءُ جو هو: جميل جت

پوليس واقعي جي ڪارروائي ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي، انصاف فراهم ڪيو وڃي

ڪيپرو(ن ع)ڪيپرو ۾ ملڪيت تڪرار تان مڙس ۽ زال جو پريس ڪلب آڏو احتجاج، ڪوارٽر ڪالوني جي رهواسين پنهنجن پاران مبينا ظلم ۽ پوليس جي بي حسي خلاف پريس ڪلب آڏو دانهون ڪيون آهن ڪوارٽر ڪالوني جي رهواسي جميل احمد جت پنهنجي گهرواري جميله جت سان گڏ پريس ڪلب ڪيپرو ۾ احتجاج ڪندي الزام مڙهيا آهن ڪين سرڪاري طور تي ٽي ڪوارٽر الاٽ ٿيا هئا جن مان هڪ سندس... اڌ حصو وڪڻي باقي تي قبضو ڪري ورتو آهي جميل جت الزام لڳايو ته گذريل رات سندن گهر تي حملو ڪيو حملي دوران پستول جا بٽ هنيا ويا ۽ مڙس توڙي زال کي سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو هنن جو چوڻ آهي ته پوليس واقعي جي ڪارروائي ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي جنهن ڪري سندن جانين کي سخت خطرو آهي جميل جت ولد مهردين جت ۽ سندس گهرواري جميله جت اعلي اختيارين کان اپيل ڪئي...

ليکڪا گلبدن جاويد مرزا سروري سُرهاڻ تنظيم جي مرڪزي صدر مقرر

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع)سرتيون جي اڳوڻي ايڊيٽر،ليکڪا گلبدن جاويد مرزا سروري سُرهاڻ تنظيم جي مرڪزي صدر مقرر، سروري سرهاڻ تنظيم طرفان سنڌي ادبي بورڊ مان شايع ٿيندڙ عورتن جي رسالي سرتيون جي اڳوڻي ايڊيٽر ووميڻ ايڪشن فورم جي اڳواڻ گلبدن جاويد مرزا کي ليڊيز ونگ جو صدر مقرر ڪيو ويو آهي سروري تنظيم جي باني چيئرمين ۽ سروري سرهاڻ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" پنهنجي قيادت هيٺ تنظيم کي وڌيڪ مضبوط ۽ فعال بڻائڻ لاءِ اهم قدم کڻندي گلبدن جاويد کي ليڊيز ونگ جي صدر مقرر ڪري ڇڏيو آهي ان موقعي تي مخدوم سعيد الزمان "عاطف" پنهنجي بيان ۾ چيو ته گلبدن جاويد مرزا هڪ باصلاحيت، متحرڪ ۽ سماجي خدمتن سان وابسته شخصيت آهي جنهن کي عورتن جي ڀلائي ۽ تنظيم جي واڌاري لاءِ ڀرپور صلاحيت حاصل آهي نئين مقرر ٿيل مرڪزي صدر گلبدن جاويد پنهنجي مقرري تي قيادت جو شڪريو ادا ڪندي عزم ظاهر ڪيو ته هوءِ تنظيم جي منشور کي اڳتي وڌائڻ عورتن جي سماجي ڀلائي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي سروري سرهاڻ تنظيم هڪ سماجي ۽ فلاحي تنظيم آهي جيڪا خاص طور تي عورتن جي ڀلائي تعليم صحت ۽ شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ سرگرم عمل آهي تنظيم طرفان مختلف علائقن ۾ عورتن جي حقن بابت آگاهي مهم، مهارتن جي ترقي لاءِ تربيتي پروگرام ۽ ضرورت مند عورتن جي سهائتا

گلبدن جاويد مرزا

شڪارپور پنڪ گيمز 2026 ۽ 19هين سنڌ گيمز بابت اهم اجلاس

شڪارپور (ڊ ر)شڪارپور سنڌ پنڪ گيمز 2026 ۽ 19هين سنڌ گيمز بابت شڪارپور ۾ اهم اجلاس شڪارپور ۾ سنڌ پنڪ گيمز 2026 (نواب شاهه) ۽ 19هين سنڌ گيمز 2026 (سکر) جي حوالي سان ضلعي جي مختلف اسپورٽس ايسوسيئيشنز جي عهديدارن سينيئر رانديگرن ۽ لاڳاپيل شخصيتن جو اهم اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس جي صدارت فوڪل پرسن اسپورٽس شڪارپور جميل احمد شيخ ڪئي، جڏهن ته ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر شڪارپور شاهزيب اعوان پڻ خاص طور شرڪت ڪئي.اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ نمايان شخصيتن ۾ پروفيسر اعجاز احمد ڪوڪ استاد عبدالوهاب ڪاغذي، نصرالله ميمڻ استاد هدايت مهر عزير احمد سومرو آغا عبدالروف پٺاڻ افتخار رسول مهر محمد اسحاق حافظ نويد احمد ابڙو محمد ابراهيم بروهي سميت ٻين اسپورٽس سان وابسته نوجوان شامل هئا.اجلاس دوران اڳواڻن لاڙڪاڻه ڊويزن جي ٽيمن جي سليڪشن جي طريقيڪار تي سخت خدشا ظاهر ڪيا. اجلاس ۾ واضح ڪيو ويو ته شڪارپور جي باصلاحيت رانديگرن کي لاڙڪاڻه جي ٽرائلز بابت بروقت آگاهي نٿي ڏني وڃي، جنهن سبب هو سليڪشن کان محروم رهن ٿا. وڌيڪ اها به نشاندهي ڪئي وئي ته ميرٽ بدران پسند ۽ ناپسند جي بنياد تي لاڙڪاڻي ڊويزن جي چونڊ ڪئي پئي وڃي، جنهن سان شڪارپور جي نوجوان رانديگرن ۾ مايوسي وڌي رهي آهي ۽ سندن مستقبل متاثر ٿي رهيو آهي. اڳواڻن چيو ته 18هين سنڌ گيمز 2024 (ڪراچي) سميت ماضي ۾ به شڪارپور جي رانديگرن سان ناانصافي ٿيندي رهي آهي. اجلاس ۾ ان ڳالهه تي به ڳڻتي ظاهر ڪئي وئي ته ڪجهه اڳوڻن عملدارن تي ميرٽ کي نظرانداز ڪرڻ جا الزام رهيا آهن، جنهن سبب ڪيترائي حقدار رانديگر پنهنجي حق کان محروم ٿيا. اجلاس ۾ سيڪريٽري اسپورٽس اينڊ يوٿ افيئرز سنڌ، ڊائريڪٽر اسپورٽس ڪراچي، ڪمشنر لاڙڪاڻو ۽ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور کان پرزور مطالبو ڪيو ويو ته سليڪشن جو عمل مڪمل طور شفاف ۽ ميرٽ تي ٻڌل...

سيٺارجا ويجهو اوڏ برادري جي ٻن گهرن کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي

ڳوٺ شهيد آباد ۾ پورهيتن رابيلو ۽ شهزادو جو الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو

مزدوري تي هئاسين ته باهه جا اطلاع مليا، باهه جي شدت تمام گهڻي هئي: پورهيت

سيٺارجا(ن ع)سيٺارجا ويجهو ڳوٺ شهيد آباد ۾ اوڏ برادري جي ٻن پورهيتن جي گهرن کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي الهه تلهه سڙي رک ٿي ويو، ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت هڪ ڪلاڪ بعد باهه تي ضابطو آندو باهه لڳڻ سبب پورهيتن رابيلو اوڏ ۽ شهزادو اوڏ جي گهرن ۾ پيل گهريلو سامان هنڌ بسترا ڪپڙا، هڪ موٽر سائيڪل ۽ 3 ٻڪريون ڪيترائي من ڪڻڪ ۽ 25 هزار کان وڌيڪ روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي گهريلو سامان سڙي رک ٿي ويو متاثرن جو چوڻ آهي ته مزدوري تي ويل هئاسين ته باهه جا اطلاع مليا واپس آياسين ته باهه جي شدت تمام گهڻي هئي جنهن ڪري ڪجهه ئي گهڙين ۾ مهينن جي پورهئي جي محنت اکين آڏو سڙي خاڪ ٿي وئي. پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه وسائڻ جي ڪوشش ڪئي پر باهه تي ضابطو آڻڻ تائين سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو آهي هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي مالي مدد ڪئي

سيٺارجا مارواڙي برادري جي گهرن کي لڳل باهه جو ڏيک

شاگردياڻي فهميده لغاري حراسمينٽ ۽ خودڪشي ڪيس

فارماسسٽ عابد لغاري ۽ شاگرد عبدالرحمان جت عدالت ۾ پيش

عدالت جوابدارن کي 2 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ)ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردياڻي فهميده لغاري کي حراسمينٽ ڪري خودڪشي تي مجبور ڪندڙ جوابدار فارماسسٽ عابد لغاري ۽ شاگرد عبدالرحمان جت کي پوليس سول فيملي جوڊيشل مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو پوليس پاران عدالت ۾ جوابدارن جي رمانڊ لاءِ 5 ڏينهن جي استدعا ڪئي عدالت ٻنهي ڌرين جي وڪيلن جا دلائل ٻڌڻ بعد جوابدارن کي 2 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو ان موقعي تي ڪيس جي انويسٽيگيشن آفيسر ايس ايڇ او ڪامراڻ هاليپوٽو ٻڌايو ته جوابدارن کان جاچ مختلف طريقن سان ڪري رهيا آهيون وڌيڪ جاچ هلندڙ آهي

ميرپورخاص فهميده لغاري ڪيس ۾ عابد لغاري ۽ شاگرد عبدالرحمان جت کي عدالت پيش ڪيو پيو وڃي

پورهيت فيصل پٽي پاران انصاف نه ملڻ تي آپگهات جي ڌمڪي

نصيرآباد ۾ بااثر آفيسر پاران نوڪريءَ جو لالچ ڏئي پورهيت جو سون هڙپ

آر ٽي سيڪريٽري وحيد پنهور نوڪري جو آسرو ڏئي لکن جو سون کڻي ويو، پورهيت

سون واپس ڪرايو وڃي، بي صورت ۾ اسان زال مڙس پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏينداسين

نصيرآباد پورهيت فيصل پٽي دانهين رهيو آهي

نصيرآباد (ن ع)بااثر آفيسر پاران نوڪريءَ جو لالچ ڏئي پورهيت جو سون هڙپ، انصاف نه ملڻ تي آپگهات جي ڌمڪي،نصيرآباد جي چنجڻي شاخ جي رهواسي پورهيت فيصل پٽي پنهنجي گهرواري مسمات حسينه ۽ ننڍڙي نينگري آسنه سان گڏ تعلقه پريس ڪلب نصيرآباد ۾ دانهيندي چيو آهي ته ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي (RTA)سانگهڙ جي سيڪريٽري عبدالوحيد پنهور ڪيس پٽ کي نوڪريءَ جو آسرو ڏئي لکن روپين جو سون ٺڳي ويو آهي،پورهيت فيصل پٽي پريس ڪانفرنس دوران ٻڌايو ته هو عبدالوحيد پنهور جيڪو اصل ۾ تعلقي وارهه جي ڳوٺ پڪي جو رهواسي آهي وٽ ملازم هو ملازمي دوران وحيد پنهور ڪيس ٽرانسپورٽ کاتي ۾ پٽ کي نوڪري ڏيارڻ جو چئي پئسا گهريا. پئسا نه هجڻ تي هو پورهيت پنهنجي گهرواري ۽ نياڻيءَ جا 4 تولا سونا زيور ڪيس حوالي ڪيا. متاثر پورهيت جو چوڻ هو ته هن معاملي کي 8 سال گذري ويا آهن پر نه نوڪري ملي ۽ نه ئي سون واپس ڪيو ويو هو هر مهيني وحيد پنهور وٽ قرآن پاڪ کڻي ويندو آهي پر بااثر آفيسر قرآن پاڪ جي بيحرمتي ڪندي ڪيس قتل ۽ سندس پٽ کي اغوا ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي پورهيت فيصل پٽي ۽ سندس گهرواري، خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري، فريال ٽالپر،وڏي وزير، وزير ٽرانسپورٽ، ڪمشنر لاڙڪاڻو ۽ ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ کان گهر ڪئي آهي ته اسان غريبن جو ڦريل سون واپس ڪرايو وڃي، بي صورت ۾ اسان زال مڙس پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏينداسين جنهن جي ذميواري آر ٽي اي سانگهڙ عبدالوحيد پنهور تي هوندي

شهدادپور مان45 سالا مير سڪيو ٽالپر مبينه طور اغوا،وارثن جو احتجاج

مير سڪيو جي ڪال آئي ته مونکي ڪجهه ماڻهون اغوا ڪري وڃي رهيا آهن: نجم نظاماڻي

مير سڪيو ٽالپور جي بازيابي لاءِ ترت اپاءَ وٺڻ گهرجن جيئن بي چيني ختم ٿي سگهي: ڀاءُ

شهدادپور (ن ع)شهدادپور جي علائقي ڳوٺ شير خان لغاري جو رهواسي 45 سالا مير سڪيو ٽالپر پٽ مجنو ٽالپور مبينه طور اغوا ٿي ويو اهڙي اطلاع بعد سندس وارثن دوستن پريس ڪلب پهچي ويا مبينه اغوا ٿيل مير سڪيو جي دوست نجم الدين نظاماڻي موجب ته ڪالهه شام پنجين وڳي مونکي مير سڪيو ٽالپور جي اچانڪ فون ڪال آئي ته مونکي ڪجهه ماڻهون اغوا ڪري کڻي وڃي رهيا آهن گهر وارن کي اطلاع ڏي جنهن تي مان مير سڪيو ٽالپور جي وارثن کي اطلاع ڏنو جڏهن ته مير سڪيو ٽالپور جي وڏي ڀاءُ شفيع محمد ٽالپور جو چوڻ هو ته منهنجي ڀاءُ جي ڪنهن سان ڪو دشمني ڪونهي،علائقي جي معزز زميندار يار محمد لغاري جو ڪمدار آهي اسان جو آئي سنڌ ۽ متعلق ادارن جي بالا آفيسرن کان پرزور مطالبو آهي ته اسان جي فوري مدد ڪئي وڃي ۽ اسان جي مير سڪيو ٽالپور جي بازيابي لاءِ ترت اپاءَ وٺڻ گهرجن جيئن اسان جي بي چيني ختم ٿي سگهي

شهدادپور نجم نظاماڻي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

انجنيئر پبلڪ هيلٿ دادو کي63 لک ٽينڊر ايڊوانس جي مد ۾ ڏنا،خادم چانڊيو

پئسا گهر ڪرڻ تي انجنيئر خاوند بخش نقصان جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي

انجنيئر چيو ته منهنجي ڪار 90 لک ۾ خريد ڪيو، مونکي پيسا ڪين، ڪار نه کپي

دادو(ڊ ر)اپڪا اڳواڻ خادم حسين چانڊيو پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته ڪمن جي ٽينڊرن دوران ايڊوانس جي مد ۾ مون 63 لک روپيه دادو پبلڪ هيلٿ کاتي جي انجنيئر خاوند بخش کي ڏنا پر اهي پئسا 8 مهينن کان ناهن مليا پئسا گهر ڪرڻ تي انجنيئر جبري بدلي ڪرائڻ ۽ جاني مالي نقصان جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي،هن چيو ته بار بار شڪايت ڪرڻ تي باقي پيسا گهرڻ تي انجنيئر چيو ته منهنجي ڪار 90 لک جي آهي اها اوهان خريد ڪيو مون چيو ته مونکي پيسا کپن ڪار نه کپي جنهن تي انجنيئر مڇرجي پيو آهي مونکي سنڌ سيڪريٽ ڪراچي مان فون آئي ته انجنيئر کي تنگ نه ڪر نه ته توکي سبق سيکارينداسين مونکي خدشا آهن ته مونکي نقصان ڏنو ويندو مون سان انصاف ڪيو وڃي ٻئي طرف انجنيئر خاوند بخش دادو الزامن کي رد ڪندي چيو ته اهو سراسر ڪوڙ آهي

دادو خادم چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي

شهدادپور ۾ انرجي گيس لميٽيڊ خلاف سول سوسائٽي جو احتجاجي مظاهرو

انرجي گيس سبب مقامي ماڻهو چمڙي جي بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن: ڳوٺاڻا

فوري طور شاهين انرجي پرائيويٽ لميٽيڊ ڪمپني تي پابندي لڳائي وڃي

شهدادپور(ن ع)شاهين انرجي گيس پرائيويٽ لميٽيڊ خلاف سول سوسائٽي جو احتجاجي مظاهرو شاهين انرجي کي فوري طور بند ڪرڻ جو مطالبو،شاهين انرجي گيس سبب مقامي ماڻهو چمڙي جي بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن. مظاهرين سانگهڙ ڊيموڪريٽڪ الائنس، سول سوسائٽي ۽ وڪيل برادري پاران سانگهڙ تو نوابشاهه روڊ بلاڪ ڪري راڙيٽاڻي وٽ احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو هنيو ويو،ان موقعي تي شاهين انرجي گيس پرائيويٽ ڪمپني خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي سانگهڙ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي جبار جونيجو ايڊووڪيٽ غلام مصطفي سومرو ايڊووڪيٽ وقار جت، ايڊووڪيٽ سنبيل ڪمار پڙهياڻ ايڊووڪيٽ طارق... شاهين انرجي پرائيويٽ گيس لميٽيڊ ڪمپني غيرقانوني ڪم ڪري رهي آهي.هنن الزام لڳايو ته ڪمپني او جي ڊي سي ايل کان سستي گيس جي معاهدي تحت گيس حاصل ڪري، ان کي وڏي اگهه تي سي اين جي اسٽيشنن تي غيرقانوني ڊرمن ۾ ڀري وڪرو ڪري رهي آهي، جيڪا ڪنهن به وقت وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿي.مظاهرين جو چوڻ هو ته ان حوالي سان ضلعي انتظاميا کي ڪيترائي ڀيرا آگاهه ڪيو ويو آهي پر لڳي ٿو ته انتظاميا به انهن سان ملي ڀڳت ۾ شامل آهي. هنن وڌيڪ چيو ته شاهين انرجي پرائيويٽ گيس ڪمپني خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس پڻ هلندڙ آهي، پر اڃا تائين ڪا ڪارروائي عمل ۾ نه آندي...

ڪپرو ويجهو ٿر چناهائون لڳ پاڻي لاءِ کوهه کوٽڻ دوران پورهيت دٻجي فوت

ڪيپرو(ن ع)ڇاڇرو ٿر جي ڳوٺ ٿر چناهائون ۾ پيئڻ جي پاڻي لاءِ کوهه کوٽڻ دوران پٽ ڪرڻ سبب مقامي راڄو مستري سهراب عرف سرهو پٽي دٻجي فوت ٿي ويو.مليل ڄاڻ موجب کوهه لڳ ڀڳ 22 فٽ کوٽيو ويو هو ته اوچتو کوهه ڍهي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪم ڪندڙ مستري مٽي هيٺان دٻجي ويو. مقامي ماڻهن ۽ ساٿين ڪيس ڪڍڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون پر هو زنده نه بچي سگهيو.واقعي کانپوءِ علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي ڇاڇرو ٿر ۾ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ آهي ماڻهو اونها کوهه کوٽي پاڻي حاصل ڪن ٿا

دولتپور ۾ آئيڊيل اسڪول سسٽم ۾ رزلٽ انائونس ڊي ملهايو ويو

دولتپور (ن ع) آئيڊيل اسڪول سسٽم ۾ رزلٽ انائونس ڊي وڏي ملهايو ويو پروگرام جي شروعات تلاوت پاڪ سان ڪئي وئي خوب صورت پروگرام ۾ شاگردن توڙي استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي،ٻارڙن جي چهرن تي خوشي صاف نظر اچي رهي هئي.خاص ڪري ڪامياب شاگردن کي ٽرافين ۽ ميڊلس سان نوازيو ويو.ان موقعي تي استادن چيو ته محنت ڪڏهن به ضايع نٿي وڃي ۽ شاگردن کي هميشه علم حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ گهرجي.شاگردن پنهنجي خوشي جو اظهار ڪندي چيو ته سندن ڪاميابي والدين ۽ استادن جي محنت جو نتيجو آهي.تقريب ۾ مختلف ٽيبلوز ۽ تقريرون پڻ پيش ڪيون ويون جنهن ماحول کي وڌيڪ دلڪش بڻائي ڇڏيو.آخر ۾ اسڪول انتظاميا والدين ۽ مهمانن جو ٿورائتو اظهار ڪندي چيو ته اهڙيون تقريبون شاگردن جي حوصلا افزائي لاءِ تمام اهم آهن

مٽياري جي آفيسرن پاران پنهنجي لاڳاپيل امتحاني مرڪزن جو دورو

مٽياري (ڊ ر)ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ جي هدايتن تحت ضلعي انتظاميا پاران جاري ڪيل آفيس آرڊر موجب مقرر ڪيل سينيئر آفيسرن پنهنجي پنهنجي لاڳاپيل امتحاني مرڪزن جو دورو ڪيو. جي هنن امتحاني عمل جي ويجهي نگراني ڪندي حڪومتي هدايتن تي مڪمل عملدرآمد کي يقيني بڻايو. ضلعي ۾ فرسٽ پيپر ۽ انٽر جي سالياني هائر سيڪنڊري سرٽيفڪيٽ (HSC)امتحانن جو باقاعده آغاز ٿي چڪو آهي. جتي سيني امتحاني مرڪزن تي فول پروف سيڪيورٽي جا جامع انتظام ڪيا ويا آهن. پوليس ۽ ضلعي انتظاميا گڏيل طور مرڪزن جي اندر ۽ ٻاهر سيڪيورٽي جا سخت انتظام سنڀالي رکيا آهن جڏهن ته حساس قرار ڏنل مرڪزن تي اضافي نفري پڻ مقرر ڪئي وئي آهي. آفيس آرڊر موجب اسسٽنٽ ڪمشنرز بي ايس پين مختيارڪارن، تعليم کاتي جي عملدارن سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن اوڊيروڙ اسٽيشن، هالا، سعيدآباد، ڀٽ شاهه، پليجاڻي، چاهرت ۽ ٻين علائقن ۾ قائم سرڪاري اسڪولن ۽ ڪاليجن جو دورو ڪري امتحاني انتظامن ۽ عمل جو تفصيلي جائزو ورتو. دورن دوران ڪٿي به ڪا وڏي بي ضابطگي يا مسئلو رپورٽ نه ٿيو جڏهن ته ڪجهه معمولي نوعيت جا مسئلا جهڙوڪ شاگردن جي رش، پارڪنگ جون تڪليفون ۽ سخت گرمي سبب پيدا ٿيندڙ ڏکيائون سامهون آيون، جن کي ضلعي انتظاميا پاران فوري طور حل ڪيو ويو. انتظاميا واضح ڪيو آهي ته ڪنهن به قسم جي نقل يا امتحاني ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي. ضلعي ۽ تعلقه سطح تي قائم مانيٽرنگ ڪميٽين کي پڻ هدايت ڪئي وئي آهي ته هو مقرر ڪيل مرڪزن کان علاوه ٻين مرڪزن جا به اوچتا دورا ڪن

مڙس محمد زبير نشئي آهي،بينڪن کان قرض وٺي کائي ويو آهي:عابده شاهه

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)ڪنڊو آدم جي نيوسٽي جي رهواسڻ ٻن ٻارن جي ماءُ عابده شاهه ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته سندس مڙس محمد زبير نشئي هجڻ سبب منهنجي نالي تي مختلف خانگي بينڪن کان قرض وٺي کائي ويو آهي جڏهن ته وڌيڪ پيسا ڏيڻ کان انڪار تي وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻايو آهي ۽ تشدد جا منهنجي جسم تي پڻ نشان موجود آهن. هن چيو ته محمد زبير سان مئي 2015ع ۾ شادي ٿي جنهن مان 2ٻارن جو اولاد آهي. هن چيو ته مڙس محمد زبير پهريان سبزي جو ريڙهو هلائيندو هو جڏهن ته مان گهر ۾ بيوٽي پارلر هلائي گهر جو گذرسفر ڪندي هيس پر مڙس نشو ڪرڻ جو عادي ٿيڻ...

راضيڊيرو پرسان 2 معصوم ڀائر واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت،لاش هٿ،گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

ڳوٺ سهراب ڪورائي جا رهواسي سڳا معصوم ڀائر عذير ۽ عبدالغفار پٽ رفيق ڪورائي ڳوٺ پرسان ابل واهه ۾ وهنجندي ٻڏي ويا

اطلاع تي ڳوٺاڻن پهچي ڳولها شروع ڪري ڏني گهڻي ڳولها بعد ٻنهي ڀائرن جا لاش واهه مان هٿ،گهرن ڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو

نينگر ابل واهه ۾ وهنجڻ دوران تيز وهڪري سبب اونهي پاڻي ۾ لڙهي ويا جنهن سبب ٻڏي فوت ٿيا آهن: رهواسي

راضيڊيرو واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويل معصوم ڀائرن جا لاش

راضيڊيرو(رپورٽ:قربان علي گلال) راضيڊيرو پرسان ضلعي خيرپور ميرس جي رڙي واري علائقي ٿاڻو ڪنڊو مستي جي ڳوٺ ڏانڊو جتوئي جي ڀڪ ۾ آباد ڳوٺ سهراب ڪورائي جا رهواسي 2 معصوم ڀائر واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت لاش هٿ گهر ۾ ڪهرام مچي ويو،راضيڊيرو پرسان ڪنڊو مستي ٿاڻي جي حد ڳوٺ سهراب ڪورائي جا 2 سڳا معصوم ڀائر عذير ۽ عبدالغفار پٽ رفيق ڪورائي ڳوٺ پرسان ابل واهه ۾ وهنجندي ٻڏي ويا اطلاع تي ڳوٺاڻن پهچي ڳولها شروع ڪري ڏني گهڻي ڳولها کان بعد ٻنهي ڀائرن جا لاش واهه مان هٿ ڪيا ويا جيئن ئي ٻنهي ڀائرن جا لاش گهر پهتا ته ڳوٺ جي ٻاڙي آڙڙي سميت گهرن ڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو ان سلسلي ۾ ٻڌايو پيو وڃي ته نينگر ابل واهه ۾ وهنجڻ دوران تيز وهڪري سبب اونهي پاڻي ۾ لڙهي ويا جنهن سبب ٻڏي فوت ٿيا آهن جڏهن ٻڏي فوت ٿيل ٻنهي ڀائرن جا لاش ڳمس اسپتال منتقل ڪيا ويا، جتان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا ويا

ٿرپارڪر ۾20 سالہ ناري ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو،50 سالہ ڳوٺائي پاران ٻه خودڪشي جي ڪوشش

اسلام ڪوٽ ويجهو ڳوٺ چوناليس ۾20 سالن جي مسمات حسينه زال ساجن لنڊ پنهنجي گهر اندر گلي ۾ رسو وجهي ڦاهو کائي ڇڏيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش کي تحويل ۾ ورتو،اسپتال مان ضروري قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

مٺي شهر جي ڪولهي پاڙي ۾ 50- سالن جي ڏامون ڪولهي خودڪشي جي ڪوشش ڪئي،سول اسپتال مٺي

ٿرپارڪر ۾ خودڪشي تي ضابطو نه آيو،سرڪار جا سمورا ضابطا اخلاق،شڪايتي مرڪز ۽ اين جي اوز مڪمل ناڪام بڻجي ويون

مٺي (ڊ ر)ضلعو ٿرپارڪر ۾ خودڪشي تي ضابطو نه آيو سرڪار جا سمورا ضابطا اخلاق، شڪايتي مرڪز ۽ اين جي اوز مڪمل ناڪام بڻجي ويون آهن گذريل هڪ ڏينهن ۾ خودڪشي جا ٻه واقعا پيش آيا، مٺي شهر جي ڪولهي پاڙي ۾ 50- سالن جي ڏامون ڪولهي پاران خودڪشي جي ڪوشش ڪئي وئي، وارثن موقعي تي ڏسي ورتو ۽ ڪيس سول اسپتال مٺي منتقل ڪري ڇڏيو خودڪشي جو ڪارڻ معلوم نه ٿيو ۽ پوليس جاچ ڪري رهي آهي ٻيو واقعو اسلام ڪوٽ ويجهو ڳوٺ چوناليس ۾ پيش آيو جتي 20 سالن جي مسمات حسينه زال ساجن لنڊ پنهنجي گهر اندر گلي ۾ رسو وجهي ڦاهو کائي ڇڏيو اطلاع تي پوليس پهچي لاش کي تحويل ۾ ورتو ۽ اسپتال مان ضروري قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته

شيخ پرڪيو پرسان ڏڙو سينبڻي ڳوٺ ۾ سولنگي برادري جي گڏجاڻي

اتحاد، يڪجهتي ۽ برادري جي ڀلائي بابت اهم ڳالهيون ڪيون ويون

اهڙيون گڏجاڻيون برادري جي ٻڌي ۽ سگهه جو ثبوت آهن: سردار زبير سولنگي

شيخ پرڪيو (ت ر)شيخ پرڪيو پرسان ڏڙو سينبڻي ڳوٺ ۾ سولنگي برادري جي دعوت تي هڪ وڏي ۽ باوقار گڏجاڻي منعقد ٿي،جنهن ۾ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شرڪت ڪندڙن جي وڏي تعداد سبب تقريب جلسي جي شڪل اختيار ڪري وئي،جتي اتحاد، يڪجهتي ۽ برادري جي ڀلائي بابت اهم ڳالهيون ڪيون ويون ميڙاڪي کي خطاب ڪندي سولنگي برادري جي سردار زبير خادم سولنگي سردار بابر خان سولنگي، قاضي غلام مصطفي سولنگي، عبدالشڪور ڪاڪو ۽ آفاق حسن سولنگي چيو ته هن علائقي سان سندن پراڻو لاڳاپو رهيو آهي ڇاڪاڻ ته سندن والد مرحوم سردار خادم حسين سولنگي به اڄ کان لڳ ڀڳ ويهه سال اڳ هتي برادري جي هڪ اهم گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي هئي هنن چيو ته اهڙيون گڏجاڻيون برادري جي ٻڌي ۽ سگهه جو ثبوت آهن سردار زبير خادم سولنگي پنهنجي خطاب ۾ تعليم جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته والدين پنهنجي ٻارن کي لازمي طور تعليم ڏيارين،جو ته پڙهيل لکيل نسل ئي قومن جي سڃاڻپ ۽ ترقي جو سبب بڻجندو آهي هن چيو ته "تعليم ئي اسان جي روشن مستقبل جي ضمانت آهي ۽ ان کانسواءِ ترقي ممڪن ناهي"هن وڌيڪ چيو ته برادري خلاف ٿيندڙ ڪنهن به زيادتي کي هاڻي برداشت نه ڪيو ويندو

شيخ پرڪيو ڏڙو سينبڻي ڳوٺ ۾ سولنگي برادري جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

لانڍي ٽائون جي ترقي ۽ تعمير اولين ترجيحن ۾ شامل آهي: محمد جميل

اسان پنهنجي بجيٽ جي حدن ۾ رهي عملي قدم کڻي رهيا آهيون

نجي ادارن جي تعاون سان سماجي ڀلائي جا ڪم به جاري آهن

ڪراچي(بيورو رپورٽ)لانڍي ٽائون جي چيئرمين محمد جميل چيو آهي ته ٽائون جي ترقي ۽ تعمير اسان جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي، جنهن لاءِ اسان پنهنجي بجيٽ جي حدن ۾ رهي عملي قدم کڻي رهيا آهيون ان کان علاوه ڪيترن ئي نجي ادارن جي تعاون سان سماجي ڀلائي جا ڪم به جاري آهن. انهن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ اينٽي اسٽيٽ ڪرائم فورم ڪراچي جي سربراهه جسٽس آف پيس سيد عثمان الحسن ايڊووڪيٽ سان ملاقات دوران ڪيو. ان موقعي تي پارٽي گروپ آف ڪمپنيز جي روح روان ڪاشف ٻهلم ۽ سينئر اينڪر پرسن سيد دانيال حسين پڻ موجود هئا. ملاقات جو مقصد يونين ڪائونسل 6 ۾ موجود تباهه حال پارڪ جي صورتحال تي غور ڪرڻ هو جيڪو گذريل دورن ۾ غير قانوني سرگرمين جي ڪري مشهور رهيو آهي ۽ هاڻي آواره جانورن ۽ نشي جي عادي ماڻهن جي آماجگاهه بڻجي چڪو آهي. اينٽي اسٽيٽ ڪرائم فورم جي سيد عثمان الحسن تفصيل ڏيندي چيو ته اهو پارڪ جتي صحت مند تفريح هئڻ گهرجي، اتي بدحالي آهي ۽ فيملين ۽ ٻارن بدران نشي جا عادي ماڻهو ۽ آواره جانور موجود آهن. هن وڌيڪ چيو ته ماضي ۾ به هتي ڪيترن غير قانوني سرگرمين جا واقعا ٿيندا رهيا آهن تنهنڪري ان جي بحالي انتهائي ضروري آهي. لانڍي ٽائون جي چيئرمين محمد جميل ان موقعي تي يقين ڏياريو ته پارڪ جي اڳوڻي حالت بحال ڪئي ويندي ۽ ڪوشش ڪئي ويندي ته ان کي ماڊل پارڪ بڻايو وڃي. هن چيو ته لانڍي ٽائون هڪ گهٽ آمدني وارو علائقو آهي، تنهنڪري هتي جي ماڻهن کي مفت ۽ صحتمند تفريح فراهم ڪرڻ لاءِ اهڙا قدم ضروري آهن. هن وڌيڪ چيو ته سيني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو ته جيئن لانڍي ٽائون کي هڪ مثالي علائقو بڻائي سگهجي

ڪراچي لانڍي ٽائون جي چيئرمين محمد جميل ميڊيا سان ڳالهائيندي

سوڀوديرو ۾ پبلڪ لائبريري موجود ناهي،شاگرد تعليمي حوالي سان پريشان

لائبريري نه هئڻ سبب شاگرد،نوجوان ۽ ڪتاب دوست پريشان آهن: شهري

پراڻي لائبريري قائم ٿيل هئي پر اها به ڪيترن سالن کان بند پيل آهي

پبلڪ لائبريري جي بحالي لاءِ بجيٽ جو مسئلو آهي، ميونسپل آفيسر

سوڀوديرو(ن ع)تعلقي سوڀوديرو جيڪو ضلعي خيرپور جو علمي ۽ ادبي حوالي سان سڃاتل علائقو آهي، پر هتي سرڪاري سطح تي ڪا به پبلڪ لائبريري موجود ناهي جنهن جي ڪري هتان جا شاگرد تعليمي حوالي سان پريشان ٿين ٿا. جنهن جي ڪري اهي شاگرد، نوجوان ۽ ڪتاب دوست طبقو سخت پريشان آهي. پوري تعلقي ۾ هڪ به سرڪاري طور لائبريري قائم ناهي ٿيل جنهن جي ڪري هتان جا شهرين سخت پريشان آهن. جڏهن ته ڪنهن دور ۾ پراڻي لائبريري قائم ٿيل هئي پر اها به ڪيترن سالن کان بند پيل آهي ۽ عمارت زبون حال ۾ آهي هتان جا شاگرد جيڪي ميٽرڪ، انٽر بي اي ۽ سي ايس ايس/ پي سي ايس جي تياري ڪندڙ نوجوان وٽ مطالعي لاءِ خاموش ۽ سهولتن واري جاءِ موجود ناهي اڪثر شاگرد گهرن ۾ شور يا بجلي جي لوڊشيڊنگ سبب پڙهي نه سگهندا آهن جڏهن ته اڪثر غريب شاگرد مهانگا ڪتاب پڻ خريد نه ٿا ڪري سگهن ان کان علاوه هن جديد دور ۾ پڻ انٽرنيٽ جي سهولت به ڳوٺن ۾ محدود آهي، ان ڪري ڊجيٽل لائبريري به متبادل نٿي بڻجي سگهي. جڏهن ته ڪاليج جي شاگردن وقار احمد، اسماعيل رفيق، حميد خان محمد، احمد خان ۽ ٻين عبرت سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته اسان جي تعلقي اندر ڪا به لائبريري قائم ٿيل ناهي جنهن جي ڪري اسان کي خيرپور يا سکر وڃڻو پوي ٿو هتي صرف اخبار پڙهڻ لاءِ ٿي ملن ٿيون پر اهي به صرف سنڌي جڏهن ته ڪا وڏي انگريزي يا اردو اخبار پڙهڻي هجي يا ڪنهن ڪتاب جو ڪو ريفرنس ڏسڻ هجي ته ان لاءِ سفر تي وقت ۽ پيسا ٻئي ضايع ٿين ٿا. جڏهن ته سماجي اڳواڻ چيو ته هڪ قوم ڪتاب کان سواءِ اڳتي نه ٿي وڌي سگهي، سوڀوديرو ۾ ڏاها ۽ شاعر پيدا ٿيا آهن پر نئين نسل کي اسان ڪتاب ئي نه ٿا ڏئي سگهون ميونسپل ڪاميٽي جي هڪ آفيسر نالو نه ڇاپڻ جي شرط تي ٻڌايو ته لائبريري جي بحالي لاءِ بجيٽ جو مسئلو آهي

دولتپور قومي شاهراهه تي آئل ٽينڪر جو وين سان ٽڪر،11 مسافر زخمي

بهادر پيٽرول پمپ سامهون تيز رفتار آئل ٽينڪر جو وين سان زوردار ٽڪر ٿي پيو

زخمي 6 ڄڻن جي حالت نازڪ هئڻ سبب کين نواب شاهه اسپتال ريفر ڪيو ويو

دولتپور (ن ع)دولتپور صفن قومي شاهراهه تي بهادر پيٽرول پمپ سامهون تيز رفتار آئل ٽينڪر جو وين سان زور دار ٽڪر نتيجي ۾ 11 وين مسافر زخمي ٿي پيا آهن اطلاع تي دولتپور پوليس پهچي زخمين کي اسپتال پهچايو آهي جتي زخمين کي طبي امداد ڏني... عديل احمد وڳڻ ، پرويز احمد وڳڻ عامر علي وڳڻ ۽ سندس هڪ معصوم ٻارڙو اسرار علي پٽ عامر علي وڳڻ ،خميسو خان محمد صالح جتوئي شامل آهن ٻڌايو پيو وڃي ته مسافر وين ڪراچيءَ کان سکر وڃي رهي هئي ته دولتپور صفن قومي شاهراهه...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

روزاني عبرت

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277

Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191

Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 22 اپريل 2026ع

سنڌ ۾ سياست، مزاحمت ۽ عوامي بيچيني: هڪ نئون موڙ

سنڌ جي سياست هڪ ڀيرو ٻيهر تيز گرمي اختيار ڪندي نظر اچي رهي آهي. گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (GDA) پاران نوان جتوئي ۽ دريا خان مري ۾ ٿيل پاور شو ۽ مزاحمت جو اعلان صرف هڪ سياسي سرگرمي نه، پر صوبي ۾ وڌندڙ بيچيني، مايوسي ۽ ردعمل جي عڪاسي ڪري ٿو جڏهن سياسي اڳواڻ کلي عام 'مزاحمت' جي ڳالهه ڪن ٿا ته اهو رڳو لفظي بيان نه هوندو آهي پر ان پويان عوامي احساسن جو دٻاءُ به شامل هوندو آهي. سيد راشد شاهه راشدي جي تقرير ۾ جيڪا سختي ۽ بيباڪي نظر آئي، اها سنڌ جي مخالف ڌر جي موجوده حڪمت عمليءَ کي واضح ڪري ٿي. سخت نعرا صرف سياسي مخالفت جو اظهار نه پر حڪمران ڌر خلاف وڌندڙ بيزاريءَ جو اشارو آهن. جڏهن هڪ سياسي قوت کلي طرح اعلان ڪري ٿي ته "اسان نه ڊڄنداسين ۽ نه پوئتي هٽنداسين"، ته اهو رياستي ۽ سياسي نظام لاءِ هڪ سنجيده پيغام هوندو آهي. ان سڄي صورتحال جو اهم پاسو اهو آهي ته مخالف ڌر پنهنجو ڪيس صرف سياسي اختلاف تائين محدود نٿي رکي، پر ان کي انتظامي ناڪامي، معاشي زوال ۽ سماجي بگاڙ سان ڳنڍي پيش ڪري رهي آهي. آئس جهڙي نشي جي عام ٿيڻ، پوليس جي مبينا ڪرپشن، ڀتاخوري ۽ زمينن تي قبضن جهڙا الزام ڪو نئون موضوع ناهن، پر جڏهن اهي هڪ منظم سياسي مهم جو حصو بڻجن ٿا ته انهن جو اثر وڌيڪ گهرو ٿي وڃي ٿو. ٻئي پاسي غلام مرتضيٰ جتوئي پاران ڪيل تاريخي ڀيٽ- ته موجوده دور ۾ ظلم ماضيءَ جي دورن کان به وڌي ويو آهي- هڪ جذباتي ۽ سياسي ڳالهه آهي، جيڪا عوامي احساسن کي تحرڪ ڏيڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي. اهڙا بيان سياسي تحريڪن کي طاقت ته ڏين ٿا پر ساڳئي وقت سماجي ورهاست کي به وڌائي سگهن ٿا.

سنڌ جي سياسي منظرنامي ۾ هڪ ٻي اهم ڳالهه اها به آهي ته مختلف قومپرست ۽ علائقائي جماعتون به هن تحريڪ سان گڏ بيٺل نظر اچن ٿيون. رياض چانڊيو ۽ سيد زين شاهه جهڙن اڳواڻن جا بيان ظاهر ڪن ٿا ته هيءَ تحريڪ رڳو هڪ پارٽيءَ تائين محدود نه رهي آهي پر هڪ وسيع اتحاد جي شڪل اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. جيڪڏهن اهو اتحاد منظم ۽ مستقل رهيو ته اهو سنڌ جي سياسي توازن تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو. پر هتي هڪ اهم سوال پيدا ٿئي ٿو ڇا هيءَ مزاحمت واقعي عوامي مسئلن جو حل آڻي سگهندي، يا صرف سياسي پوائنٽ اسڪورنگ تائين محدود رهندي؟ تاريخ ٻڌائي ٿي ته سنڌ ۾ ڪيترين ئي تحريڪن جنم ورتو پر گهڻيون يا ته وقت سان گڏ ڪمزور ٿي ويون يا وري سياسي مفادن جي ور چڙهي ويون. جيڪڏهن موجوده تحريڪ به صرف نعريبازي ۽ جلسن تائين محدود رهي ته ان جو انجام به مختلف نه هوندو.

حڪومت لاءِ به هيءَ هڪ اهم موقعي جي حيثيت رکي ٿو. مخالف ڌر جي تنقيد کي صرف سياسي بيان سمجهي نظرانداز ڪرڻ بدران، ان ۾ موجود حقيقتن جو جائزو وٺڻ ضروري آهي. جيڪڏهن واقعي قانون جي حڪمراني ڪمزور آهي، منشيات جو واپار وڌي رهيو آهي ۽ عوام بنيادي سهولتن کان محروم آهي ته انهن مسئلن کي حل ڪرڻ ئي اصل سياسي حڪمت عملي هئڻ گهرجي. ان سان گڏوگڏ مخالف ڌر لاءِ به ذميواري آهي ته هو پنهنجي تحريڪ کي پُرامن، منظم ۽ سنجيده رکي. 'مزاحمت' جو لفظ جذباتي طور تي پرڪشش ضرور آهي پر جيڪڏهن اهو ڪنهن به قسم جي افراتفري يا ٽڪراءَ ڏانهن وڃي ٿو ته ان جو نقصان آخرڪار عام ماڻهن کي ئي ڀوڳڻو پوندو. سياست جو مقصد طاقت جو اظهار نه، پر عوامي مسئلن جو حل هجڻ گهرجي.

اٽليءَ جي شهرن جو سفري داستان!

(حصو ٻيو)

عبدالله عثمان موراڻي

7 مارچ 2026ع جي شام، جڏهن اسان نيپلز پهتاسين ته ان ۾ هڪ خاص قسم جي ڳالهه محسوس ٿي ته هيءَ هڪ اهڙو شهر آهي، جيڪو پنهنجي پاڻ کي مڃائڻ لاءِ تڪڙ نٿو ڪري پر ان جي بدران اهو هوريان هوريان اٿين محسوس ڪرائي ٿو ته هو ڪا ڪهاڻي شروع ڪان ٻڌائڻ شروع ڪندو هجي ۽ ظاهر آهي ته ان ڪهاڻيءَ جي آخر به ٿيندي. سوچڻ جو مقصد ته ڪهاڻي ٻڌڻ کان پوءِ ئي هن شهر جي باري ۾ هڪ راءِ رکي سگهجي ٿي، جنهن جو اسان پاڻ انتظار ٿي ڪيو. روم کان اسان جو سفر، جيڪو لڳ ڀڳ اڍائي ڪلاڪن تي ٻڌل هو، اها رڳو ٻن شهرن جي وچ ۾ اچ وڃ نه هئي، پر ٻن مختلف ماحولن جي وچ ۾ هڪ پُرسڪون تبديلي هئي، رستي ۾ نظر ايندڙ نظارا هڪ سهڻو داستان پيش ڪن ٿا. پکڙيل ميدان، ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ جون جهلڪيون، پهاڙي علائقا ۽ اٽليءَ جي مختلف جاگرافيءَ جون ثابتيون ملن ٿيون.

بس ۾ جديد سهولتون مثال طور وائي فائي، موبائل يا ڪمپيوٽر چارج ڪرڻ جا ساڪٽ ۽ ٽوائليٽ موجود هو. اهي سهولتون سفر کي وڌيڪ سولو ۽ آرامده بڻائي ڇڏين ٿيون. جڏهن اسان پهتاسين ته نيپلز اسان جو استقبال ڪنهن بناوٽي ملاوٽ سان نه پر پنهنجي اصل، جيئري جاڳندي ۽ حقيقي سڃاڻپ سان ڪيو. بس اسٽاپ ۾ اها چمڪندڙ جديديت نه هئي، جيڪا شايد ڪو ماڻهو يورپ جي ڪنهن وڏي شهر مان توقع ڪري سگهي ٿو پر شايد اهو پهريون اشارو هو ته نيپلز ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ٿيڻ جي ڪوشش ناهي ڪندو جيڪو هو حقيقت ۾ آهي. منهنجي خيال ۾ انسان کي به اٿين نيپلز وانگر هجڻ گهرجي.

بس اڏي کان رهائشگاهه تائين پنڌ

ڪنهن سواريءَ ۾ وڃڻ جي بدران، ادا جان مگريو ۽ مون فيصلو ڪيو ته اسان پنهنجي رهائشگاهه 'نيپولي ڊائون ٽائون اِن' (Napoli Downtown Inn) تائين پنڌ ئي پنڌ گهمندا ڦرندا ۽ ماحول کي محسوس ۽ ڏسندا ٿا هلون. اسان واري بوڪ ڪيل رهائش گاهه نيپلز جي بندرگاهه واري علائقي جي ويجهو هئي، ان اڌ ڪلاڪ ڪن جي پنڌ واري مفاصلي نيپلز سان ڪنهن حد تائين اسان جو حقيقي تعارف ڪرايو. رستا، گهٽيون ۽ ماڻهن جي اڄ وچ زندگي سان ڀرپور محسوس ٿي رهيون هيون.

اسان جو گذرڻ ڪجهه شاندار چوڪن وٽان ٿيو جتي بلند و بالا مجسما سينگاريل هئا، جيڪي جڻ ته خاموشيءَ سان ماضيءَ جون ڪهاڻيون ٻڌائي رهيا هجن. وقفي وقفي سان ميٽرو اسٽيشنن ڏانهن هيٺ ويندڙ ڏاڪڻيون پڻ سامهون اچي رهيون هيون، جيڪي تاريخ ۾ گهريون پاڙون رکندڙ هن شهر ۾ جديد بنيادي ڍانچي کي ضم ڪري رهيون هيون. گهٽين ۾ هڪ مسلسل چهل پهل هئي، جنهن ۾ ويسپا (Vespa) انجڻين جو مخصوص آواز اچي رهيو هو. اهي مشهور موٽر سائيڪلون هر طرف موجود هيون، جيڪي سوڙهين گهٽين مان اٿين سولائيءَ سان گذري رهيون هيون، جيڪا شهر سان سندن واقفيت ۽ هڪ خاص عڪاسي جي گواهي ڏئي رهيون هيون.

اتي اهو محسوس ٿيو ته فٽبال جڻ ڪا عقيدت هجي. ڊيگو ميرادونا کي نيپلز ۾ رڳو ياد ناهي ڪيو ويندو، پر ڪيس هڪ معتبر شخصيت طور سڃاتو ويندو آهي. سندس موجودگي ڀتين تي تصويرن، پوسٽرن، ٽي شرٽن ۽ گفتگو ۾ محسوس ڪري سگهجي پئي. اها ڳالهه بلڪل واضح هئي ته هتي فٽبال رڳو هڪ راند ناهي پر اها هڪ سڃاڻپ، فخر ۽ هڪ يادگيري آهي.

اسان جي رهائش واري بيڊ اينڊ بريڪ فاسٽ ۾ سيلف چيڪ ان جو عمل سولو هو. جيڪو يورپي رهائشگاهن ۾ اڪثر ملندڙ جلندڙ مهارت جي عڪاسي ڪري رهيو هو. ڪمرو آرامده هو، جيتوڻيڪ ان ۾ ڪجهه گهٽتايون پڻ هيون، مثال طور چانهه لاءِ پاڻي گرم ڪرڻ واري ڪيتلي جو نه هجڻ هڪدم محسوس ٿيو جيڪا هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن کي چانهه جا شوقين مسافر فطري طور تي ڳوليندا آهن.

پر ان جو حل اهو هو ته رهائشگاهه واري اندر داخل ٿيندڙ دروازي کان پوءِ ورانڊي ۾ هڪ سادو ۽ سولو انتظام موجود هو، جتي ڪافي مشين ۽ ڪافيءَ جا مختلف قسم، چانهه جا بيگز ۽ پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ مائڪرو ويو رکيل هو. اهو ڪو مثالي انتظام نه هو پر نه هجڻ کان ڪجهه هجڻ هو سو اسان لاءِ ڪافي هو. ڪڏهن ڪڏهن سفر ۾ اهو "ڪافي هجڻ" ئي تجربي جو حصو بڻجي ويندو آهي، هڪ اهڙي ڳالهه جنهن کي ياد ڪري انسان مرڪي پوندو آهي.

وطن کان پري سنڌي ناتن جي گرمجوشي

تازو توانو ٿيڻ ۽ ڪپڙا مٽائڻ ڪانپوءِ اسان ڪجهه دوستن جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين ۽ جڏهن اهي پهتا ته اها رڳو هڪ ملاقات نه هئي، پر هڪ يادگار گهڙي هئي مرڪون وکري ويون ۽ فطري طور تي سڄي فضا هڪ طاقتور سنڌي لفظ "سائين سائين سائين" سان گونجڻ لڳي. هڪ اهڙو لفظ جيڪو پوري دنيا ۾ رهندڙ سنڌين لاءِ پنهنجائپ، واقفيت ۽ تعلق جو هڪ گهرو احساس پاڻ سان گڏ کڻي اچي ٿو.

اسان سان گڏ نوابشاهه جو پير سمير، منهنجي پياري شهر موري جا برهان علي ميمڻ ۽ صفان ٻگهيو ۽ ڪراچي جو اردو ڳالهائيندڙ سنڌي محمد وقار شامل هئا. هڪ اردو ڳالهائيندڙ سنڌي جيڪو سنڌي به سمجهي ٿي جو نالو هميشه وانگر جڏهن به ورتو وڃي ٿو

آمريڪا جي فضائن مان

ڳالهين جي ميز يا طاقت جو پاڇو؟ هرمز، اسلام آباد ۽ وقت جي وچ ۾ لٽڪيل دنيا

راجا زاهد اختر خانزاده

دنيا ڪڏهن ڪڏهن اهڙي موڙ تي اچي بيهي ٿي، جتي خبرون صرف خبرون نه رهنديون آهن. اهي پاڻ هڪ ڪيفيت بڻجي وينديون آهن. هڪ اهڙي ڪيفيت جنهن ۾ سچ ۽ تاثر هڪ ٻئي ۾ گڏجي وڃن ٿا ۽ حقيقت کي سڃاڻڻ لاءِ صرف پڙهڻ نه پر محسوس ڪرڻو پوي ٿو. هن وقت به ڪجهه اهڙو ئي ٿي رهيو آهي. هڪ پاسي چيو پيو وڃي ته ڳالهين ويجهيون آهن ۽ دروازو کليل آهي، اسلام آباد هڪ پل بڻجڻ وارو آهي. ٻئي پاسي سمنڊ جي سطح تي لهرون بيچين آهن. جهازن جا رستا غير يقيني آهن ۽ بيانن ۾ اها سختي آهي جيڪا ڪنهن به لمحي لفظن کي بارود ۾ بدلائي سگهي ٿي.

صدر ڊونلڊ ٽرمپ جا لفظ هن پوري ڪهاڻيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ گونج رکن ٿا. هو هڪ ئي ساهه ۾ اميد به ڏين ٿا ۽ خوف به پيدا ڪن ٿا. هو چون ٿا ته معاهدو هڪ يا ٻن ڏينهن جي دوري تي آهي، نمائندا اسلام آباد پهچي رهيا آهن. هڪ رستو نڪري سگهي ٿو ۽ پوءِ انهيءَ ئي لمحي هو اهو به چون ٿا ته جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته پلون ڪري پونديون، بجلي گهر خاموش ٿي ويندا ۽ هڪ ملڪ جو ساهه بند ڪيو ويندو. اهي به جملا نه آهن، به دنيائون آهن ۽ ٻئي هڪ ئي زبان مان نڪري رهيا آهن. اِهو ئي اُهو مقام آهي جتي سفارتڪاري ۽ دٻاءُ هڪ ٻئي ۾ گڏجي وڃن ٿا ۽ اهو سمجهڻ مشڪل ٿي پوي ٿو ته اصل مقصد ڇا آهي، امن يا برتري؟

انهيءَ جي جواب ۾ تهران جو آواز اچي ٿو محتاط پر واضح. ايران جي پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد باقر قاليباف چوي ٿو ته ڌمڪين سان گڏ ڳالهيون اسان کي قبول نه آهن. هو انهيءَ ميز کي، جنهن کي دنيا امن جي ميز سمجهي رهي آهي، هڪ ٻيو نالو ڏين ٿا: هٿيار ڦٽا ڪرڻ جي ميز. اهو صرف هڪ جملو نه آهي، اهو هڪ تجربو آهي، هڪ تاريخ آهي. هڪ ياد آهي، جيڪا ايران جي فيصلن پٺيان بيٺل آهي. تهران چوي ٿو ته جيڪڏهن رستو کولڻو آهي ته پهرين دٻاءُ گهٽائڻو پوندو، جيڪڏهن ڳالهائڻو آهي ته پهرين اعتماد پيدا ڪرڻو پوندو نه ته لفظ صرف لفظ نه رهندا، اهي نيت جو آئينو بڻجي وڃن ٿا.

پر ميدان جي حقيقت لفظن کان مختلف آهي. بحري ناڪابندي پنهنجي جاءِ تي موجود آهي آبنائي هرمز جيڪا دنيا جي معيشت جي شهه رڳ آهي، هڪ ڀيرو وري ڪشيدگيءَ جي علامت بڻجي چڪي آهي. هڪ ايراني جهاز کي روڪيو ويو، نقصان پهچايو ويو ۽ قبضي ۾ ورتو ويو. ايران هن امريڪي ڪارروائيءَ کي بحري قزاقي ۽ جنگبنديءَ جي خلاف ورزي قرار ڏنو آهي ۽ جلد جواب ڏيڻ جو اشارو ڪيو آهي. هڪ پاسي ڳالهيون ۽ ٻئي پاسي طاقت جو مظاهرو، ٻئي هڪ ئي وقت ۾. ٻئي هڪ ئي پاليسيءَ جو حصو پيش ڪيا پيا وڃن. اهو تضاد اتفاقي نه آهي. اها هڪ اهڙي حڪمت عمليءَ جي نشاني آهي، جنهن ۾ سفارتڪاريءَ کي دٻاءُ جي هٿيار طور استعمال ڪيو پيو وڃي ته جيئن مخالف فريق کي غير يقيني ڪيفيت ۾ رکيو وڃي، جڏهن ته طاقت جو بنيادي رويو تبديل نه ٿئي.

ڳالهين لاءِ موڪليل امريڪي وفد تي به سنجيده سوال اٿاريا پيا وڃن. چيو پيو وڃي ته ان ۾ ڪيريئر ڊپلوميٽ شامل نه هئا، بلڪ اهڙا ماڻهو هئا جن جو ڪردار وڌيڪ سياسي يا اسٽريٽجڪ هو. سابق امريڪي صدر بل ڪلنٽن به انهيءَ قسم جي وفد تي سوال اٿاريو ته انهيءَ جي ذريعي ڪهڙي قسم جي سفارتڪاري ممڪن ٿيندي. ان کان علاوه ڳالهين کان پوءِ امريڪي قيادت جي ڪجهه فوري رابطن ۽ اوچتو رويي جي تبديلي تهران ۾ شڪ کي وڌيڪ گهرو ڪري ڇڏيو آهي. ايران جي اندر هن وقت به بيانيا گڏ هلي رهيا آهن. هڪ چوي ٿو ته اهو سڀ وقت خريد ڪرڻ جو کيل آهي، تياري جو کيل آهي، دٻاءُ جو کيل آهي ۽ ان ۾ شامل ٿيڻ پاڻ کي هڪ ڄار ۾ وجهڻ آهي.

عالمي سطح تي آزاد صحافي ۽ سنجيده تجزيہ نگار هن پوري منظر کي هڪ بلڪل مختلف زاويي مان ڏسي رهيا آهن. انهن جو دليل اهو آهي ته ڳالهين جي ڳالهه دراصل هڪ اسٽريٽجڪ پردو آهي، جنهن جي ذريعي وقتي طور تيل جي قيمتن کي ڪنٽرول ۾ رکيو پيو وڃي، عالمي مارڪيٽن کي استحڪام جو تاثر ڏنو پيو وڃي ۽ انهيءَ دوران فوجي پوزيشن مضبوط ڪئي پئي وڃي. اهو به چيو پيو وڃي ته اسرائيل کي مسلسل هٿيار ۽ جنگي ساز و سامان فراهم ڪيو پيو وڃي ته جيئن هڪ وڏي جنگ جي تياري مڪمل ٿي سگهي. انهيءَ تجزيي جو مرڪزي نڪتو اهو آهي ته امريڪي اسٽيبلشمينٽ، اسرائيلي قيادت ۽ لابنگ نيٽ ورڪ هن معاملي تي هڪ ئي صفحي تي آهن ۽ انهن جو مقصد صرف دٻاءُ وجهڻ نه آهي، بلڪ ايران کي ايتري حد تائين ڪمزور ڪرڻ آهي ته اهو هڪ مستحڪم علائقائي طاقت طور اڀري ئي نه سگهي. ڇاڪاڻ ته ائين ٿيڻ نه صرف اسرائيل جي اسٽريٽجڪ مقصدن کي بلڪ پوري خطي ۾ طاقت جي توازن کي به بدلائي ڇڏيندو.

ڳالهين لاءِ موڪليل امريڪي وفد تي به سنجيده سوال اٿاريا پيا وڃن. چيو پيو وڃي ته ان ۾ ڪيريئر ڊپلوميٽ شامل نه هئا، بلڪ اهڙا ماڻهو هئا جن جو ڪردار وڌيڪ سياسي يا اسٽريٽجڪ هو. سابق امريڪي صدر بل ڪلنٽن به انهيءَ قسم جي وفد تي سوال اٿاريو ته انهيءَ جي ذريعي ڪهڙي قسم جي سفارتڪاري ممڪن ٿيندي. ان کان علاوه ڳالهين کان پوءِ امريڪي قيادت جي ڪجهه فوري رابطن ۽ اوچتو رويي جي تبديلي تهران ۾ شڪ کي وڌيڪ گهرو ڪري ڇڏيو آهي.

ايران جي اندر هن وقت به بيانيا گڏ هلي رهيا آهن. هڪ چوي ٿو ته اهو سڀ وقت خريد ڪرڻ جو کيل آهي، تياري جو کيل آهي، دٻاءُ جو کيل آهي ۽ ان ۾ شامل ٿيڻ پاڻ کي هڪ ڄار ۾ وجهڻ آهي. ٻيو چوي ٿو ته دروازو مڪمل طور بند نه ڪرڻ گهرجي ته جيڪڏهن ڪو رستو نڪري سگهي ٿو ته ان کي آزمائڻ گهرجي، پر هن ڀيري اکيون کليل رکي. اها ئي ٻڌتر هن پوري صورتحال جي اصل تصوير آهي نه مڪمل انڪار، نه مڪمل اعتماد.

اسلام آباد هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ خاموش پر اهم ڪردار طور اڀريو آهي. شهر جا رستا شايد پهريان وانگر ئي آهن پر انهن هيٺ هڪ ٻي حرڪت جاري آهي. سيڪيورٽي جو حصار، سفارتي اچ وڃ ۽ هڪ اڻ ڏٺل انتظار اهو ٻڌائي رهيو آهي ته ڪجهه ٿيڻ وارو آهي يا گهٽ ۾ گهٽ دنيا کي اهو ڏيکاريو پيو وڃي ته ڪجهه ٿيڻ وارو آهي. امريڪي وفد جي باري ۾ پهرين چيو ويو ته نائب صدر جي ڊي وينس نه ايندو، پوءِ چيو ويو ته وينس ايندو. هي ردوبدل هڪ اهڙو سوال جنم ڏئي ٿو جيڪو رد نه ٿو ڪري سگهجي: جيڪو ايندو ڇا اهو واقعي ڳالهائڻ ايندو يا صرف پنهنجي موجودگيءَ جو ثبوت ڏيڻ؟

پاڪستان هن پوري ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نازڪ مقام تي بيٺو آهي. وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي قيادت ۾ هڪ پاسي پاڪستان پاڻ کي هڪ ذميوار سفارتي پل طور پيش ڪري رهيو آهي، ٻئي پاسي هن عمل ۾ پنهنجي ساک، پنهنجي پوزيشن ۽ پنهنجي سفارتي حيثيت کي داءَ تي به رکي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن هيءُ عمل ڪامياب ٿئي ٿو ته اها هڪ وڏي تاريخي سفارتي ڪاميابي هوندي پر جيڪڏهن اهو صرف هڪ اسٽيج ثابت ٿيو ته انهيءَ جا اثر پري تائين ويندا.

وڏا عالمي تجزيہ نگار هن ڪهاڻيءَ جي ڪنارن کي وڌيڪ واضح ڪن ٿا. جان مرشائمر ياد ڏياري ٿو ته ايران کي ڪمزور سمجهڻ هڪ بنيادي غلطي هوندي، ڇاڪاڻ ته آبنائي هرمز انهيءَ جي هٿ ۾ اهڙو هٿيار آهي جيڪو گولي نه هلائيندو آهي پر دنيا کي روڪي سگهي ٿو. جيفري سيڪس هن لمحي کي هڪ وڏي عالمي بحران جو حصو سمجهي ٿو جتي طاقت جي سياست معيشت جي توازن کي لوڏي رهي آهي. ڊگلس ميڪگريگر هن کيل ۾ چين ۽ روس کي خاموش رهي فائدو وٺندي ڏسي ٿو ۽ اسڪاٽ رٽر خبردار ڪري ٿو ته هي رستو ڪنهن فوري انجام جي طرف نه ٿو وڃي، اهو هڪ ڊگهي، ٿڪائيندڙ ڪشيدگيءَ جي طرف وڃي ٿو جنهن ۾ ڪنهن به ڌر کي فيصلاڪن نتيجو نه ملندو.

هن بحران ۾ معيشت ۽ سياست جو گهرو تعلق به نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. تيل جي قيمتن ۾ اٿل پٿل، شيئر مارڪيٽ جي حرڪت ۽ سياسي بيانين جي انتظام جي وچ ۾ هڪ باريڪ پر طاقتور رشتو موجود آهي. اهو به چيو پيو وڃي ته هيءُ بحران ڪجهه حلقن لاءِ معاشي فائدي جو ذريعو بڻجي رهيو آهي، جتي قيمتن جي اٿل پٿل مان وڏي پيماني تي نفعو ڪمايو پيو وڃي. ان سان گڏ اهو به چيو پيو وڃي ته امريڪا جون ايندڙ مڊٽرم چونڊون هن پوري حڪمت عمليءَ جو هڪ اهم حصو ٿي سگهن ٿيون.

هڪ ٻيو وڏو جيوپوليٽيڪل پهلو به هن تصوير جو حصو آهي. امريڪا، چين، روس، جاپان ۽ يورپ جي وڏين طاقتن جي وچ ۾ جاري عالمي مقابلو هڪ نئين مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي. ايران جو چين سان توانائي جي معاملن ۾ تعاون ۽ تيل کي ڊالر جي بدران ٻين ڪرنسين ۾ وڪڻڻ جي خواهش انهيءَ عالمي نظام لاءِ هڪ سنجيده چئلينج آهي، جنهن جو بنياد پيٽرو ڊالر تي بيٺل آهي. اهو ئي سبب آهي ته ايران کي محدود رکڻ صرف علائقائي سياست جو نه بلڪ عالمي مالياتي نظام جي تحفظ جو به معاملو بڻجي چڪو آهي.

ميدان ۾ فوجي پهلو به مسلسل گهرو ٿيندو پيو وڃي. آبنائي هرمز تي امريڪي فوجي موجودگيءَ ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي، هزارين وڌيڪ اهلڪار خطي ۾ مقرر ڪيا پيا وڃن ۽ اهو سڀ ڪجهه انهيءَ تاثر کي وڌيڪ تقويت ڏئي ٿو ته هي صرف هڪ سفارتي عمل نه آهي، بلڪ هڪ وڏي اسٽريٽجڪ تياري به بيڪ وقت جاري آهي.

اهي سڀ ڪارڻ گڏجي هڪ اهڙي تصوير ناهين ٿا جيڪا سادي نه آهي، سڌي نه آهي ۽ يڪطرفي به نه آهي. هي هڪ layered حقيقت آهي جتي هر ڌر پنهنجي زاويي کان درست نظر اچي ٿو ۽ هر زاويو هڪ نئين ۽ گهري پيچيدگي پيدا ڪري ٿو. هڪ پاسي امريڪا آهي، جيڪو پنهنجي طاقت جو تاثر برقرار رکڻ چاهي ٿو پر هڪ ڊگهي جنگ جي بار کان به واقف آهي. ٻئي پاسي ايران آهي، جيڪو جهڪڻ نه ٿو چاهي پر نه ختم ٿيڻ واري ڪشيدگيءَ کي به دعوت نه ٿو ڏيڻ چاهي. هي اهو مقام آهي جتي ٻئي ڌريون شايد هڪ ئي شيءِ چاهين ٿيون، پر هڪ ٻئي تي يقين نه ٿيون ڪن.

۽ اهو ئي هن پوري ڪهاڻيءَ جو سڀ کان سچو ۽ سڀ کان پيچيده پهلو آهي. ڇاڪاڻ ته آخر ۾ صرف اهو سوال نه رهندو آهي ته ڳالهيون ٿينديون يا نه؟ اصل سوال اهو بڻجي پوي ٿو ته ڇا اهي ڳالهيون، جيڪڏهن ٿيون ته واقعي ڪنهن حل جي طرف وٺي وينديون، يا اهو صرف هڪ وقفو آهن. هڪ ساهه، جنهن کان پوءِ کيل ٻيهر شروع ٿيندو، شايد پهرين کان وڌيڪ شدت سان.

سنڌ جي خلاف سازش؟

محمد خان ابڙو

پاڪستان جي تاريخ اُن ڳالهه جي گواهه آهي ته جڏهن به جمهوريت مضبوط ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جڏهن به ملڪ جي وفاقي نظام ۾ سڀني صوبن کي گڏ کڻي هلڻ جي ڳالهه ٿي، تڏهن ڪجهه اهڙيون قوتون به سامهون آيون جن صوبن جي وچ ۾ شڪ، بداعتمادي ۽ اختلاف پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. خاص ڪري سنڌ خلاف سازشن جو سلسلو ڪو نئون ناهي پر پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ مختلف وقتن تي مختلف صورتن ۾ ٿيندو رهيو آهي. سنڌ، جنهن کي پاڪستان جي معيشت جي ريڙهه جي هڏي سمجهيو وڃي ٿو، هميشه ملڪ جي اتحاد ۽ گڏجڻ جي ڳالهه ڪئي آهي پر افسوس جي ڳالهه اِها آهي ته ساڳي سنڌ کي بار بار نشانو بڻايو ويو آهي. اهو به سڀني کي خبر آهي ته سنڌ جي سياسي سڃاڻپ کي سڀ کان وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ۾ پيپلز پارٽي جو وڏو ڪردار رهيو آهي. هن جماعت هميشه پاڪستان کي مضبوط وفاق بڻائڻ جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ سنڌ سميت سڀني صوبن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. ذوالفقار علي ڀٽو نه رڳو پاڪستان کي هڪ گڏيل ۽ متفقه آئين ڏنو پر صوبن کي سندن آئيني حق به ڏنا. هن جو نظريو اِهو هو ته پاڪستان تڏهن ئي مضبوط ٿي سگهي ٿو جڏهن سڀئي صوبا پاڻ کي برابر، محفوظ ۽ عزت وارو محسوس ڪن. سنڌ خلاف سازشن جو اصل سلسلو تڏهن تيز ٿيو جڏهن جمهوري قيادت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ صوبن جي وچ ۾ نفرت ۽ تعصب وڌائڻ شروع ڪيو ويو. سنڌ کي ٻوليءَ جي بنياد تي ورهائڻ جون ڳالهيون ڪيون ويون، ڪراچي کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ جون تجويزون به سامهون آيون ۽ سنڌ جي سياسي اڳواڻن کي بدنام ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. حقيقت ۾ اِهي سڀ قدم پاڪستان جي وفاقي نظام کي ڪمزور ڪرڻ جي برابر هئا، ڇو ته جڏهن صوبا پاڻ ۾ وڙهندا يا ورهائبا ته سڄو ملڪ به ڪمزور ٿي ويندو.

شهيد بينظير ڀٽو پنهنجي دور ۾ صاف لفظن ۾ چيو هو ته سنڌ خلاف ڪا به سازش اصل ۾ پاڪستان خلاف سازش آهي. هن هميشه زور ڏنو ته ڪراچي پاڪستان جو معاشي مرڪز آهي، يعني ملڪ جي واپار، روزگار ۽ معيشت جو وڏو حصو هتان ڪان جڙيل آهي، تنهن ڪري ان کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جي ڪا به ڪوشش ملڪ جي اتحاد ۽ يڪجهتي لاءِ نقصانڪار هوندي. بدقسمتي سان، ڪراچي کي بار بار سياسي ۽ انتظامي تجربن لاءِ استعمال ڪيو ويو يعني مختلف حڪومتن پنهنجا پنهنجا طريقا آزمائڻ لاءِ هن شهر کي ليبارٽري وانگر استعمال ڪيو. مختلف دورن ۾ اهڙا قدم کنيا ويا، جن سان صوبن جي خودمختياري متاثر ٿي. امن امان جي نالي تي سنڌ جي چونڊيل حڪومتن جا اختيار گهٽ ڪرڻ يا محدود ڪرڻ جون به ڪوششون ڪيون ويون. انهن سڀني ڳالهين سبب سنڌ جي ماڻهن ۾ محرومي جو احساس پيدا ٿيو يعني ماڻهن کي لڳو ته سندن حق کسيا پيا وڃن. 2013ع کانپوءِ ڪراچي ۾ هلندڙ آپريشن کي به ڪجهه حلقن سنڌ خلاف سازش قرار ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، حالانڪ امن قائم ڪرڻ هر شهري جي بنيادي ضرورت آهي، ڇو ته بغير امن جي نه ڪاروبار هلي سگهي ٿو ۽ نه عام زندگي پر ساڳئي وقت اِهو به سچ آهي ته امن جي نالي تي سياسي انجنيئرنگ (يعني سياست کي پنهنجي مرضي مطابق بدلائڻ يا ڪنٽرول ڪرڻ) جون شڪايتون به سامهون آيون. جيڪڏهن 25 فيبروري 2016ع تائين واري صورتحال تي نظر وجهجي ته اِهو صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ڪراچي ۾ امن ته ڪجهه حد تائين بهتر ٿيو پر ساڳئي وقت سياسي توازن، يعني مختلف سياسي قوتن جي برابري ۽ اثر به متاثر ٿيو. ڪراچي پاڪستان جو دل آهي. هتي پنجابي، سنڌي، بلوچ، پشتون ۽ مهاجر سڀ گڏجي رهن ٿا، يعني هيءُ شهر هر قوم ۽ هر ٻولي وارن ماڻهن جو گڏيل گهر آهي. ڪراچي صرف سنڌ جو نه پر سڄي پاڪستان جو شهر آهي پر ان ڳالهه کي مڃڻ جو اِهو مطلب ناهي ته سنڌ جا آئيني حق نظرانداز ڪيا وڃن. جيڪي ماڻهو يا قوتون ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا، اهي اصل ۾ اهڙو بيانيو مضبوط ڪن ٿا، جيڪو پاڪستان جي دشمنن کي فائدو ڏئي ٿو. آصف علي زرداري پنهنجي صدارت واري دور ۾ 'پاڪستان کپي' جو نعرو هڻي صاف پيغام ڏنو ته سنڌ جي سياست پاڪستان خلاف ناهي پر ملڪ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ آهي. هن جو اهو نعرو اصل ۾ انهن ماڻهن لاءِ جواب هو جيڪي سنڌ جي حب الوطني تي شڪ ڪندا هئا. پيپلز پارٽي جي قيادت هميشه اهو مڃيندي آئي آهي ته جيڪڏهن سنڌ ترقي ڪندي ته پاڪستان به ترقي ڪندو. سنڌ جا وسيلا، جهڙوڪ ڪارخانا، زمينون ۽ بندرگاهون، سڄي ملڪ جي فائدي لاءِ استعمال ٿين ٿا. ڪراچي جون بندرگاهون، سنڌ جون صنعتون ۽ زراعت پاڪستان جي معيشت کي سهارو ڏين ٿيون، يعني ملڪ جي آمدني ۽ واپار ۾ وڏو حصو رکن ٿيون. سنڌ خلاف سازشن جو هڪ اهم رُخ ميڊيا ۽ پروپيگنڊا سان به لاڳاپيل آهي. ڪڏهن ڪڏهن سنڌ جي حڪومت کي ناڪام ڏيکارڻ لاءِ منظم مهم هلائي ويندي آهي، جنهن ۾ ڪراچي جي مسئلن کي وڌائي پيش ڪيو ويندو آهي پر جيڪي سٺا ڪم ٿين ٿا، انهن کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي. اهڙي عمل سان نه رڳو سنڌ، پر سڄي پاڪستان جي ساک متاثر ٿيندي آهي. اِها به هڪ حقيقت آهي ته سنڌ جي ماڻهن هميشه پاڪستان سان وفاداري ڪئي آهي. پاڪستان ٺهڻ واري تحريڪ ۾ سنڌ جو ڪردار تمام اهم ۽ تاريخي رهيو آهي. سنڌ اها پهرين صوبائي اسيمبلي هئي جنهن پاڪستان جي حق ۾ قرارداد پاس ڪئي. اهڙي صوبي جي حب الوطني تي سوال ڪرڻ اصل ۾ تاريخ کي نظرانداز ڪرڻ يا انڪار ڪرڻ جي برابر آهي.

سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان اهو ڏسون ته ڪهڙا ماڻهو يا قوتون آهن، جيڪي صوبن جي وچ ۾ نفرت ۽ اختلاف پيدا ڪرڻ چاهين ٿيون. ڪڏهن پاڻي جي مسئلي کي وڏو ڪري پيش ڪيو ويندو آهي، ڪڏهن وسيلن جي ورڇ تي جهيڙا پيدا ڪيا ويندا آهن ۽ ڪڏهن وري سڌارن جي نالي تي صوبن جا اختيار گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. مطلب ته مختلف طريقن سان صوبن کي پاڻ ۾ ٽڪراءَ ڏيارڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي ٿي. پاڪستان جي بقا اُن ڳالهه ۾ آهي ته اُن جو وفاقي نظام مضبوط هجي. جيڪڏهن سنڌ ڪمزور ٿيندي ته پاڪستان به مضبوط نه رهي سگهندو. ساڳي طرح جيڪڏهن پنجاب، خيبر پختونخواهه يا بلوچستان ڪمزور ٿيندا ته پوءِ سڄي ملڪ جو وجود به خطري ۾ پئجي سگهي ٿو. ڇو ته پاڪستان سڀني صوبن سان گڏجي ٺهيو آهي. ڪنهن هڪ سان نه. اڄ جي وقت ۾ سڀ کان وڏي ضرورت اِها آهي ته سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن کي سڃاتو وڃي ۽ انهن جو مقابلو سمجهه ۽ سياسي دانائيءَ سان ڪيو وڃي. جمهوريت کي مضبوط بڻايو وڃي، صوبن جي خودمختياري جو احترام ڪيو وڃي ۽ وفاق جي سڀني حصن (صوبن) جي وچ ۾ ڀروسو ۽ اعتماد وڌايو وڃي. پيپلز پارٽيءَ جو فلسفو هميشه اِهو رهيو آهي ته اَصل طاقت عوام وٽ هوندي آهي. سنڌ جا ماڻهو به پاڪستان جا ماڻهو آهن ۽ پاڪستان جا ماڻهو به سنڌ جا ماڻهو آهن. اِهو لاڳاپو ڪڏهن به ٽٽي نٿو سگهي. اڄ به جيڪڏهن اسان ذوالفقار علي ڀٽو شهيد، بينظير ڀٽو شهيد ۽ آصف علي زرداري جي سياست کي ڏسون ته هڪ ڳالهه بلڪل صاف نظر اچي ٿي ته انهن جي جدوجهد ڪنهن هڪ صوبي لاءِ نه، پر سڄي پاڪستان لاءِ هئي. جيڪي ماڻهو سنڌ جي سياست کي پاڪستان دشمني سان ڳنڍين ٿا، اهي اصل ۾ دشمنن جي ڳالهه کي اڳتي وڌائين ٿا. سنڌ جي ڌرتي صوفين جي ڌرتي آهي، محبت جي ڌرتي آهي ۽ پاڪستان سان وفاداري جي علامت آهي. پاڪستان زنده باد، سنڌ پائنده باد.

اڄوڪو ڏينهن - 22 اپريل

منشي عبد الڪريم دائودپوٽو

اڄ مشهور ڪلاسيڪي شاعر منشي عبدالڪريم دائودپوٽي جي جنم جو ڏينهن آهي. هن 22 اپريل 1892ع تي پيرپاڳاري جي خليفي محمد صالح دائودپوٽي جي گهر ۾ پير جو ڳوٺ ضلعي خيرپور ۾ اکيون کوليون. سنڌي، فارسي ۽ قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪيائين. شروع ۾ هو پير شاهه مردان شاهه پير پاڳاري جو منشي ٿي ڪم ڪرڻ لڳو بعد ۾ خيرپور رياست جي واليءَ وٽ منشي ٿي ڪم ڪيائين. خيرپور جي واليءَ ڪيس ٻيلن جو سپرنٽينڊنٽ آفيسر مقرر ڪيو. عمر جي آخري حصي ۾ پير پاڳاري جي درگاهه تي عريضي نويس طور ڪم ڪيائين. هو هڪ قادر الڪلام شاعر پڻ هو. سنڌي ۽ فارسي ٻوليءَ ۾ سهڻي شاعري ڪندو هو.

هوتچند گوپالداس آڏواڻي

اڄ مشهور قانوندان، سماج سڌارڪ ۽ ڪاروباري شخصيت هوتچند گوپالداس آڏوائيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 22 اپريل 1907ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو. سندس پيءُ گوپالداس جهيٽمل آڏوائي حيدرآباد جو مشهور وڪيل هو. هوتچند ابتدائي تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي ۽ ڪنگس ڪاليج لنڊن مان قانون جي سند حاصل ڪيائين. هو حيدرآباد ۾ ميونسپل ڪائونسلر ۽ حيدرآباد بار ايسوسيئيشن جو صدر رهيو. ان کان علاوه حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو ليگل ايڊوائزر، حيدرآباد ضلعي لوڪبورڊ جو ميمبر ۽ ٻين ڪيترن ئي سماجي، ڪاروباري ۽ انتظامي ادارن جو ميمبر رهيو. 1921ع ۾ هن پنهنجي پيءُ سان گڏجي "حيدرآباد سنڌ نيشنل ڪاليجئيٽ بورڊ" قائم ڪيو. ورهاڱي کان پوءِ هن انهيءَ ساڳئي بورڊ جي منظوري مهاراشٽر سرڪار کان وٺي ڪيترائي ڪاليج قائم ڪيا. پاڻ هندستان ۾ انهيءَ بورڊ جو تاحيات صدر ۽ روح روان رهيو. انهيءَ بورڊ پاران 1949ع ۾ پرنسپال ڪي ايم ڪندناڻيءَ سان ملي آر ڊي نيشنل ڪاليج بندرا ممبئيءَ جو بنياد رکيائين. ان بعد ڪشنچند چيلارام (ڪي سي) ڪاليج قائم ڪيائين. اڳتي هلي انهيءَ بورڊ پاران ٻين کان وڌيڪ ڪاليج قائم ڪيا ويا. هو ٻين به ڪيترن ئي سماجي ۽ تعليمي تنظيمن ۽ ادارن سان لاڳاپيل رهيو. هو سينٽ ميران ڪاليج ايجوڪيشن بورڊ، جئه هند ڪاليج بورڊ، سنڌو ريسيٽلمينٽ ڪارپوريشن گانڌيڌام ۽ روزنامه هندستان جي بورڊ جو پڻ صدر رهيو. هن به سنڌي اخبارون "هندستان" ۽ "هندواسي" پڻ جاري ڪيون.

ابتدائي ديني ۽ دنيوي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي دارالرشاد ۾ حاصل ڪئي، جتي امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ ۽ مولانا احمد علي لاهوريءَ جهڙا جيد عالم سندس استاد رهيا. مولانا عبيدالله جي مشوري سان ۽ پنهنجي والدين جي اجازت سان وڌيڪ تعليم مدرسي دارالعلوم دهليءَ مان حاصل ڪيائين. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ حڪمت خانو کوليائين. سندس سياسي تربيت مولانا عبيد الله سنڌيءَ ۽ سندس چاچي پير مهدي شاهه جي سرپرستيءَ ۾ ٿي. ريشمي رومال تحريڪ ۾ سندس اهم ڪردار رهيو. پاڻ نيو سعيدآباد يونين ڪائونسل جو پهريون چيئرمين پڻ رهيو. هن بزرگ 23 مارچ 2018ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

سنديپ منسڪاڻي

سنديپ منسڪاڻي هندستان جو مشهور ڪوهه پيما آهي. هو 22 اپريل 1976ع تي نئين دهليءَ جي هڪ سنڌي هندو خاندان ۾ ڄائو. سندس پتا جو نالو لڇمڻ جيلارام آهي. هن ڪيترائي وڏا وڏا جبل سر ڪيا آهن. 2018ع ۾ هن ڪي ٽُو جي چوٽي سر ڪرڻ جو اعزاز حاصل ڪيو. هو قطر ايئرلائين سميت دنيا جي مختلف هوائي ڪمپنين ۾ ملازمت ڪندو رهيو آهي.

ڪائنات ٿيبو

سنڌ جي هن نياڻيءَ هڪ ڊائريڪٽر، پروڊيوسر، فلم ايڊيٽر ۽ فوٽوگرافر طور نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. اڄ سندس سالگرهه جو ڏينهن آهي. ڪائنات ٿيبو 22 اپريل 1993ع تي نوشهرو فيروز ضلعي جي شهر محراب پور ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن نيشنل ڪاليج آف آرٽس لاهور مان گريجوئيشن ڪئي ۽ بيڪن هائوس نيشنل يونيورسٽي لاهور مان فلمسازي ۽ ٽي وي پراڊڪشن وارن شعبن ۾ ماسٽر آف آرٽس جون سندون حاصل ڪيون. هن لوڪ ورثا اسلام آباد لاءِ شاندار دستاويزي فلمون ناهي داد حاصل ڪيو. هن پي ٽي وي ورلڊ تي وڊيو پروڊيوسر طور ڪم ڪيو. سندس پروگرام فوڪ بيٽس پي ٽي وي ورلڊ جي مشهور ترين پروگرامن مان هڪ هو. هن پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽس ۾ پروجيڪٽ آفيسر طور ڪم ڪيو. ان کان پوءِ انسٽيٽيوٽ آف آرٽس ۽ ڪلچر ۾ اسسٽنٽ

سيد مقبول حسين شاهه موسوي

مختيار انڙ

اڄ مشهور ليکڪ ۽ سول سرونٽ سيد مقبول حسين شاهه موسويءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. سندس ولادت 19 مئي 1937ع ۾ سکر ۾ ٿي. بي اي، بي ٽي ۽ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) جون سندون حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات تعليم کاتي ۾ اسڪول جي استاد طور ڪيائين. اڳتي هلي ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. 1968ع ۾ سنڌ سرڪار جي سروسز ايڊمنسٽريشن واري کاتي ۾ سيڪشن آفيسر مقرر ٿيو. بعد ۾ تعليم کاتي جو ڊپٽي سيڪريٽري، ناڻي کاتي جو سيڪريٽري، ۽ سنڌ جي سروسز ۽ جنرل ايڊمنسٽريشن جي امپليمينٽيشن يونٽ جو ڊائريڪٽر جنرل رهيو. هن کي ادب سان به خاص چاهه رهيو ۽ سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ 13 ڪتاب تحرير ڪيائين. هن 22 اپريل 1997ع تي راهه رباني ورتي.

عبدالسلام ٿهيم

اڄ مشهور سياستدان عبدالسلام ٿهيم جي وفات جي تاريخ آهي. هو پهرين جنوري 1950ع تي ضلعي سانگهڙ جي ڳوٺ طيب ٿهيم ۾ رئيس گل محمد خان ٿهيم جي گهر ۾ ڄائو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. ان بعد سيڪنڊري ميونسپل هاءِ اسڪول شهدادپور ۽ ڊي سي هاءِ اسڪول نواب شاهه ۾ پڙهيو. بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ به پڙهيو. هو شروع کان ئي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو. هو پاڪستان پيپلز پارٽي شهدادپور تعلقي ۽ سانگهڙ ضلعي جو صدر رهيو. انهيءَ ئي پارٽيءَ جي سنڌ سماءَ واري سيڪريٽريءَ طور به ڪم ڪيائين. ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتائين، جنهن ڪري ڪيس جيل به وڃڻو پيو. 1988ع، 1993ع ۽ 2008ع وارين عام چونڊن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. هو سنڌ صوبي جي ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن، تعليم، فاريسٽري ۽ ٽيڪنيڪل ۽ ووڪيشنل ايجوڪيشن جو وزير پڻ رهيو. هن 22 اپريل 2012ع تي وفات ڪئي.

ماسٽر منظور

اڄ مشهور راڳيءَ ماسٽر منظور جي ورسيءَ جو

ڪيس ڄڻ ته ورثي ۾ مليو. سندس والد مڪڙو فقير ۽ والده حميده بيگم پنهنجي دور جا مشهور عوامي فنڪار هئا. موسيقيءَ جا ابتدائي گر پنهنجي پيءُ کان سکيو. سندس چاچي مور فقير ۽ استاد فتح علي خان کان به سرن جي سمجهه حاصل ڪيائين. 1992ع ۾ سندس ڳايل گيتن جو پهريون البم سيٺ هولارام جي پراڊڪشن پاران جاري ٿيو، جنهن ڪيس ڪافي مقبول بڻايو. هن کي ريڊيو پاڪستان خيرپور تي سڀ کان پهريائين پروڊيوسر ڪوثر برڙي متعارف ڪرايو. 1995ع ڌاري ڪيس پاڪستان ٽيليويزن جي پروگرام ڪچهريءَ ۾ ڳائڻ جو موقعو مليو. 2003ع ۾ سندس ڳايل ڪلام "هُر جاءِ پرين هُر محفل ۾ مُونکي تُنهنجي ڪمي محسوس آ ٿي" ڪيس سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مقبول بڻائي ڇڏيو. هن جي ڳايل ڪلامن جا لڳ ڀڳ ٻه سئو آڊيو ۽ وڊيو البم جاري ٿيا. تاريخ 22 اپريل 2012ع تي لونڊڙيءَ ۾ لڳل لاش سندس گهر مان هٿ ڪيو ويو. اها خودڪشي هئي يا قتل اهو معمو اڄ تائين حل نه ٿي سگهيو آهي.

الهداد جهنجهي



اڄ شاهه لطيف جي پارکوءَ ۽ استاد الهداد جهنجهيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي. هن تعلقي چاڇري ضلعي ٿرپارڪر جي ڳوٺ جهنجهيءَ ۾ پهرين جولاءِ 1928ع تي اکيون کوليون. ان وقت جي دستور مطابق قرآن شريف ۽ ديني تعليم حاصل ڪيائين. سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو ۽ سڄي عمر ٻارن کي پڙهائي 1981ع ۾ رٽائر ٿيو. ڪيس شاهه جي شاعريءَ سان عشق جي حد تائين محبت هئي. هن "شاهه جو گنج" نالي شاهه سائينءَ جي ڪلام جو رسالو ڇپرايو، جنهن ۾ اٽڪل 6 هزار بيت شامل آهن. 22 اپريل 2015ع تي راهه رباني ورتائين.

انجم آرا



انجم آرا 1980ع واري ڏهاڪي جي هڪ مشهور گلوڪارا هئي. هن جو جنم 5 اپريل 1965ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. استاد جمال خان ۽ استاد ضامن علي خان کان راڳ جون رمزون سکيائين. هن جي ماءُ شميم آرا به هڪ سٺي فنڪاره هئي ۽ هوءَ مشهور گلوڪاره امير مهڪ جي ڀيڻ هئي. انجم آرا شروع ۾ پنهنجي ماءُ سان گڏ ڳائڻ شروع ڪيو. هن پهريون ڀيرو وڏي ميڙ ۾ 1984ع ڌاري ڳايو. جتي ڪيس تمام گهڻي پذيرائي ملي. ريڊيو تي ڪيس

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

کورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب عدالت فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات حليمان مشوري . پلينٽف بخلاف سڪندر مشوري ولد الله ڏنو ذات مشوري رهندڙ ڪوارٽر نمبر 17 نارا جيل ڪالوني سائيٽ حيدرآباد سيل نمبر 03083912058..ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين اپونٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج جامشورو

کورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب عدالت فيملي جج جامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
مسمات بشرا ڌيءِ محمد افتخار ذات شيخ رهندڙ سينڊوز ڪالوني جامشورو . پلينٽف بخلاف ڪامران ولد منور ذات شيخ رهندڙ گهر نمبر 194 يونٽ نمبر 11 لطيف آباد حيدرآباد سيل نمبر 03332746569..ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين اپونٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف خلاع ۽ ٻارن جي مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج جامشورو

کورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سينئر سول II جامشورو
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 01 سال 2026
ايف سي نمبر 105 سال 2024
محمد نويد ولد محمد حسين ذات آرائين رهندڙ جانو پاڙو ڪوٽڙي . پلينٽف بخلاف (1) سيڪريٽري انٽريئر ڊويزن اسلام آباد (2) چيئرمين نادرا اسلام آباد (3) انچارج آفيسر نادرا ڪوٽڙي ضلعو جامشورو (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج..ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين اپونٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سينئر سول II جامشورو

کورٽ نوٽيس
عدالت ۾جناب سينئر سول II جامشورو
ايف سي نمبر 53 سال 2021
زاهد علي ولد ڏني بخش رهندڙ ڳوٺ راڄڙي پي او ڪاٺوٽ تعلقو مانجهند ضلعو جامشورو . پلينٽف بخلاف (4) هيڊ ماسٽر Ahsase Educational Academy F.B.C Colony Larkana..ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سينئر سول II جامشورو

کورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
سول سوٽ نمبر 26 سال 2026
مسمات نسيم ڌيءِ معشوق زال منصور ذات چانڊيو رهندڙ يقين شاهه تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو ..پلينٽف. بخلاف. منصور علي ولد ولي محمد ذات چانڊيو رهندڙ خير محمد چانڊيو ويجهو ڪنڊي چڪي تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو . ... ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 29-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

کورٽ نوٽيس
سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪوٽ غلام محمد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026
(1) مسمات فائزه ذات جٽ رهندڙ ديهه 320 امام واه تعلقو ڪوٽ غلام محمد (2) سبحان محمد ..پلينٽف.. بخلاف.. شعيب ولد پرويز رهندڙ ديهه 294 تعلقو ڪوٽ غلام محمد.. ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ ، رڪوري آف ڊاور اينڊ ڊاور آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس ۽ ڊليوري خرچي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪوٽ غلام محمد

کورٽ نوٽيس
فيملي جج / ڪنزيومرپروٽڪشن ڪورٽ ٽنڊو الهيار
(روبرو مس حميرا شوڪت)
ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر سال 2026
مسمات ثمينه ڌيءِ عبدالروف ذات جروار رهندڙ ڳوٺ خير محمد جروار تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار..پلينٽف.. بخلاف.. غلام محمد ولد امام بخش ذات جروار رهندڙ داتا نگر ڪالوني تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار. ... ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم 21 رول 11 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج / ڪنزيومرپروٽڪشن ڪورٽ ٽنڊو الهيار

کورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب عدالت سول / فيملي جج ميرپورخاص
(روبرو جناب مريم صبا مهر)
فيملي سوٽ نمبر 35 سال 2026
مسمات حميدان ڌيءِ لطف علي زال بلال رهندڙ مير شير محمد ٽالپر ضلعو ميرپورخاص. پلينٽف بخلاف. بلاول ولد منور ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ شير محمد ميرپورخاص..ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين اپونٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول / فيملي جج ميرپورخاص

کورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 97 سال 2026
مسمات بينظير ڌيءِ ڪمدار پير محمد بروهي رهندڙ ڳوٺ ڪمدار پير محمد بروهي ديهه 102 نصرت تعلقو نوابشاهه .پلينٽف. بخلاف. اختر علي ولد علي مراد بروهي رهندڙ ڳوٺ مرزا علي حسن ديهه 102 نصرت تعلقو نوابشاهه 03002651775 . ... ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين اپونٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ ۽ ڏاج جي واپسي/ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 04-05-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج شهيد بينظير آباد

کورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سينئرسول جج II شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر 106 سال 2025
نصير ولد محمد يوسف جمالي..پلينٽف. بخلاف. (1) ڊي سي شهيد بينظيرآباد (2) محمد علي ولد علي اختر رهندڙ گهرنمبر Aii/2/7 موهني بازار نوابشاهه (3) اي سي نوابشاهه (4) سب رجسٽرار نوابشاهه (5) مختيارڪار روينيو نوابشاهه ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار اسپيسفڪ پرفارمنس آف ڪانٽريڪٽ اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 29-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سينئرسول جج II شهيد بينظير آباد

کورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج II حيدرآباد
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 164 سال 2025
فيملي سوٽ نمبر 731 سال 2025
مسمات شباڻ ڌيءِ غلام سرور رهندڙ علي آباد ڪالوني هالا ناڪ حيدرآباد ..پلينٽف. بخلاف. نويد احمد ولد نواب خان رهندڙ سڪيو لنگيو پريا ستي ضلعو نوشهروفيروز. ... ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج II حيدرآباد

کورٽ نوٽيس
پروڪليميشن آف سيل انڊر آرڊر XXI رول 66 آف دي ڪود
(روبرو جناب ارسلان جعفر)
سيڪنڊ سينئر سول جج حيدرآباد
فرسٽ ڪلاس سوٽ نمبر783 سال 2021
(1) مسمات شمع حنيف بيواهه محمد حنيف قريشي رهندڙ هائوس نمبر30/2 محلا گارڊن G.W Pritive روڊ ڪراچي سائوٽ (2) مسمات صدف جمال ڌي مرحوم محمد حنيف قريشي زال جمال رهندڙ هائوس نمبر160 ويجهو زميندار هوٽل نيو گوليمار ڪراچي (3) مسمات صبا نعيم ڌيءِ مرحوم محمد حنيف قريشي زال ايم. نعيم الدين قريشي ذات قريشي رهندڙ فليٽ نمبر 109 محلا قريشي ڪالوني گل بهار روڊ ڪراچي سينٽرل (4) مسمات نمرا فرقان ڌيءِ مرحوم محمد حنيف قريشي زال فرقان احمد ذات قريشي رهندڙ هائوس نمبر12 رفيق منزل رام سوامي ڪراچي نارٿ (5) سحر فرحان ڌيءِ مرحوم محمد حنيف قريشي ڌيءِ فرحان احمد فليٽ نمبر 59/23 محلا لياقت ڪراچي سينٽرل...پلينٽف...خلاف: (1) مسمات شاهده حنيف بيواهه محمد حنيف قريشي (2) محمد آفاق (3) محمد شيراز (4) مسمات رانما (5) مسمات عروج ڌيءِ (6) محمد دانيال سپ پٽ ڌيئرون مرحوم محمد حنيف قريشي سپ ذات قريشي رهندڙ هائوس نمبر18 ناگا شاهه گاڏي کاتو حيدرآباد بي ايڊريس: سي ايس نمبر911 وارڊ "ايف" ڏنل شاهه جو پڙ حيدرآباد (7) دي مختيارڪار سٽي/ سٽي سروي آفيسر وارڊ "ايف" حيدرآباد (8) دي اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي حيدرآباد (9) دي پرائونس آف سنڌ ٿو بي سروءِ معرفت سيڪريٽري بورڊ آف روينيو شهباز بلڊنگ ٺنڊي سڙڪ حيدرآباد (10) دي سب رجسٽرار رجسٽريشن سٽي آفيس واقع ايٽ ويجهو راڻي باغ ٺنڊي سڙڪ حيدرآباد (11) شمس الدين شيخ ايڊووڪيٽ (12) عتيق بٽي مسلم بلڊ ٽينٽ آف سي ايس نمبر 911 وارڊ "ايف" ڏنل شاهه جو پڙ حيدرآباد...ڊفينڊنٽ
نالي مٿين آپونيٽس ڏانهن:
عدالت سڳوري جي حڪم موجب هيٺ ڄاڻايل پراپرٽي جو عام نيلام تاريخ 18-05-2026 تي رکيو ويو آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبارجي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته پنهنجو پاڻ يا پنهنجي مجاز نمائندي جي صورت ۾ شرڪت ڪن. پراپرٽي ۾ سٽي سروي نمبر 911 ايراضي 7-50 اسڪوائر يارڊ واقع وارڊ نمبر (ايف) ڏنل شاهه جو پڙ حيدرآباد
سيل جا شرط
(1) واڪ ڊينڊڙ نيلامي ۾ حصو وٺڻ لاءِ 100000 روپياجو ڪراس چيڪ جمع ڪرائڻ جا پابند هوندا. جنهن سان سي اين آئي سي جي فوٽو ڪاپي پڻ شامل هوندي واڪ ۾ ڪاميابي نه ملڻ جي صورت ۾ ڪيس رقم واپس ڪئي ويندي (2) مختيارڪار روينيو سٽي حيدرآباد پاران ويليوشن -/7100000 روپيا (3) واڪ رقم ۾ اضافو نيلامي ڪندڙ آفيسر طئي ڪندو (4) وڌيڪ واڪ ڊينڊڙ کي خريدار قرار ڏنو ويندو بشرط قانوني طور تي واڪ ۾ حصو وٺڻ جو اهل هجي جيڪڏهن مجاز آفيسر سمجهي ته ڏنل سپ کان وڌو واڪ گهٽ قيمت آهي ته اهو واڪ رد ڪري سگهجي ٿو (5) مجاز آفيسر رول 69 آرڊر 21 سي پي سي تحت نيلامي ملتوي ڪرڻ جو مجاز هوندو (6) وڌيڪ واڪ ڊينڊڙ خريدار مڪمل واڪ جو 25 سيڪڙو رقم چيڪ يا پي آرڊر جي صورت ۾ جمع ڪرائيندو باقي 75 سيڪڙو 15 ڏينهن اندر ادا ڪندو جيڪڏهن خريدار مقرر مدت اندر مڪمل رقم ادا ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو ته ڪيس نااهل قرار ڏنو ويندو جمع ڪيل رقم ضبط ڪيو ويندو
ناظر / آڪشن آفيسر
سيڪنڊ سينئر سول جج حيدرآباد

کورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب ٿرڊ سينئر سول جج حيدرآباد
رينٽ ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 18 سال 2026
گلشير ڪلهوڙو ولد علي حسن رهندڙ گهر نمبر 31 علي آباد ڪالوني هالا ناڪ حيدرآباد ..پلينٽف. بخلاف. ارشاد علي ولد علي حسن رهندڙ گهر نمبر31 علي آباد ڪالوني هالا ناڪ حيدرآباد . ... ڊفينڊنٽس
نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف رينٽ ايگزيڪيوشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 29-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ٿرڊ سينئر سول جج حيدرآباد

عام اطلاع
هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي سمير مختيار ولد مختيار احمد رهندڙ گهر نمبر A/13 محمدي ٽائون قاسم آباد حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مختيار احمد ولد حاجي محمد ابن تاريخ 26-07-2023 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 176 163 2/1,2 10/1,3 11/1,2,3 ديهه ٽهير ٽپو مولان تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) سمير مختيار (پٽ) (2) مير فيصل علي ٽالپر (پٽ) (3) مير سفيان احمد (پٽ) (4) شاهده انجم شيخ (بيواهه) جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسوا فوتين جو بيو ڪوبہ جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نہ هوندو
مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع
هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي سهيل ولد فدا حسين پرهياڙ رهندڙ ڳوٺ فيروز پرهياڙ تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي فداحسين پرهياڙ ولد گل حسن پرهياڙ تاريخ 2015-12-20 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 97/AB 95 ديهه سڪيور ٽپو هوسڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) سهيل پرهياڙ (پٽ) جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسوا فوتين جو بيو ڪوبہ جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نہ هوندو
مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع
هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي حمير ولد پير بخش وساڻ رهندڙ ڳوٺ ٽنگر وساڻ تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي پير بخش ولد ڏاتو وساڻ تاريخ 20-04-2008 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 74 ديهه ٽڪيو جيوڻي شاهه جاگير ٽپو دونگهڙي تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) حمير (پٽ) (2) ڏاتو وساڻ (پٽ) (3) نبي بخش (پٽ) (4) شهزادي (ڌي) (5) آسيه (ڌي) (6) شهناز (ڌي) (7) بختي (بيواهه) جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسوا فوتين جو بيو ڪوبہ جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبہ اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نہ هوندو
مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع
جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي مسمات نائلا زال امتياز علي شاهه درخواست ڏني آهي ته هن جو مڙس نالي امتياز علي ولد الهڏنو شاهه جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه گهاڪهڙو ٽپو ..... تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 253 ۽ بين ۾ ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام شهر بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي اهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن ڪان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي نالي امتياز علي ولد الهڏنو شاهه جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 علي شاهه پٽ فوتي جو 2 راعبر پٽ فوتي جو 3 عليزا فاطمه ڌيءِ فوتي جي 4 مسمات نائلا زال فوتي جي 5 مسمات سعديا زال فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام ۽ خاص کي اطلاع ڏو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس م م پيش ڪري بي صورت م معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع
جيئن ته اسان جي آفيس م نالي علي رضا ولد رياض علي راجپوت درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي رياض علي ولد عبدالعزيز راجپوت جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه پاٽار ٽپو بدين تعلقي بدين م سروي نمبر 195 رهائشي ايراضي 1800 سڪو اسڪوائر فوٽ ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن م بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام شهر بدين اتفاق ڪالوني بدين تعلقا بدين م ڪيو ويو آهي اهي سلسلي م جلسي عام ڪري بن شاهدن ڪان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي رياض علي ولد عبدالعزيز راجپوت جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 علي رضا پٽ فوتي جو 2 آمنا زال مراد علي ڌيءِ فوتي جي 3 تهمينا زال احسان علي ڌيءِ فوتي جي 4 مسمات عصمت محمود زال فوتي جي جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام ۽ خاص کي اطلاع ڏو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس م م پيش ڪري بي صورت م معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع
جيئن ته اسان جي آفيس م نالي اسلم ولد مهيار پرهياڙ درخواست ڏني آهي ته (1) نالي مهيار ولد ابراهيم پرهياڙ (2) نالي محمد بخش ولد ابراهيم پرهياڙ (3) نالي درياءِ خان ولد عبدالله پرهياڙ (4) نالي مسمات سليمي ڌيءِ عبد الله پرهياڙ جيڪي فوت ٿي ويل آهين فوتين کي ديهه موروهڻو 3 ٽپو پڏو تعلقي بدين م سروي نمبر 151_153ءِ بين م ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن م بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ حسن شاهه ڏڙو ديهه موروهڻو تعلقا بدين م ڪيو ويو آهي اهي سلسلي م جلسي عام ڪري بن شاهدن ڪان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتين جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي (1) مهيار ولد ابراهيم جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 اسلم پٽ فوتي جو 2 محمد سليمان پٽ فوتي جو 3 زاهدا زال حبيب الله ڌيءِ فوتي جي 4 عزيزا زال حاڪر علي ڌيءِ فوتي جي 5 زينت زال عالم ڌيءِ فوتي جي تفصيل فوتي (2) محمد بخش ولد ابراهيم جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 فريد پٽ فوتي جو 2 شهزادي زال غلام شبير ڌيءِ فوتي جي 3 ڪزبانو زال بشير احمد ڌيءِ فوتي جي 4 مسمات عزيزا زال فوتي جي تفصيل فوتي (3) نالي درياءِ خان ولد عبدالله جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 ارباب علي پٽ فوتي جو 2 ڪند بائي زال خدا بخش ڌيءِ فوتي جي تفصيل فوتڻ (4) نالي مسمات سليمي ڌيءِ عبد الله جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 عبدالحميد پٽ فوتڻ جو 2 ليار پٽ فوتڻ جو 3 نيڪ محمد پٽ فوتڻ جو 4 مسمات حنيفه ڌيءِ فوتڻ جي 5 نالو مڙس جو جائز وارث ڇڏيا آهن تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس م م پيش ڪري بي صورت م معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبہ اعتراض ٻڌڻ ۾ نہ ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع
جيئن ته نالي مسمات غلام فاطمه زوجه بهارو منگوانو ويٺل ڳوٺ لالو منگوانو تعلقو ضلعو متياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي بهارو ولد الهه جڙيو منگوانو جيڪو ٽائون ڪاميٽي جو رٽائرڊ چوڪيدار هو ۽ سني فقہ جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 19-11-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات غلام فاطمه (بيواهه) (2) حسن علي (پٽ) (3) احمد علي (پٽ) (4) مسمات جاڻل (ڌي) (5) خديجه (ڌي) جڏهن ته اهڙي تصديق بن شاهدن هر هڪ نالي الله نواز ولد عنايت منگوانو ۽ ابوبڪر ولدعرس منگوانو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي تنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿوڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجواعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنوويندو
مختيارڪار روينيو تعلقو متياري

عام اطلاع
جيئن ته نالي خادم حسين ولد مظهر ڪابورو رهندڙ ڳوٺ پنيو ڪدري تعلقو ضلعو متياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي مظهر ڪابورو ولد بچل جيڪو ايجوڪيشن کاتي ۾ حاضر سروس چوڪيدار هو ۽ سني فقہ جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 31-03-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات شاه خاتون (بيواه) (2) خادم حسين (پٽ) (3) مجاهد حسين (پٽ) (4) فضل حسين (پٽ) (5) ذاڪر حسين (پٽ) (6) مسمات ساجده (ڌي) (7) ام فروا (ڌي) جڏهن ته اهڙي تصديق بن شاهدن هر هڪ نالي خليل احمد ولد جان محمد ڪدري ۽ حاڪم علي ولد دوس لاڪو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي تنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿوڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجواعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنوويندو
مختيارڪار روينيو تعلقو متياري

عام اطلاع
جيئن ته نالي مسمات حوا ملاح زال محمد ويٺل ڳوٺ حوت خان جکرو تعلقو ضلعو متياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس مڙس نالي محمد ولد علي محمد ملاح جيڪو ايگريڪلچر کاتي ۾ رٽائرڊ بلڊوز آپريٽر هو ۽ سني فقہ جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 12-09-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات حوا ملاح (بيواه) (2) نياز حسين (پٽ) (3) رسول بخش (پٽ) (4) محمد حسين (پٽ) (5) مسمات پري (ڌي) (6) مريم (ڌي) (7) صائمه (ڌي) جڏهن ته اهڙي تصديق بن شاهدن هر هڪ نالي اعجاز علي ولد الهه جڙيو ٻانهپوٽا ۽ سجاد علي ولد محمد لونگ جکرو جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي تنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿوڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجواعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنوويندو
مختيارڪار روينيو تعلقو متياري

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع
جيئن ته منهنجي موٽر سائيڪل نمبر HAZ-4362ءِ HAV-1055جا اصل رجسٽريشن بوڪ ٽنڊوڄام کان حيدرآباد ويندي رستي ۾ ڪٿي ڪري پيا آهن جنهن کي به هٿ اچن هيٺين ايڊريس تي ڏياري موڪلي
عاشق حسين ولد بخشڻ چانڊيو ڳوٺ بهادر چانڊيو ٽپال گهر ٽنڊو ڄام

کورٽ نوٽيس
عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڪمشنر 1 حيدرآباد ڊويزن
No.35-Reader-Hyd/2024 Hyderabad Date 21-04-26
(1)عبدالعزيز ولد محمد بچل ذات ميمڻ رهندڙ B-74 گلشن دستگير ڪالوني هالا ناڪ روڊ حيدرآباد حال رهندڙ سبحان ڪالوني نزد ملڪ پيٽرول پمپ حيدرآباد ... بخلاف. (1) ولي محمد ولد محمد حسن معرفت قانوني وارث (اي) عبدالغني (بي) عبدالرشيد (سي) محمد حنيف (ڊي) عنايت (اي) محمد علي (ايف) حبيب الله (جي) مسمات خديجه سپ پٽ ڌيئرون ذات پلي رهندڙ ڳوٺ گل محمد پلي تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار (2) عبدالستار ولد صابر علي پلي (3) محمد رمضان ولد شير دل ڪوسو (4)اب ولد شير دل ڪوسو(5) عبدالرزاق ولد شير دل ڪوسو (6) محمد صديق ولد شهمير ڪوسو ..ريسپونڊنٽس
جيئن ته مٿئين درخواستگذار زير قلم 164 لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 تحت روزن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي آرڊر خلاف جيڪو تاريخ 06-20204-20 تي پاس ڪيو لينڊ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر 1 ٽنڊو الهيار ڪينسليشن آف انٽري 31 تاريخ 1998-19-12 بابت تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 12-05-2026 تي وقت 09.00 بجه صبح ايڊيشنل ڪمشنر 1 حيدرآباد ڊويزن واقع شهباز بلڊنگ حيدرآباد ۾ توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
ايڊيشنل ڪمشنر 1 حيدرآباد ڊويزن

بقايا 1 مارجي جي دعوي

دعوي ان ڏس ۾ پوليس موجب ڳوڏو شاخ لنڪ روڊ تي ڏوهه جي آرادي سان بيٺل هٿياربند ڌوهارين ۽ پوليس رڄ ۾ مقابلو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ بدنام ڏوهاري مارجي ويو ۽ سندس ساٿي اوندهه جو فائدو وٺندي فرار ٿي ويا جڏهن ته مارجي ويل ڌوهاري جو لاش محرابپور اسپتال منتقل ڪيو ويو جنهن جي سڃاڻپ تعلقي نوشهروفيروز جي شهر ابڙان واسي بدنام ڏوهاري منو عرف منو ولد محرم مشوري طور ٿي آهي پوليس جي ابتدائي رپورٽ مطابق مارجي ويل ڏوهاري مٿان ابڙان سليماڻي قل نوشهروفيروز سٽي ۽ درس ٿاڻي تي 12 کان وڌيڪ سنگين ڏوهن قتل دهشتگردي پوليس مقابلن سميت مختلف ڪيس داخل هئا جن ۾ هو اشتهاري روپوش چاڻايل هيو پوليس ترجمان پاران ڏوهاري جو ڪرمنل ريڪارڊ پڻ ظاهر ڪيو ويو آهي ٻئي پاسي چيو پيو وڃي ته ڏوهاري منو عرف منو مشوري مٿان محرابپور ٿاڻي تي ڪوبه ڪيس داخل نه هو مذڪوره ڏوهاري "ڳاٽو ڳنڊيو" طور پوليس مقابلي جي زد ۾ آيو ۽ محرابپور پوليس هٿان مبينه مقابلي ۾ مارجي ويو.

بقايا 2 احتجاج

جو شڪار بڻائي فرار ٿي ويو ، واقعي جي بعد ٽينگر پنهنجي والدين کي پيش آيل واقعي کان آگاهي ڏني جنهن جي بعد ٽينگر جي والد ولي محمد زئور ٽنڊو محمد خان تعلقي ٿاڻي تي واقعي بابت اين سي داخل ڪرائي آهي جنهن ۾ چاڻايو آهي ته ڳوٺ جي رهواسي وحشي صفت شخص محبوب جت منهنجي معصوم پٽ سان زبردستي تشدد مارڪٽ ڪري بدفعلي ڪئي آهي جنهن جي ڪري ڪيس فوري طور گرفتار ڪري سزا ڏياري وڃي . معصوم ٽينگر جي ميڊيڪل لاءِ پوليس جي مليل ليٽر ڪانپوءِ سرڪاري اسپتال مان ميڊيڪل ٽيسٽ ڪرائي وئي ، ابتدائي رپورٽ ۾ ڊاڪٽرن بدفعلي جي تصديق ڪئي آهي ، جنهن ۾ ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته ميڊيڪل ٽيسٽ جي رپورٽ جامشوري جي ليبارٽري مان رپورٽ اچڻ بعد ظاهر ڪئي ويندي . پوليس واقعي جي اين سي داخل ڪرڻ باوجود ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آندي آهي ، پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار کي جلد گرفتار ڪيو ويندو ، جڏهن ته 14 سالا ٽينگر زيبر زئور ڇهين ڪلاس جو شاگرد پڻ آهي.

بقايا 3 سرعام نقل

موبائيل فونن واٽس ايپ گروپن ۽ حل ٿيل ڪاپين ذريعي سرعام نقل ڪندي ڏٺو ويو جنهن بورڊ انتظاميه جي ڪارڪردگي تي سواليا نشان اڀاري ڇڏيا آهن ٻئي طرف بورڊ جي ناڪامي ڪانپوءِ ضلعي انتظاميه حرڪت ۾ اچي وئي ڪمشنر شهيد بينظير آباد ۽ ڊپٽي ڪمشنر مختلف امتحاني مرڪزن جو هنگامي دورو ڪيو دوري دوران مختلف مرڪزن تان سرعام نقل ڪندڙ 35 شاگردن ۽ شاگردياڻين تي ڪاپي ڪيس داخل ڪيو ويو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪمشنر شهمير ڀٽو چيو ته امتحاني عمل ۾ ڪنهن به قسم جي مداخلت يا نقل کي برداشت نه ڪيو ويندو هن واضح ڪيو ته نقل ۾ ملوث شاگردن سان گڏوگڏ غفلت ڪندڙ امتحاني عملي خلاف به سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي ته جيئن ميرٽ جي پالي ڪئي وڃي

بقايا 4 الڳ الڳ احتجاج

رکيو ويو آهي احتجاجي ڌرڻي جي اڳواڻي ساجده جمالي، شميم اختر ڪنول شيخ، خالده جمالي، مريدان لاڏالي رند سميت ٻين عورتن ڪئي ان موقعي تي خطاب ڪندي شهناز شيخ چيو ته سول اسپتال خيرپور کي سيڪيوٽ ڊاڪٽرن حوالي ڪيو ويو آهي جنهن سبب مريضن جون زندگيون خطري ۾ آهن. هن الزام هنيو ته جڏهن مريضن جي ناقص علاج خلاف دانهن ڪئي وئي ته وارڊ ۾ موجود پي جي ڊاڪٽرن ۽ عملي پاران سندن سان بداخلاقي ۽ گارگند ڪئي وئي مظاهرين جو چوڻ هو ته اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي شديد ڪوٽ آهي ۽ دوائون ۾ اڻلڀ آهن جڏهن ته ڪروڙن رپين جي بجيٽ باوجود مريضن کي بنيادي سهولتون فراهم نٿيون ڪيون وڃن جيڪا ظلم جي انتها آهي هنن وڌيڪ الزام لڳايو ته ڊاڪٽرن جو مريضن سان رويو مناسب ناهي ۽ بداخلاقي روز جو معمول بڻيل آهي جڏهن ته اسپتال انتظاميا پڻ غيرسنجيدگي جو مظاهرو ڪري رهي آهي ٻئي طرف ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن جي سڏ تي ڊاڪٽرن پاران او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪري سول اسپتال جي مين گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي ڊاڪٽر افضل سولنگي ڊاڪٽر حسيب ميمڻ ڊاڪٽر عرفان ابڙو ڊاڪٽر ساجد ڦليوٽو ڊاڪٽر علي احمد ۽ ڊاڪٽر فريال سميت ٻين ڪئي ان موقعي تي ڊاڪٽرن جو چوڻ هو ته واقعي ۾ ملوث ماڻهن خلاف فوري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ اسپتال ۾ ڪم ڪندڙ ڊاڪٽرن ۽ عملي کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، جيئن هو بنا ڪنهن خوف جي پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏئي سگهن

بقايا 5 عدالت پيش

داخل ٿيڻ کان پوءِ تعليمي بورڊ جي اڳوڻي ڪنٽرولر انور عليم خانزادي کي اينٽي ڪرپشن ڪورٽ حيدرآباد ۾ پيش ڪيو ويو جتان ڪيس 7 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ ميرپورخاص حوالي ڪيو ويو آهي تعليمي بورڊ اندر ڪرپشن بابت هلندڙ جاچ دوران نوان انڪشاف بهه سامهون آيا آهن ذريعن موجب 2021 کان 2025 تائين مختلف ماڻهن جي نالي تي 2 هزار 539 جعلي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا ويا، جن ۾ ميٽرڪ جا 1 هزار 78 سرٽيفڪيٽ ۽ انٽر جا 14 سئو 16 سرٽيفڪيٽ شامل آهن جاچ دوران اهو پڻ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته سڄو سئون اهڙا سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ تي تعليمي بورڊ ميرپورخاص جي اڳوڻي ڪنٽرولر انور عليم خانزادي ۽ سندس ساٿين 1 ارب 26 ڪروڙ رپين جي ڪرپشن ڪئي جاچ دوران اهو پڻ انڪشاف ٿيو آهي ته 15 هزار کان وڌيڪ شاگردن جي امتحاني نتيجن ۾ هيراڦيري ڪئي وئي، ان هيراڦيري ذريعي 77 ڪروڙ رپين جي ڪرپشن ڪئي وئي، اهڙي ريت مجموعي طور تعليمي بورڊ اندر ٿيل ڪرپشن جو ڪاٿو 2 ارب 4 ڪروڙ رپين کان وڌي ويو آهي

بقايا 6 فوت

جي اسپتال ۾ فوت ٿي وئي .صحت کاتو سکر کي اپيل آهي يوسي سلطان پور ۽ ان جي ڀر پاسي جي ڳوٺن ۾ ارڙي جي بجاءِ جي محر تيزڪري جيئن گلن جهڙن ٻارڙن جي زندگي بچي سگهي

بقايا 7 ڏوهاري گرفتار

جي سٽي ٿاڻي جي پوليس ڪامياب ڪارروائي ڪندي قتل ڦر ۽ چورين سميت مختلف 14 سنگين ڪيسن ۾ گهربل 10 لک انعام يافته جوابدار الهڏنو پٽ ميانداد جکراڻي کي گرفتار ڪري ورتو آهي جيڪو جيڪب آباد جي ڳوٺ مياداد جو رهواسي آهي انعام يافته ڏوهاري جي گرفتاري جيڪب آباد پوليس جي ڪامياب آهي، جوابدار جي گرفتاري لاءِ سنڌ حڪومت 10 لک روپيا انعام رکيو هو گرفتار ٿيل جوابدار مٿان جيڪب آباد، شڪارپور ۽ ڪراچي جي مختلف ٿاڻن تي قتل ڦر چورين سميت جهيڙن جا 14 ڪيس داخل ٿيل آهن جنهن جي گرفتاري پوليس جي وڏي ڪاميابي آهي هن چيو ته جيڪب آباد ضلعي ۾ تقريبن 25 انعام يافته ڏوهاري آهن جيڪي پوليس کي گهربل آهن ۽ جن مٿان انعام رکيل آهي ۽ هي جيڪب آباد پوليس جي ڀرپور ڪارروائي آهي اهڙي طرح اسين ٻين روپوش جوابدارن کي به جلد گرفتار ڪنداسين هن چيو ته مان ڏوهارين کي اهو پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو ته هو سنڌ حڪومت جي سرينڊر پاليسي تحت هو گرفتاريون پيش ڪن ني صورت ۾ پوليس انهن خلاف پنهنجون ڪارروايون جاري رکندي هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته ٻاءِ پاس تي دوڪانن جا تالا ٽوڙي جيڪا چوري ڪئي وئي ان ڪيس ۾ هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي باقي 5 چٽن جي به سڃاڻپ ٿي وئي آهي ڪين جلد گرفتار ڪري رڪوري ڪرائي ويندي، هن چيو ته 2 ڏينهن اڳ سٽي ٿاڻي جي حد مان جيڪو هندو واپاري جي دوڪان تالا ٽوڙي بارداڻو چوري ڪيو ويو آهو به واپس ڪرائي هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي، هن سوال جي جواب ۾ چيو ته جيڪب آباد پوليس ڪنهن به ڏوهاري آڏو ريڊ ڪارپيٽ نہ وڇائيندي اهڙو عمل جيڪب آباد پوليس جي پاليسي ۾ نٿو اچي هن چيو ته منشيات جي روڪٿام لاءِ ڪارروائيون شروع ڪيون ڪجهه ڏينهن رڪاوٽ ضرور آهي پر اسين روري منشيات جي روڪٿام لاءِ ڪارروايون تيز ڪري رهيا آهيون

بقايا 8 ڊرائيور جو لاش

مدد سان زمين جي کوٽائي ڪري لاش باهر ڪڍي تعلقہ اسپتال پهچايو وارثن پاران لاش کي لاهور کڻي وڃڻ ۽ اتي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ لاءِ سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ وڻ وقاص احمد قريشي جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي وئي آهي. ان موقعي تي عدالت ۾ موجود فياض مسيح جي سڄڻ سني رفيق مسيح ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 9 فيبروري تي منهنجو سؤٽ لاهور سان ڳاڏي ڪاهي ٽنڊوآدم آيو جتان گم ٿي ويو ۽ ساڻس ڪنهن به قسم جو رابطو نه ٿي سگهيو جنهن بعد لاهور جي نشتر ٿاڻي تي فياض مسيح جي گهر واري نائله مسيح گمشدگي جو ڪيس داخل ڪرايو جنهن جي جاچ بعد پوليس ڪجهه گرفتاريون ڪيون ۽ انهن جي نشاندهي تي هتان لاش هٿ ڪيو ويو هنن چيو ته اسان سان وڏو ظلم ٿيو آهي هن واقعي ۾ جيڪي به ملوث آهن انهن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي هن چيو ته اسان لاش ڪٽي وڃڻ لاءِ عدالت ۾ درخواست داخل ڪئي آهي اميد آهي ته اسان سان انصاف ٿيندو ياد رهي ته ان واقعي جي ايف آئي آر لاهور جي نشتر ٿاڻي تي داخل ڪرايل آهي جنهن ۾ جاچ ۾ لاهور واسي شان امام سميت ٽنڊوآدم واسي سنڌس سهرو عابد رسول هاشمي سميت 2 عورتون ۽ 2 مرد پڻ گرفتار ٿيل آهن جن جا نالا ظاهر ناهن ڪيا ويا جڏهن لاش نامزد جوابدار لاهور واسي شان امام جي نشاندهي تي ٽنڊوآدم جي ماڊل ٽائون ۾ ڪرائي تي ورتل بنگلي مان هٿ ڪيو ٻئي طرف سول جج پاران لاش کي لاهور کڻي وڃڻ لاءِ 2 ڏينهن جو راڏداري رماند ڏنو آهي جڏهن لاش جو تعلقي اسپتال مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو ذريعن وٽان معلوم ٿيو آهي ته مقتول جي مٿي ۾ گولي لڳل آهي ۽ سنڌس هٿ پير رسي سان ٻڌل هئا

بقايا 9 لاش هٿ

ايريا وٽان اڏڙوٽ شخص جو لاش مليو لاش ڏسي علائقي واسين پوليس کي اطلاع ڏنو اي سيڪشن پوليس پهچي لاش سول اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو پوليس موجب لاش جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي ، پوسٽ مارٽم بعد موت جو ڪارڻ معلوم ٿي سگهندو شروعاتي جانچ ۾ دل جو دورو لڳي رهيو آهي اسان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد لاش کي ايڌي حوالي ڪيو آهي وارث هٿ اچڻ بعد لاش انهن حوالي ڪيو ويندو

بقايا 10 احتجاج

پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪندي چيو ته اسان ڪالهه کان وٺي بااثر جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ سرڀا احتجاج بڻيل آهيون پر پوليس اسان جي ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي ۽ نه ئي اسان جو ڪيس داخل ڪري ٿي هنن چيو ته جوابدار سرعام هٿيار کڻيون اسان جا لنگهه رستا بند ڪيون ويٺا آهن پوليس انهن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بجاءِ ڏوهارين سان ياريون پيئي ملهائي ڏوهاري هر ڏوهه ڪرڻ تي ايس ايڇ او فريدآباد کي حصو پئي پهچائي ٿا جنهن سبب هن ڪالهه اسان جي فرياد روزنامچي تي داخل ڪرڻ بجاءِ ردي جي پني تي لکي اڇلائي ڇڏي آهي هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ٿر واقعي جو نوٽيس وٺي واقعي ۾ ملوث ڏوهارين خلاف ڪيس داخل ڪري اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 11 احتجاجي ڌرڻو

بيمارين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن مظاهرين سانگهڙ ڊيموڪريٽڪ الائنس، سول سوسائٽي ۽ وڪيل برادري پاران سانگهڙ ٽو نوابشاهه روڊ بلاڪ ڪري راڄتياڻي رٽ احتجاجي مظاهرو ۽ ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي شاهين انرجي گيس پرائيويٽ ڪمپني خلاف سخت احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي سانگهڙ ڊيموڪريٽڪ الائنس جي جبار جونيجو ايڊووڪيٽ غلام مصطفيٰ سومرو ايڊووڪيٽ وقار جت، ايڊووڪيٽ سنيل ڪمار ڀڳيان ايڊووڪيٽ طارق محمود آرائين ايڊووڪيٽ معشوق ڪاڪيپوٽو ايڊووڪيٽ ڪشور ڪمان ايڊووڪيٽ محبوب پنهور ايڊووڪيٽ عبدالقادر مگسي ايڊووڪيٽ خادم ڏاهري، ايڊووڪيٽ نجم لاڪو ايڊووڪيٽ فريد خان غلام علي بروهي تنوير آرائين ايڊووڪيٽ راڻا نويد، ايڊووڪيٽ فيصل پنهي، ايڊووڪيٽ شاڪر نواز شر ايڊووڪيٽ ذيشان بوڙدي ، ايڊووڪيٽ ڪاشف فراز پنهي ايڊووڪيٽ مهتاب منير ۽ ٻين چيو ته سانگهڙ ضلعي ۾ شاهين انرجي پرائيويٽ گيس لميٽيڊ ڪمپني غيرقانوني ڪم ڪري رهي آهي.هنن الزام لڳايو ته ڪمپني او جي ڊي سي ايل کان سستي گيس جي معاهدي تحت گيس حاصل ڪري، ان کي وڏي اگهه تي سي اين جي اسٽيشنن تي غيرقانوني ڌرمن ۾ ڀري وڪرو ڪري رهي آهي جيڪا ڪنهن به وقت وڏي حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿي مظاهرين جو چوڻ هو ته ان حوالي سان ضلعي انتظاميا کي ڪيترائي ڀيرا آگاهه ڪيو ويو آهي پر لڳي ٿو ته انتظاميا به انهن سان مليل ڀڳت ۾ شامل آهي هنن وڌيڪ چيو ته شاهين انرجي پرائيويٽ گيس ڪمپني خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس پڻ هلندڙ آهي پر اجا تائين ڪا ڪارروائي عمل ۾ نه آندي وئي آهي هنن مطالبو ڪيو ته فوري طور شاهين انرجي پرائيويٽ لميٽيڊ ڪمپني تي پابندي لڳائي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

بقايا 12 سيڪٽرن جو دورو

سالياني امتحانن جي پرامن ۽ شفاف انعقاد کي يقيني بڻائڻ لاءِ پوليس طرفان سخت سيڪيورٽي انتظام ڪيا ويا آهن ان سلسلي ۾ ايس ايس پي سجاول امتحاني مرڪزن جو دورو ڪري انتظامن جو جائزو ورتو ۽ مقرر ڪيل اهلڪارن کي هدايتون جاري ڪيون ضلع ڀر ۾ ڪُل 10 امتحاني سينٽر قائم ڪيا ويا آهن جن جي سيڪيورٽي لاءِ ليڊيز پوليس سميت 74 پوليس آفيسرن ۽ جوانن کي مقرر ڪيو ويو آهي امتحاني مرڪزن جي چوڌاري دفعه 144 لاڳو ڪري غير لاڳاپيل ماڻهن جي داخلا تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي ايس ايس پي سجاول عليند راجپر سڀني آفيسرن کي هدايت ڪئي آهي ته هو ڊيوٽي دوران مڪمل چوڪسي اختيار ڪن ۽ ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهن امتحاني مرڪزن جي ڀرپاسي پوليس گشت ۾ پڻ واڌارو ڪيو ويو آهي ته جيئن امن امان جي صورتحال برقرار رکي سگهجي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي اپيل ڪئي وئي آهي ته هو ضلعي انتظاميه ۽ پوليس سان مڪمل سهڪار ڪن ۽ ڪنهن به شڪي سرگرمي جي فوري طور اطلاع لاڳاپيل اختيارين کي ڏين پوليس طرفان امتحانن دوران فول پروف سيڪيورٽي فراهم ڪري شاگردن کي پرامن ماحول مهيا ڪيو ويو وڃي

بقايا 13 بنڌي

ان موقعي تي شهرين پاران مليل مختلف نوعيت جي شڪايتن کي ٻڌو ويو ۽ لاڳاپيل کاتن کي فوري طور تي مسئلن جي حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون وين سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته عوام جي شڪايتن جو وقتائتو ازالو سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي هدايتن تي چيف منسٽرز پبلڪ ڪمپليننٽ سيل ۾ شڪايتن جي حل جو هڪ مؤثر نظام قائم ڪيو ويو آهي هن وڌيڪ چيو ته ٽيليفونڪ رابطن ذريعي عوام کي فوري رليف فراهم ڪيو پيو وڃي ته جيئن شهرين کي ڏڪيائين جو منهن نه ڏيڻو پوي ۽ انهن جا مسئلا گهر ويٺي حل ٿي سگهن

بقايا 14 ليب جو افتتاح

جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ مڪمل طور سرگرم آهي ۽ علائقي جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا. هنن چيو ته گولاڙچي جا شهري پنهنجا جائز مسئلا ڊي سي بدين ياسر ڀٽي تائين پهچائين جيئن انهن جو ترت ازالو ممڪن بڻائي سگهجي. هنن وڌيڪ چيو ته علائقي ۾ قائم شراب خانو بند ڪيو ويندو ۽ منشيات جي اڏن خلاف سخت ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويندو جڏهن ته ڪنهن به غيرقانوني سرگرمي کي برداشت نه ڪيو ويندو. عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ آن لائن نظام کي به وڌيڪ فعال بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن، جيئن ماڻهن کي آفيسن جا غير ضروري چڪر نه لڳائڻا پون. ڪمشنر حيدرآباد فياض عباسي شهرين کي خاطري ڪرائيندي چيو ته شهر ۾ صاف پاڻي جي فراهمي لاءِ بند ۽ نوان فلٽر پلانٽ ڪي جلد فعال ڪيو ويندو. ان سان گڏ چڪن ۽ گوٺن جي زمينن بابت قبضن کي قانوني طريقي سان حل ڪرڻ لاءِ به قدم کنيا ويندا. هنن اهو پڻ اعلان ڪيو ته علائقي ۾ وڌندڙ خودڪشين جي واقعن کي روڪڻ لاءِ ضلعي سطح تي آگاهي مهم ۽ سيمينار منعقد ڪيا ويندا، جيئن ماڻهن ۾ شعور بيدار ڪري انساني جانين جو تحفظ يقيني بڻائي سگهجي. دوري دوران ڊي سي بدين ياسر ڀٽي، ايس ايس پي بدين، اسسٽنٽ ڪمشنر گولاڙچي ۽ ٻين عملدارن پڻ شرڪت ڪئي. شهرين انتظاميه جي هن دوري کي مثبت قدم قرار ڏيندي اميد ظاهر ڪئي آهي ته علائقي جا پراڻا مسئلا جلد حل ڪيا ويندا.

بقايا 15 انعقاد ڪيو ويو

سنبل جي نگرانيءَ ۾ ٿيو جنهن ۾ سيپا جي ماهر ٽيم ۽ حبيب شوگر ملز جي اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي ماحولياتي تحفظ: سيمينار دوران مقررين ماحول کي صاف سٿرو رکڻ ۽ وڌندڙ آلودگي کي ڪنٽرول ڪرڻ جي طريقن تي تفصيلي روشني وڌي، صنعتي سڌارا: صنعتي عمل ۾ بهتري آڻڻ ۽ ماحول دوست طريقا اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو ويو شرڪت ڪندڙن کي سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايڪٽ 2014 جي اهميت ۽ ان تي سختيءَ سان عمل درآمد ڪرڻ بابت آگاهي ڏني وئي تقريب جي آخر ۾ "ڌرتيءَ جي عالمي ڏينهن" جي مناسبت سان حبيب شوگر ملز جي احاطي ۾ بوٽا پڻ پوکيا ويا ان موقعي تي خطاب ڪندي ڊاڪٽر گل امير سنبل چيو ته: عالمي يومِ ارض اسان کي اها يادگيري ڏياري ٿو ته هن ڌرتي ۽ ماحول جي حفاظت اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي وڻڪاري ذريعي ئي اسان موسمي تبديلي (Climate Change) جي خطرناڪ اثرن کي گهٽائي سگهون ٿا هن حبيب شوگر ملز جي انتظاميا پاران ماحولياتي بهتري لاءِ کنيل قدمن جي واکاڻ ڪندي چيو ته وقت جي ضرورت آهي ته هر صنعتي ادارو اهڙي ذميواري جو مظاهرو ڪري. پروگرام جي پڄاڻي تي سمورن شرڪت ڪندڙن ان عزم جو اظهار ڪيو ته هو ماحول جي تحفظ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا رهندا.

بقايا 16 استعيفيٰ جو اعلان

ڪائونسل جي ميمبر ٿيڻ سان سندس ميمبرشپ هجڻ باوجود هو پنهنجي يونين ڪائونسل لاڪاٽ واري ٽڪ ۾ ڪا به ترقياتي اسڪيم عوامي مفادن تحت نه ملڻ توڙي ضلعي ڪائونسل جي اهميت نه هجڻ ڪري پنهنجي ضلعي ڪائونسل جي ميمبر شپ تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي ، جنهن بابت رابطي ڪرڻ تي پير احمد سعيد جان سرهندي چيو ته ضلعي ڪائونسل واري سيٽ مان عوام کي ڪو به لاڀ نه ملي رهيو آهي نه وري ضلعي ڪائونسل ۾ ڪو عملدار يا ميمبر اچي ٿو جنهن جي ڪري ضلعي ڪائونسل صرف نالي ۾ ڦهيل آهي جنهن جي ڪري مون استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي ۽ پنهنجي يونين ڪائونسل لاڪاٽ سميت ضلعي ٽنڊو محمد خان جي اندر عوام جي خدمت واري جذبي تحت پنهنجي وسان عوام سان هر محاذ تي گڏ رهندس ، ظلم زيادتين ناانصافين خلاف عوام سان گڏ هوندس ، علائقي جي اندر حڪمران ڌر جي سامهون اپوزيشن جو ڪردار ساڳئي طريقي سان جاري رکندس ته جيئن عوام کي پنهنجي ضلعي جي اندر بي يارو مددگار اڪيلو نه ڇڏيندس .

بقايا 17 6ڄڻا زخمي

پهچي جهيڙي تي ڪنٽرول ڪري ورتو ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو. زخمين ۾ ٻنهي ڌرين جي هر هڪ ارباب - مهيسر - عورت صنمر - جميل - بخش علي ۽ قدير ڏاهري کي اسپتال علاج لاءِ منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته واقعي بابت اجا ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي-

بقايا 18 اسپتال داخل

ويو معذور نوجوان کي حالت خراب ٿيڻ تي نصيرآباد ٻاءِ پاس وٽ ڪوچ عملي پاران لاهي ڇڏيو ويو هوش ۾ اچڻ بعد معظم ٻڌايو ته ڪيس رستي ۾ نامعلوم ماڻهن مٺائي ڪارائي هئي، جنهن ڪانپوءِ ڪيس الٽيون ٿيون ۽ هو بيهوش ٿي ويو نوجوان کي فوري طور تي رورل هيلٿ سينٽر (RHC)نصيرآباد پهچايو ويو اسپتال جي عملي نوجوان جي کيسي مان مليل موبائل فون چارجر ۽ ڪجهه روپيا محفوظ ڪري ورتا آهن جيڪي ڪيس مڪمل هوش ۾ اچڻ ڪانپوءِ حوالي ڪيا ويندا. ٻڌايو پيو وڃي ته معظم مگسي پنهنجي ڀينرن جو اڪيلو ڀاءُ آهي هن وقت هو اسپتال ۾ زير علاج آهي ۽ سندس حالت اڳي کان بهتر ٻڌائي پئي وڃي

بقايا 19 فائرنگ ۾ قتل

کي سيني ۽ ٽنگن ۾ 4 گوليون هڻيون جنهن جي نتيجي ۾ ڊاڪٽر سارنگ فوت ٿي ويو جڏهن ته هٿياربندن رڪشي ۾ موجود ڊاڪٽرياڻي زال ۽ ڊرائيور کي ڪو نقصان نه پهچايو واقعي کان پوءِ ڊاڪٽر سارنگ ميمڻ جو لاش جناح اسپتال پهچايو ويو جتان وارث لاش بدين کڻائي آيا سندس جنازي ۾ هزارين شهرين شرڪت ڪئي جنازي نماز ۾ ايم پي اي تاج محمد ملاح ڊاڪٽر عزيز ميمڻ پي پي ضلع جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر سجاد چانڊيو ايڊووڪيٽ سنڌ هاءِ ڪورٽ ذيشان انيس جوڻيجو يونين آف جرنلسٽ حيدرآباد ڊويزن جي مرڪزي سينئر نائب صدر تنوير احمد آرائين بدين پريس ڪلب جي صدر شوڪت حسين ميمڻ اشرف ميمڻ حاجي عبدالشڪور ميمڻ عمران عباس خواجه فرحان ميمڻ راجا ظفر اقبال قاشف ميمڻ ماما اقبال ابلاڻي رائس چيئرمين علي اڪبر ميمڻ سابق ڊي ايڇ او ڊاڪٽر نواز عباسي ڊاڪٽر حسن ميمڻ ڪانسواءِ واپاري اڳواڻن شهرين ۽ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪيس شاهه قادري قبرستان ۾ مٽي ماءِ جي حوالي ڪيو ويو ڊاڪٽر سارنگ ناميارو ڊاڪٽر حسين ميمڻ جو فرزند هو سنڌس هڪ ڊاڪٽر ڀاءُ المنظر جامشورو ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو هو جڏهن ته هڪ ڀاءُ محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت وقت وڳوڙن ۾ پوليس جي گولي لڳڻ سبب فوت ٿي ويو هو سندس پاڙين سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي ٻي طرف ڊاڪٽر سارنگ ميمڻ جي چاچي ڊاڪٽر عزيز ميمڻ صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ڊاڪٽر سارنگ ميمڻ انتهائي شريف ۽ پيشيور خدمتون ڏيندڙ ڊاڪٽر هو ڪيس ٽارگيٽ ڪلنگ ڪري قتل ڪيو ويو آهي هن چيو ته ڪراچي ۾ امن جون ڳالهيون ڪوڙ آهن ڊاڪٽر سارنگ جو قتل رياستي ادارن لاءِ سواليا نشان آهي سنڌ حڪومت قاتلن کي واڪو ڪري 10 ڏينهن ۾ قاتل گرفتار ڪري ٻي صورت ۾ قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج لاءِ لائحه عمل جوڙيو ويندو

بقايا 20 احتجاج

سنڌن زرعي رهائشي زمينون استعمال ۾ آهن هنن الزام هنيو ته ڪجهه بااثر ماڻهو جن ۾ جيرو ڪولهي ۽ هرجي ڪولهي شامل آهن زبردستي سنڌن زمينن تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن مختيارڪار انور هنگورجو ۽ ٽپيدار ڪمليش مهراج رشوت عيوض غير مقامي ماڻهن سان ملي ڀڳت ڪري اسان جي زمينن جا کاتا تبديل ڪري اسان جي ڪاتن کي جعلي قرار ڏنو آهي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته مبينا طور رشوت عيوض سندن زمينن جا ڪاتا تبديل ڪرايا ويا آهن جڏهن ته ان معاملي بابت ڪيس هن وقت عدالت ۾ زير سماعت آهي ۽ اجا تائين ڪو حتمي فيصلو ناهي آيو ان جي باوجود، بااثر ڌريون ڪين ڌمڪيون ڏئي زمينون خالي ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهي رهيون آهن.جنهن سبب اسين پريشان آهيون احتجاج ڪندڙن حڪومت ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ شفاف جاچ ذريعي انصاف يقيني بڻايو وڃي

بقايا 21 پريشان

سبب لاش نه ملي سگهيو آهي هنن چيو ته خدارا لاش ڳولي ڏنو وڃي اسان تيستائين هتي موجود رهنداسين جيستائين لاش نه ٿو ملي جڏهن ته سانحي واري هنڌ صحافي،سياسي،سماجي ۽ شهرين جو وڏو انگ موجود ريسڪيو ٽيم پاران لاش جي ڳولا جاري

بقايا 22 فوت

جا مريض ننڍڪائي جو شڪار ٿين ٿا شاگرد عبدالله ڪاڪائي به دل ڳوڏن جي عارضي ۾ مبتلا هو ڪالهه سندس انٽر جو پيپر پڻ هو پر پاڻ پيپر ڏيڻ بدران ربي خالق حقيقي سان مليو

بقايا 23 ڪيس داخل

سان گڏيندڙ روڊ تي پڻ احتجاج طور بند ڪري ڇڏيو - احتجاجي مظاهري ۾ شريڪ ڳوٺاڻن پاران احتجاج ڪندي ٻڌايو ويو ته گذريل پندرهن ڏينهن کان ڳوٺن ۾ بجلي پهچائيندڙ اهم ٿنڀن جون تارون جيسڪو عملدار بلاجواز بنا اطلاع جي لاهي ڪٽي ويا جڏهن ڪاٺن پڇا ڪئي ته جيسڪو عملدارن پاران ٻڌايو ويو ته انهن ٿنڀن جون تارون چوري ٿي ويون آهن - ٻئي طرف جيسڪو عملدارن پاران گذريل ڏينهن احتجاجي مظاهرو ڪندڙ ڳوٺاڻن ۽ ڇهن نامعلوم ماڻهن مٿان آفيس ۾ ڀڃ ڊاهه جو ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي جنهن ۾ اختيارين موقف اختيار ڪيو آهي ته ڳوٺن سان تعلق رکندڙ هر هڪ اڳواڻن غلام حيدر - علي احمد - هاشم ۽ الهڏنو مگريو سميت ڇهن اڻسڃاتل ماڻهن سميت آفيس ۾ ڀڃ ڊاهه ۽ سرڪاري رڪارڊ کي نقصان رسايو آهي جيسڪو هالا جي لائين سپرنٽينڊنٽ ون رفعت ميمڻ جي ڏنل بيان جي روشنيءَ ۾ هالا پوليس پاران جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته آخري اطلاعن تائين ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي آهي -

بقايا 24 احتجاج

ڏينهن پهريان اسان جي علائقي ۾ ٻچا برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي معاملي تان جهيڙو ٿيو هو جنهن تي ٿيٻات پوليس اسان ٻن نوجوان هميزا ۽ لال ڏنو پچو خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪري انهن کي گرفتار ڪري ورتو ۽ هاڻ انهن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن چيو ته ان معاملي سان اسان جي نوجوانن جو ڪو به واسطو ناهي پر پوليس زبردستي اسان جي نوجوانن تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيا آهن هنن چيو ته اسان ڊي آءِ جي حيدرآباد ، ايس ايس پي جامشورو کي لکت ۾ درخواستون ڏنيون آهن پر اسان جي ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي هنن چيو ته جيڪڏهن اسان جي نوجوانن کي آزاد نه ڪيو ويو ته اسان اتي بس هاءِ وي تي ڌرڻو هڻنداسين

بقايا 25 وارثن سان ملاقات

روبينه جي افسوسناڪ قتل واري واقعي بابت پنهنجو فيڪٽ فائنڊنگ مشن ڪاميابي سان مڪمل ڪري ورتو آهي. هن مشن کي 18 اپريل 2026 ع تي انجام ڏنو ويو جنهن ۾ (ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر / سيڪريٽري ڊي ايڇ آر سي) ذوالفقار علي شيخ، ايڊووڪيٽ ڊاڪٽر خادم حسين ڏهوٽ (ميمبر ڊي ايڇ آر سي)، ديپيا ڪماري (ميمبر ڊي ايڇ آر سي)، مهناز بوزدار (انچارج ويمن اينڊ چلڊرن ڪمپليئنٽ سيل)، دانيال ڪاڪيپوٽو (ويمن ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ) ۽ قمرالدين چنا (چائلڊ پروٽيڪشن يونٽ) شامل هئا. ڪميٽي دوري دوران پوليس اختيارين سان ملاقات ڪئي ۽ واقعي واري هنڌ جو معائنو ڪيو جڏهن ته متاثره خاندان سان ملاقات ڪري انساني حقن جي صورتحال ۽ لاڳاپيل ادارن جي ردعمل جو تفصيلي جائزو پڻ ورتو. هي مشن ڪميٽي جي مينڊيٽ مطابق انساني حقن جي خلاف ورزين جي سڃاڻپ، احتساب کي يقيني بڻائڻ ۽ ضروري اصلاحي قدمن بابت سفارشون تيار ڪرڻ لاءِ انجام ڏنو ويو. ڪميٽي پنهنجي فيڪٽ فائنڊنگ رپورٽ ۾ هيٺيان اهم نقطا ظاهر ڪيا آهن ته هي واقعو غيرت جي نالي تي جنسي تشدد جو واضح ڪيس آهي ان ۾ اهو ته چاڻايو ويو آهي ته پوليس جي وقت سر ڪارروائي ۽ ادارن جي ردعمل ۾ ڪمزوريون سامهون آيون جڏهن ته متاثره خاندان جي وقار ۽ بنيادي انساني حقن جي ڀڃڪڙيون پڻ ٿيون آهن جنهن لاءِ فوري ڪارروائي احتساب ۽ تحفظ جي قدمن جي اشد ضرورت جي سفارش ڪئي وئي آهي. ڪميٽي پاران رپورٽ تيار ڪري باضابطه طور ڊپٽي ڪمشنر / چيئرپرسن ڊي ايڇ آر سي خيرپور کي پيش ڪئي وئي آهي جڏهن ته ان جون نقلون سينئر سپرنٽينڊنٽ آف پوليس (ايس ايس پي) خيرپور کي پڻ وڌيڪ ڪارروائي لاءِ موڪليون ويون آهن. ضلعي انساني حقوق ڪميٽي زور ڏنو آهي ته سمورن ملوث جوابدارن جي فوري گرفتاري ۽ شفاف جاچ کي يقيني بڻايو وڃي، متاثره خاندان ۽ اهم گواهن کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو وڃي جڏهن ته غيرت جي نالي تي قتل خلاف لاڳو قانونن تي سختي سان عملدرآمد ڪيو وڃي ۽ ادارن جي احتساب ۽ نظامي سڌارن کي يقيني بڻايو وڃي. ڪميٽي رپورٽ ۾ اهو واضح ڪيو آهي ته غيرت جي نالي تي قتل هڪ سنگين ڏوهه ۽ انساني حقن جي کليل ڀڃڪڙي آهي جنهن جي ڪنهن به صورت ۾ ڪا به قانوني يا سماجي جواز موجود ناهي. آخر ۾ ضلعي انساني حقن واري ڪميٽي خيرپور انصاف شفافيت ۽ انساني حقن جي تحفظ لاءِ پنهنجي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته هن ڪيس جي پيش رفت جي مسلسل نگراني جاري رکي ويندي.

بقايا 26 ٽورنامينٽ انعقاد

فائنل اڄ شاندار نموني منعقد ٿيو جنهن ۾ فٽبال جي شوقينن شهرين اڳوڻن رانديگرن ۽ نوجوانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب جو مهمان خاص ڊائريڪٽر جنرل سنڌ انوائرمنٽل پروٽيڪشن ايجنسي (سيپا) وقار حسين ڦلپوٽو هئا جن رانديگرن سان ملاقات ڪئي فائنل ميچ ڏٺو ۽ ڪامياب ٽيم کي ٽرافي ۽ انعام ورهايا هن موقعي تي اسٽيڊيم ۾ ماحوليات جي تحفظ، راندين جي فروغ ۽ صحتمند معاشري جي قيام بابت خاص پيغام پڻ ڏنا ويا ڊي جي سيپا وقار حسين ڦلپوٽو پنهنجي خطاب ۾ چيو ته عالمي يومِ ارض اسان کي اهو ياد ڏياري ٿو ته زمين پاڻي هوا ۽ قدرتي وسيلن جي حفاظت اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي سنڌ حڪومت ماحول دوست پاليسين تي عمل ڪري رهي آهي ۽ سيپا عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ مختلف پروگرام وڻ لڳائڻ جون مهمون آگاهي سيمينارز ۽ راندين جون سرگرميون منعقد ڪري رهي آهي وقار حسين ڦلپوٽو ٻڌايو ته رانديون نوجوانن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪن ٿيون ۽ معاشري ۾ اتحاد نظم ۽ ضبط ۽ صحتمند سوچ کي هٿي ڏين ٿيون صاف سٿرو ماحول هر شهري جو بنيادي حق آهي ۽ آلودگي جي خاتمي لاءِ حڪومت سان گڏ عوام کي به پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هن موقعي تي ڊي جي سيپا وقار حسين ڦلپوٽو اعلان ڪيو ته هن سال عالمي يوم ارض کي ڀرپور ۽ خوبصورت انداز ۾ ملهايو ويندو جنهن جي شروعات وڻ لڳائڻ جي مهم سان ڪئي ويندي ان سان گڏ مختلف يونيورسٽين ۽ تعليمي ادارن ۾ ماحوليات بابت سيمينارز ۽ ويبينارز پڻ منعقد ڪيا ويندا عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ لاءِ سيپا شام 6 وڳي ويهيڪيولر ايمشن ڪنٽرول پروگرام تحت ڪراچي ۾ ميٽروپول واري هنڌ تي گاڏين جي فٽنيس چيڪ ڪئي ويندي، جڏهن ته دونهون ڇڏيندڙ ۽ غير فٽ گاڏين خلاف ٽريفڪ پوليس جي سهڪار سان قانوني ڪارروائي ۽ چالان پڻ ڪيا ويندا. ڊي جي سيپا شهرين تي زور ڏنو ته هو وڻ لڳائڻ پاڻي جي ضايع ٿيڻ کان بچڻ پلاسٽڪ جي غير ضروري استعمال کان پاسو ڪن ۽ صفائي جو خاص خيال رکن تقريب جي پڄاڻي تي شاندار فائنل جي انعقاد تي ڪراچي جي پٽرنز فٽبال يونٽي ۽ منتظمين کي ساراهيو ويو جڏهن ته شرڪت ڪندڙن سيپا طرفان عالمي يوم ارض جي موقعي تي هن مثبت ۽ منفرد قدم کي ڀليڪار ڪيو

بقايا 27 مرتضيٰ جتوئي

انسداد دهشتگردي عدالت ۾ ٿي مجموعي طور 8 ڪيسن جي ٻڌڻي ۽ 2 ٻين ڪيسن جي ٻڌڻي ڪئي وئي ٻڌڻي کان پوءِ نيشنل پيپلز پارٽي جي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 8 ڪيسن جي ٻڌڻي 8 مئي تائين ۽ ٻن ڪيسن جي ٻڌڻي 19 مئي تائين ملتوي ڪئي وئي آهي هن چيو ته هاڻي جي ڊي اي جي نوجوان قيادت ميدان ۾ اچي چڪي آهي، جنهن ۾ سيد راشد شاهه معظم عباسي ۽ حسنين مرزا شامل آهن اسان سڀني زندگي سياست ڪئي آهي ۽ هاڻي به انهن سان گڏ آهيون غلام مرتضيٰ جتوئي وڌيڪ چيو ته هاڻي گهڻو ٿي چڪو آهي، ڪارڪنن تي ٿيندڙ ظلم جو سخت نوٽس ورتو ويندو اسان جا ڪارڪن اڪيلائي جو شڪار ناهن جيڪڏهن اسان کي مجبور ڪيو ويو ته اسان سڀ ڌريون گڏ ٿي سگهون ٿا ۽ سنڌ جا روڊ رستا بند به ڪري سگهون ٿا. هن چيو ته ڪافي صبر ڪيو ويو آهي، هاڻي عملي مزاحمت ڪئي ويندي ۽ ٿيل نقصان جو حساب ضرور ورتو ويندو هن چيو ته هو هڪ تحمل مزاج ماڻهو آهي. پر سندس تعلق قبائلي پسمنظر سان آهي جتي حساب ڪتاب ڪڏهن به وساريو نه ويندو ۽ انشاءالله ان جو حساب ضرور ورتو ويندو لغاري ۽ بجاراڻي برادري بابت معافي جي سوال تي غلام مرتضيٰ جتوئي چيو ته اها نئين ڳالهه آهي ته ماڻهو ماريا به وڃن گهر به ڊاٺا وڃن ۽ پوءِ معافي به ورتي وڃي هن چيو ته وزيراعظم طرفان وڏي فراخدلي ڏيکاري وئي آهي، پر ڪجهه ماڻهن هر قوم سان دشمني وڌائي ڇڏي آهي هن وڌيڪ چيو ته لغاري، سري ۽ جتوئي برادريون ڪمزور ناهن بلڪه مضبوط برادريون آهن جيڪڏهن ڪنهن اهو سمجهيو آهي ته هڪ برادري جي دشمني گهٽائي سگهجي ٿي ته اها غلطي آهي هن چيو ته هاڻي "گو سور" جو وقت آهي ۽ ڪنهن به ڪارڪن سان ناانصافي برداشت نه ڪئي ويندي.

انا لله وانا اليه راجعون
انتقال پرملال
انتہائی رنج وغم کے ساتھ اطلاع دی جاتی ہے کہ
نکہت فردوس
زوجہ گلزار علی
مینجنگ ڈائریکٹر
Adarts Karachi (Pvt.) Limited
رضائے الٰہی سے انتقال فرماگئی ہیں۔
نمازِ جنازہ 22 اپریل 2026 بروز بدھ، بعد نمازِ ظہر سلطان مسجد DHA، کراچی میں ادا کی جائے گی۔
تدفین بعد ازاں DHA فیز 8 قبرستان، کراچی میں ہوگی۔
خواتین کے لیے فاتحہ خوانی کا انتظام:
گھر نمبر 82/I، خیابانِ بدر، فیز 6
28 ویں اسٹریٹ، DHA کراچی
سوگواران:
گلزار علی
صائمہ جنجوعہ، آسیہ گلزار، سعدیہ معیز

عام اطلاع
هرعام وخاص ماڻهو کي اطلاع ڪجي ٿو ته اي کي ٽريڊرس وائن شاپ اباوڙو کان ميرپور ماٿيلو ۾ سنڌو ماڊل ٽائون ميرپور ماٿيلو ۾ دڪان نمبر 92 ۽93 ۾ کوليو وڃي ٿو جنهن تي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هيٺ ڄاڻايل عملدارن کي (15) پندرهن ڏينهن ۾ درخواست موڪليندا 15 ڏينهن گذرڻ کانپوءِ ڪوبہ اعتراض قابل قبول نه هوندو.
1- ڊائريڪٽر جنرل ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن سنڌ ڪراچي D-46 بلاڪ 01 ڪلفٽن ڪراچي (2) ڊائريڪٽر ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن سکر (3) ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن آفيسر گهوٽڪي ايٽ ميرپور ماٿيلو

Oil & Gas Development Company Limited

CANCELLATION
OF AUCTION NOTICE
Reference: Our advertisement titled "**Auction of Sulphur**" Tender Inquiry No.OGDCL-SCM-LD-PT-COMM-319411330-2026 for Auction Round 147, published in the newspapers on 21.4.2026.
The prospective bidders are hereby informed that subject **Sulphur Auction Notice** stands cancelled.

روزاني عبرت
اربع 22 اپريل 2026ع
68 سال
6 Daily IBRAT

محرابپور پوليس پاران مبينا مقابلي دوران ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل جوابدار کي مارڻ جي دعويٰ

گوڙدو شاخ لنڪ روڊ تي ڏوهه جي ارادي سان بيٺل هٿياربند ڌاڙيلن سان مقابلو ٿي پيو: پوليس

فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ابڙان واسي منور عرف منو مشوري مارجي ويو سندس ساٿي فرار ٿي ويا

مارجي ويل ڌاڙيل تي ضلعي جي مختلف ٿاڻن تي قتل دهشتگردي، پوليس مقابلن سميت 12 کان وڌيڪ ڪيس داخل آهن

محرابپور (ت-ر) محرابپور ۾ مبينه مقابلي ۾ هڪ بدنام اشتهاري ڌاڙيل مارجي ويو ڪلاشنڪوف نما رپيٽر پڻ هٿ اچڻ جي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

محرابپور: مبينا مقابلي ۾ مارجي ويل جوابدار جو لاش پيل آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ 14 ورهين جي نينگر سان مبينا زيادتي، اين سي داخل، احتجاج

گوٺ عثمان زئور ۾ جوابدار محبت جت نينگر زبير کي تشدد ڪري زيادتي نشانو بڻايو

متاثر نينگر جي والد پاران ٿاڻي تي اين سي داخل، نينگر ميڊيڪل لاءِ اسپتال منتقل

طبي معائني ۾ ابتدائي طور زيادتي جي تصديق، پوليس جوابدار کي گرفتار نه ڪري سگهي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي گوٺ عثمان زئور ۾ مبينا طور 14 سالا نينگر زبير زئور سان وحشي صفت درندي شخص جي ڪيل بدفعلي جو واقعو، پوليس جوابدار گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي لاڪاٽ يونين ڪائونسل جي گوٺ عثمان زئور ۾ مبينا طور 14 سالا نينگر زبير ولد ولي محمد زئور کي گوٺ جي رهواسي وحشي صفت درندي زبردستي مارڪٽ تشدد جو نشانو بڻائي ڪيس جهنگ ۾ وٺي بدفعلي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد: سنڌياڻي تحريڪ پاران عورتن جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

پنوعاقل پرسان معصوم ٻارڙي ارڙي جي بيماري سبب فوت

درگاهه هاليجي شريف واسي چار ورهين جي بينظير انڊڙ اسپتال ۾ فوت ٿي وئي

علائقي واسين پاران صحت کاتي جي عملدارن کان ٽيمون موڪلڻ جو مطالبو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل(ن ع) پنو عاقل پرسان معصوم ٻارڙي ارڙي جي بيماري سبب فوت سلطانپور درگاهه هاليجي شريف جي رهواسي ميان توفيق انڊڙ جي چار ساله معصوم نياڻي بينظيرانڊڙ ارڙي سبب سکر

جيڪب آباد پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، 10 لک انعام يافته ڌاڙيل گرفتار

قتل، ڦر ۽ چورين سميت 14 ڪيسن ۾ گهربل جوابدار الهڏنو جکراڻي کي گرفتار ڪيو ويو

ٻارڙاٽو چوري ڪيو ويو اهو به واپس ڪرائي هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي: ايس ايس پي

جيڪب آباد (ڊ ر) ايس ايس پي جيڪب آباد فيضان علي پنهنجي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته جيڪب آباد

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم مان لاهور واسي رينٽ اي ڪار جي ڊرائيور جو لاش بنگلي مان هٿ ڪيو ويو

جوابدارن 9 فيبروري تي مقتول ڊرائيور فياض مسيح کي لاهور مان وٺي اچي قتل ڪرڻ بعد لاش پوري ڇڏيو

مقتول جي وارثن پاران ڪيس داخل ڪرائڻ بعد پوليس جاچ بعد ڪجهه گرفتاريون ڪيون

ايف آئي اي لاهور جي ٽيم جاچ دوران سهري عابد رسول سميت 2 عورتون ۽ 2 مردن کي گرفتار ڪيو

جاچ دوران ڪجهه گرفتاريون ڪيون ۽ انهن جي نشاندهي تي ڪرائي تي ورتل بنگلي مان لاش هٿ ڪيو آهي

ٽنڊوآدم (رپورٽ: شيراز سمون) ٽنڊوآدم سٽي ٿاڻي جي حد ۾ ماڊل ٽائون جي هڪ بنگلي مان هٿ ڪيل لاهور جي رينٽ اي ڪار جي ڊرائيور فياض مسيح جي پوريل لاش کي اڄ ٽنڊوآدم ۽ لاهور پوليس جي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: مقتول ٽيڪسي ڊرائيور فياض مسيح جي حياتي جي تصوير ٻئي طرف سندس سؤٽ سني رفيق مسيح ميڊيا سان ڳالهائيندي

ايس ايس پي سجاول جو مختلف امتحاني سينٽرن جو دورو

عليمه راڄپر دورو ڪري سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو

امتحاني مرڪزن جي ڀرپاسي پوليس گشت ۾ پڻ واڌارو ڪيو ويو آهي:عليمه راڄپر

سجاول (ڊ ر) ايس ايس پي سجاول عليمه راڄپر سالياني امتحانن جي موقعي تي مختلف امتحاني سينٽرن جو دورو ڪري سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو. ڊي آءِ جي پوليس حيدرآباد رينج طارق رزاق خان ڌاريجو جي هدايتن ۽ ايس ايس پي سجاول جي حڪمن تي ضلع سجاول ۾ جاري

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: چيف منسٽرز پبلڪ ڪمپلينٽ سيل ۾ عوامي شڪايتن جي ٻڌڻي

سنڌ حڪومت جي ترجمان مصطفيٰ عبدالله بلوچ ٽيليفونڪ رابطن ذريعي مسئلا ٻڌا

لاڳاپيل کاتن کي فوري طور تي مسئلن جي حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون ويون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان مصطفيٰ عبدالله بلوچ وڏي وزير جي هائوس ۾ قائم 'چيف منسٽرز پبلڪ ڪمپلينٽ سيل' ۾ عوامي شڪايتن جي ٽڪري حل لاءِ ٽيليفونڪ رابطن ذريعي سڌي ريت نگراني ڪندي شهرين جا مسئلا ٻڌا ۽ انهن جي حل لاءِ حڪم جاري ڪيا.

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي ۾ ڊي آءِ جي ۽ ڪمشنر حيدرآباد جو اوچتو دورو، ماڊل ٿاڻي ۽ ليب جو افتتاح

پوليس ۽ انتظاميه شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ مڪمل طور سرگرم آهي:فياض عباسي

شهري پنهنجا جائز مسئلا ڊي سي بدين ٿائين پهچائين، جيئن ترت ازالو ڪري سگهجي

گولاڙچي(ت ر) گولاڙچي ۾ ڊي آءِ جي ۽ ڪمشنر حيدرآباد جو اوچتو دورو ماڊل ٿاڻي ۽ ليب جو افتتاح گولاڙچي : ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو ۽ ڪمشنر حيدرآباد فياض عباسي گولاڙچي جو دورو ڪيو. دوري دوران هنن ماڊل ٿاڻي جو افتتاح ڪيو جڏهن ته گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول گولاڙچي ۾ جديد ڪمپيوٽر ليب جو به افتتاح ڪيو ويو. دوري دوران صحافين سان ڳالهائيندي ٻنهي آفيسرن چيو ته پوليس ۽ ضلعي انتظاميه شهرين

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي: ڪمشنر حيدرآباد ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد تقريب ۾ شريڪ آهن

حيدرآباد: شاگردياڻيون ٻارنهن جو امتحان حل ڪري رهيون آهن

نوابشاهه ۾ يارهين ۽ ٻارهين جا پيپر شروع، پيپر آئوٽ، سرعام نقل جو سلسلو جاري

بورڊ پاران نقل جي روڪٿام لاءِ ڪيل انتظام ۽ دعوائون پهرين ئي ڏينهن ناڪام

امتحاني مرڪزن اندر ۽ ٻاهر واٽس ايپ گروپن تي حل ٿيل پرچا نقل ڪندي ڏٺا ويا

نوابشاهه(س ر)تعليمي بورڊ شهيد بينظير آباد جي زيرانتظام يارهين ۽ ٻارهين جماعت جا امتحان شروع ٿي ويا آهن بورڊ انتظاميه پاران نقل جي روڪٿام لاءِ ڪيل سمورا انتظام ۽ دعوائون پهرين ئي ڏينهن ناڪام ٿي ويون جڏهن ته يارهين جماعت جو اردو لازمي جو پيپر وقت کان اڳ ئي آئوٽ ٿي ويو امتحان شروع ٿيڻ کان ڪجهه ئي دير ۾ اردو جو پرچو مختلف واٽس ايپ گروپن تي وائرل ٿي ويو امتحاني مرڪزن جي اندر ۽ ٻاهر شاگردن کي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

خيرپور سول اسپتال عملي ۽ سماجي عورت اڳواڻ ۾ تڪرار تان الڳ الڳ احتجاج ڪيا ويا

عورت اڳواڻ شهناز شيخ جي اڳواڻي ۾ سوين عورتن پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو

مريضن جي ناقص علاج خلاف ڳالهائڻ ڪئي ته ڊاڪٽرن ۽ عملي بداخلاقي ۽ گارگند ڪئي: شهناز شيخ

واقعي خلاف ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن پاران او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج ڪيو

خيرپور(ڊ ر) سول اسپتال خيرپور ۾ پي جي ڊاڪٽرن ۽ عورت اڳواڻ وچ ۾ تڪرار واري معاملي خلاف ڊاڪٽرن ۽ عورتن جو الڳ الڳ احتجاج هڪ پاسي عورت اڳواڻ شهناز شيخ جي اڳواڻي ۾ سوين عورتن پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جڏهن ته ٻئي پاسي ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن پاران پڻ اسپتال ۾ او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج جاري

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص تعليمي بورڊ ۾ ڪرپشن ڪيس ۾ اڳوڻو ڪنٽرولر عدالت پيش

2ارب 4 ڪروڙ رپين جي ڪيس ۾ انور عليم خانزادو کي عدالت پيش ڪيو ويو

عدالت جوابدار کي 7 ڏينهن جي ريمانڊ تي اينٽي ڪرپشن ٽيم حوالي ڪري ڇڏيو

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) تعليمي بورڊ ميرپورخاص ۾ 2 ارب 4 ڪروڙ رپين جي ڪرپشن جو ڪيس داخل ٿيڻ بعد اڳوڻو ڪنٽرولر انور عليم خانزادو عدالت ۾ پيش، 7 ڏينهن جي ريمانڊ تي اينٽي ڪرپشن ٽيم حوالي اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ ميرپورخاص پاران تعليمي بورڊ ميرپورخاص اندر ٿيندڙ بي ضابطگين ۽ 2 ارب 4 ڪروڙ رپين جي ڪرپشن اسڪينڊل بابت ڪيس

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: چيئرمين هائير ايجوڪيشن ڪميشن ڊاڪٽر نياز احمد اختر لمس جو دورو ڪري رهيو آهي

فريدآباد ۾ ڪاڇي واسين جو ڦر جو ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف احتجاج

گوٺ علي مراد ساڪاڻي چانڊيو واسين پوليس ٿاڻي اندر ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي

پوليس اسان جي ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي ۽ نه ئي اسان جو ڪيس داخل ڪري ٿي: مظاهرين

فريدآباد(ن ع) ڪڏريل ڏينهن ڪاڇي جي گوٺ علي مراد ساڪاڻي چانڊيو جي رهواسي نوجوان عبدالرزاق چانڊيو کان ڏيڍ لک رپيا روڪ رقم ڦر ۽ تشدد ڪرڻ واقعي خلاف ساڪاڻي برادريءَ جي ماڻهن جو ساڪاڻي اتحاد جي اڳواڻ روشن علي ساڪاڻي، احمدعلي ساڪاڻي ،ضمير ساڪاڻي، بجار ساڪاڻي،اسحاق،عبدالعزيز،محمد نواز، گل حسن، ديدار چانڊيو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڦر واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف ڪن ڪلاڪن کان ٿاڻي اندر ڌرڻو جاري رکندي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ نامعلوم شخص جو لاش هٿ، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار شهر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد بريلوي چوڪ قلعه

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

شهدادپور سول سوسائٽي جو غيرقانوني ڪر ڪندڙ انرجي گيس ڪمپني خلاف احتجاجي ڌرڻو

مظاهرين جبار جوڻيجو، غلام مصطفيٰ سومرو وقار جت، سنيل ڪمار پڙهيار ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سانگهڙ ضلعي ۾ شاهين انرجي پرائيويٽ گيس لميٽيڊ ڪمپني غيرقانوني ڪر ڪري رهي آهي: مظاهرين

شهدادپور(ن ع) شاهين انرجي گيس پرائيويٽ لميٽيڊ خلاف سول سوسائٽي جو احتجاجي مظاهرو شاهين انرجي کي فوري طور بند ڪرڻ جو مطالبو ، شاهين انرجي گيس سبب مقامي ماڻهو چمڙي جي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه: ورلڊ ارٿ ڊي جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

نوابشاهه جي حبيب شوگر ملز ۾ "عالمي يوم ارض" جي مناسبت سان وڻڪاري مهم جو انعقاد ڪيو ويو

نوابشاهه(س ر) حڪومت سنڌ جي ماحوليات، موسمي تبديلي ۽ ساحلي ترقي بابت صلاحڪار دوست محمد رحيمون، سيڪريٽري ماحوليات زبير احمد چنه ۽ ڊائريڪٽر جنرل سيپا وقار حسين ڦلپوٽو جي خاص هدايتن تي، نوابشاهه جي حبيب شوگر ملز ۾ "عالمي يوم ارض 2026" جي مناسبت سان هڪ باوقار سيمينار ۽ وڻڪاري مهم جو انعقاد ڪيو ويو پروگرام سيپا جي ريجنل انچارج ڊاڪٽر گل امير

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ضلعي ڪائونسل ميمبر پير احمد سعيد جان سرهندي جو استعيفيٰ جو اعلان

سوشل ميڊيا تي استعيفيٰ جا آفيسر کي دستاويز پيش ڪرڻ جي تصوير وائرل

ضلعي ڪائونسل واري سيٽ مان عوام کي ڪو به لاڀ نه ملي رهيو آهي:پير سعيد سرهندي

ضلعي ڪائونسل صرف نالي ۾ ٺهيل آهي جنهن جي ڪري مون استعيفيٰ ڏئي ڇڏي آهي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ حڪومتي ڌر جي اپوزيشن جي قيادت ڪندڙ ضلعي ڪائونسل جي ميمبر پير احمد سعيد جان سرهندي پنهنجي ضلعي ڪائونسل واري سيٽ تان استعيفيٰ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ، پير احمد سعيد جان سرهندي سوشل ميڊيا تي پنهنجي ضلعي ڪائونسل واري تصوير ۾ ضلعي ڪائونسل جي آفيسر روشن کوسو کي پنهنجي ڏنل استعيفيٰ ڏئي رهيو آهي ، ڏنل استعيفيٰ ۾ پنهنجو موقف ظاهر ڪيو آهي ته ضلعي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: ضلعي ڪائونسل جي سيٽ تان استعيفيٰ ڏيندڙ پير احمد سعيد جان سرهندي

هالا پرسان ڏاهري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 6 ڄڻا زخمي

هالا (ت ر) هالا پرسان ڳوٺ شاهه محمد ڏاهري ۾ گهريلو مسئلي تان ڏاهري برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو. ڳوٺ شاهه محمد ڏاهري ۾ ڏاهري برادري جي ٻن ڌرين ۾ لٺين سرين ۽ ڪهاڙين جي حملي ۾ ٻنهي ڌرين جي هڪ عورت سميت ڇهه ڄڻا زخمي ٿي پيا . جهيڙي واري واقعي بابت اطلاع تي ڳوٺاڻن ۽ پوليس وقت تي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ويندڙ نوجوان کي منائي ۾ نشو ڏئي ڦر ڪرڻ جي ڪوشش، بيهوشي حالت ۾ اسپتال داخل

نصيرآباد(ن ع) لاڙڪاڻي جي رحمت پور محلي جو رهواسي نوجوان معظم مگسي پٽ بدرالدين اي ڪي جي ڪوچ ۾ سيوهڻ وڃي رهيو هو ته رستي ۾ نامعلوم ماڻهن پاران منائي ۾ نشو ڏيڻ سبب بيهوش ٿي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ چور دڪان جا تالا ٽوڙي روڪ رقم ۽ سامان ڀهاري ويا

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل جي بائيجي ٿاڻي جي حد سڌوجا لنڪ روڊ تان اميت ڪمار جي دڪان جا تالا ٽوڙي نامعلوم چور 5 نوان ٽائر 40 نوان ٽيوب 6 ٽائر رم ۽ 70 هزار رپيا روڪ رقم چوري ڪري ويا

محرابپور: موٽرسائيڪل جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل نينگر

بدين جو اسپيشلسٽ ڊاڪٽر سارنگ ميمڻ ڪراچي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل

ڊاڪٽر سارنگ پنهنجي گهر واري سان رڪشي ۾ وڃي رهيو ته هٿياربندن روڪي گوليون هنيون

لاش کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، جنازي نماز ۾ هزارين ماڻهن جي شرڪت

ڪراچي ۾ امن جون ڳالهيون ڪوڙ آهن ڊاڪٽر سارنگ جو قتل رياستي ادارن لاءِ سواليا نشان آهي:چاچڙ

بدين(ڊ ر) بدين جي اسپيشلسٽ ڊاڪٽر سارنگ ميمڻ کي دارالصحت اسپتال مان ڊاڪٽرياڻي زال سميت رڪشا ۾ ويندي مهراڻ هوٽل ڪراچي لڳ نامعلوم دهشت گردن ڪيس روڪي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو جوابدارن ڊاڪٽر سارنگ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ ڪولهي برادري جو مختيارڪار ۽ تپيدار خلاف احتجاج

بااثر جبرو ڪولهي ۽ هرجي زبردستي زمينن تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا مظاهرين

مختيارڪار ۽ تپيدار ڪماڻش رشوت عيوض زمينن جا کاتا تبديل ڪري جعلي قرار ڏنو آهي

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ ۾ ڪولهي برادري جي ماڻهن پاران پنهنجي زمينن تي قبضي ۽ تپيدار اسلام ڪوٽ مختيار ڪار اسلام ڪوٽ جي مبينا ناانصافين خلاف اسلام ڪوٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي راڻجهو ڪولهي، چنديو ڪولهي، رملو ڪولهي، پليو ڪولهي، گوبند ڪولهي، اميدر ڪولهي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هو اسلام ڪوٽ جا قديمي رهواسي آهن ۽ ڦرڪول روڊ پرسان

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

اسلامڪوٽ: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ ڪراچي واهه ۾ ٻڏي ويل ٻارڙي جو لاش هٿ نه آيو، وارث سخت پريشان

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪڏريل ڏينهن ڪراچي ڪي بي فيڊر واهه ۾ ٻڏي فوت ٿيل ٻبر اسڪاپ جي 8 سالا اڄالا چانڊيو جو لاش 24 ڪلاڪ گذرڻ کان پوءِ به نه ملي سگهيو وارث روئي روئي بي حال اسڻ کي بيهوشي دوڙا ريسڪيو ٽيم جون ڪوششون جاري نياڻي جي وارثن جو چوڻ آهي ته انتظاميا جي لاپرواهي سبب لاش الاهي پري نڪري ويو آهي بروقت نه اچڻ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوشهر پرسان انٽر جو شاگرد عبدالله ڪاڻائي دل ڳڙڻ جي تڪليف سبب فوت

بدين (ڊ ر) ٽنڊوشهر جي پرسان ڪوسڪي ڦرڪول روڊ تي ڳوٺ احمد ڪاڻائي ۾ انٽر جو شاگرد عبدالله ڪاڻائي دل ڳڙڻ جي تڪليف سبب فوت ٿي ويو لاڙ جي 23 لک کان وڌيڪ آبادي رکندڙ بدين ضلع هيڊ ڪوارٽر ۾ اڄان تائين نه اين آءِ سي وي ڊي دل جي اسپتال قائم ٿي آهي نه ورو ڳڙڻ جي علاج لاءِ ڪا بهتر سهوليت حاصل آهي جنهن جي ڪري دل ۽ ڳڙڻ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ واپڊا خلاف احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن تي ڪيس داخل

مختلف ڳوٺن جي رهواسين بجلي بند خلاف ڪڏريل ڏينهن احتجاج ڪيو هو

حيسڪو عملدارن احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن تي پيچ ڊاهه جو ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو

هالا (ت ر) هالا ۾ حيسڪو واپڊا خلاف احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن مٿان آفيس ۾ پيچ ڊاهه ۽ ڊيوٽي اٽڪاءِ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي . هالا پرسان ڳوٺ سيلاڻي فقير ۽ صالح مگرڀو سميت آسپاس جي ڳوٺاڻن پاران ڳوٺن ۾ بجلي جي بندش خلاف ڪڏريل ڏينهن احتجاج ڪيو - احتجاجي مظاهرو ڪندڙ ڳوٺاڻن پاران حيسڪو هالا آفيس جي مک گيٽ آڏو احتجاج ڪندي سخت نعريبازي ڪئي وئي - جڏهن ته حيسڪو جي مين گيٽ آڏو قومي شاهراهه

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڊي اي جي نوجوان قيادت ميدان ۾ اچي چڪي آهي، حساب ضرور ورتو ويندو: غلام مرتضيٰ جتوئي

ڪارڪن اڪيلا ناهن، جيڪڏهن اسان کي مجبور ڪيو ويو ته سنڌ جا روڊ رستا بند به ڪري سگهون ٿا

ڪافي صبر ڪيو ويو آهي، هاڻي عملي مزاحمت ڪئي ويندي ۽ ٿيل نقصان جو حساب ضرور ورتو ويندو

هاڻي "نو مور" جو وقت آهي ۽ ڪنهن به ڪارڪن سان ناانصافي برداشت نه ڪئي ويندي

نوشهروفيروز(رپورٽ:شاهد علي چنا)اڳوڻي وفاقي وزير ۽ جي ڊي اي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي ۽ سنڌس پاءِ ن ڍشنل پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر مسرور خان جتوئي جي مختلف ڪيسن جي ٻڌڻي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: متاثر رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

فريد آباد لڳ ڪلينڊر بس تان هيٺ ڪرڻ سبب سخت زخمي، اسپتال منتقل

فريدآباد(ن ع) فريدآباد لڳ ڳوٺ بيٽل پرسان ميهڙ کان ڳوٺ ڳاڙهي ويندڙ بس تان معي کي ڦيري اچڻ سبب بس جو ڪلينڊر 35 ورهين جو نوجوان زاهد جتوئي ڇت تان ڪري سخت زخمي ٿي پيو آهي زخمي کي علاج لاءِ تعلقا اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته حالت نازڪ هجڻ ڪري کين لاڙڪاڻي ريفر ڪيو ويو آهي

سيوهڻ: ٻڏي فوت ٿيل ٻارڙي جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ڪوٽڙي ۾ پيچا برادري جي عورتن ۽ ٻارڙن پاران ٿيبات پوليس جي ڏاڍاين خلاف احتجاج

مظاهرين صدام حسين ، محمد مريد ، مسمات حسنا ، مسمات ثنيا پيچو ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

برادري جي زميني جهيڙي دان پوليس نوجوان حمزا ۽ لال ڏنو کي ڪنهي گر ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي جامشورو کي لکت ۾ درخواستون ڏيڻ باوجود ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي ۾ پيچا برادري جو عورتن ۽ ٻارڙن سميت ٿيبات پوليس جي ڏيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڏاڍهون بنا جواز گرفتار ڪيل ٻن نوجوانن جي آزادي جو مطالبو سيوهڻ جي علائقي لڪي شاهه صدر جي رهواسين پيچا برادري جي ماڻهن عورتن ۽ ٻارڙن سميت صدام حسين ، محمد مريد ، مسمات حسنا ، مسمات ثنيا پيچو ۽ ٻين پريس ڪلب ڪوٽڙي اڳيان احتجاج ڪندي ڏاهينيدي چيو ته آهي ته ڪجهه

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ قتل ٿيل مسمات روبينه چانڊيو قتل خلاف قائم ڪميٽي جي وارثن سان ملاقات

ذوالفقار علي شيخ، ايڊووڪيٽ ڊاڪٽر خادم حسين ڏهوٽ، قمرالدين چنا ۽ ٻين واقعي واري هنڌ جو معائنو ڪيو

واقعي پوليس جي وقت سر ڪارروائي ۽ اداري جي ردعمل ۾ ڪمزوريون سامهون آيون: رپورٽ

ضلعي انساني حقوق ڪميٽي زور ڏنو ته سمورن ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري شفاف جاچ کي يقيني بڻايو وڃي

خيرپور(ڊ ر)انساني حقن واري ڪميٽي (ڊي ايچ آر سي) خيرپور حڪومت سنڌ جي انساني حقن واري اداري تحت قائم ڪيل آهي جيڪا ٿاڻو ٽنڊو مستي خان جي حد ڳوٺ ٻٽو چانڊيو ۾ مسمات خالدا عرف

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ عالمي يوم ارض جي حوالي سان ويٽرنز فٽبال ٽورنامينٽ جو انعقاد

بلوچ فٽبال اسٽيڊيم ڪورنگي ۾ شاندار فائنل، وڏي انگ ۾ شوقينن جي شرڪت

عالمي يوم ارض اسان کي ياد ڏياري ٿو ته قدرتي وسيلن جي حفاظت اسان جي ذميواري آهي:ڊي جي سيپا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عالمي يوم ارض جي حوالي سان سنڌ انوائرنمنٽل پروٽيڪشن ايجنسي (سيپا) ۽ ڪراچي ويٽرنز فٽبال يونٽي جي گڏيل سهڪار سان بلوچ فٽبال اسٽيڊيم ڪورنگي ۾ ويٽرنز فٽبال ٽورنامينٽ جو شاندار انعقاد ڪيو ويو 18 اپريل کان جاري هن ٽورنامينٽ جو گرينڊ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

فريدآباد: زخمي شخص کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

Oil & Gas Development Company Limited
ogdc the energy

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **05.03.2026, 17.03.2026, 31.03.2026, 07.04.2026** and **16.04.2026**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-CSR-60-3663-314239769-2026	SUPPLY OF UTILITY WATER AT SHAKARDARA, DISTRICT KOHAT	27.04.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PNP-60-3702-315096690-2026	OVERHAULING, INSTALLATION & COMMISSIONING OF GAS TURBINE, DT71P3.01 (OEM: ZORYA MASHPROEKT, UA)	29.04.2026 AT 1030 HRS
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-DO-317843790-2026	INTEGRATED WELL SERVICES FOR HAKEEM DAHO-4	30.04.2026 AT 1030 HRS
4.	OGDCL-SCM-FB-CB-PEFD-315485837-2026	SPARE PARTS OF DANIEL GC 500 AND 700 SERIES	30.04.2026 AT 1100 HRS
5.	OGDCL-SCM-SERVICES-SYS-CB-60-3806-317477508-2026	SAP UPGRADE AND IMPLEMENTATION	04.05.2026 AT 1030 HRS

2. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back andre-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
3. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
4. Tender Notice/ detailed instructions are available on Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) website at www.ppra.org.pk.
5. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
6. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue,
Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3540 / 3652

ogdcl.com
No. 294/52

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

Oil & Gas Development Company Limited
ogdc the energy

AUCTION OF SULPHUR
THROUGH SEALED BIDS

E-Bids are invited for the following:

Tender No.	Material & Location	Approx. quantity in M/Tons	Base Price (Exclusive of Taxes/ Duties) Per M/Ton in Pak Rs.	Bid Bond (Amount in Pak Rs.)	Bidding Procedure	Bid Submission Date and Time	Bid Opening Date and Time
OGDC-COMM-ERCIAL-SULPHUR-319534665-2026	Auction Round # 147: Sale of Sulphur in 27 (Twenty-Seven) Lots i.e.100 (10 lots), 200 (05 lots), 400 (05 lots), 500 (04 lot), 600 (02 lots), 800 (01 lot) from Dakhni Oil Field, District Attock, Near Jand, Punjab.	8000	200,000/-	5% of Gross quoted value	Single Stage Single Envelope	07.05.2026 1130 Hrs	07.05.2026 1200 Hrs

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
3. Tender Notice and Tender Documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3652 / 3780

ogdcl.com
No. 193/44

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.